پنهوارن پچار

ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جي شاعري

مرتب
پروفيسر عبيدالله لاڪير

شاد
SHAD PUBLICATION

پنهوارن پچار
ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جي شاعري
مرتب پروفيسر عبيدالله لاڪير



بسم الله الرحمٰن الرحيم

پَنهوارَن پچار

(شاعِري)

ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر

(PhD) ميهڙ

سهيڙيندڙ

پروفيسر عبيدالله لاکير

(چيئرمين اسپيڊ ميهڙ)

چپائيندڙ

(Society for People's Education & Environment Development) 2026

عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم ميهڙ(SPEED)



ڪتاب جو نالو	:	پَنھوارَن پَچار
موضوع	:	شاعري
سَھيڙيندڙ	:	پروفيسر عبيدالله لاکير
ڇاپو پھريون	:	2026ع
لي آئوٽ	:	بلاول خان سولنگي
ڪمپوزنگ	:	محمد موسىٰ ڪوسو
تعداد	:	500 پنج سو
ڇپائيندڙ	:	(SPEED)

(Society for People's Education & Environment Development)

(عوامي تعليم ۽ ماحول جي ترقي جي تنظيم، ميهڙ)

ڇپيندڙ	:	شاد پبليڪيشنز- حيدرآباد
قيمت	:	800 روپيا

Panhwaran Pachaar

(Poetry)

By

(Dr. Maulana Aijaz Ali Sodhar, PhD, Mehar)

aijazsodhar58@gmail.com



فهرست

درد ڀريو آواز ۽ ضمير کي جھنجھوڙيندڙ

ڊاڪٽر اعجاز علي سوڊر ”انمول“

جڏھن سنڌ جي ادبي دنيا ۾ کو نئون ستارو ابري ٿو تہ ان جي پھرين ڪرڻ سموري سنڌ کي روشن ڪري ڇڏي ٿي. اڄ اسان سڀ خوش نصيب آهيون جو اسان وٽ هڪ اهڙو ئي چمڪندڙ ستارو موجود آهي، جنھن جو نالو ڊاڪٽر اعجاز علي سوڊر آهي. هي نوجوان، ذهين، حساس ۽ قومي جذبي سان ڀريل شاعر ۽ محقق هڪ اهڙي معزز علم دوست ۽ ادب پرور گهراڻي جو فخر آهي، جتان علم جي روشني ۽ ادب جي خوشبوءِ هميشہ پکڙجندي رهي آهي. پاڻ نہ رڳو پي ايڇ ڊي جهڙي بلند تعليمي چوٽيءَ تي پهتل آهي، پر شريعت جو پابند، اخلاق جو امين ۽ انسانيت جو سچو عاشق آهي. سندس شخصيت ۾ عالم ۽ عارف جو اهڙو خوبصورت ميلاپ آهي جو هر ملندڙ کي متاثر ڪري ڇڏي ٿو. ڊاڪٽر اعجاز علي انمول جو قلم درد جو ڏيئو ٻاري ٿو، پر ان شمع جي روشنيءَ ۾ رڳو اونداهي نظر نٿي اچي، اميد جو هڪ ننڍڙو ڏيئو بہ ٻرندي نظر اچي ٿو. هو معاشري جي زخمن تي لوڻ نہ ٿو ٻرڪي، پر مرهم ٿو لڳائي. اڄوڪي ناانصافيءَ جي بازار ۾ جڏھن انصاف بہ وڪامي رهيو آهي، تڏھن هو درد ڀرئي آواز ۾ چوي ٿو:

انصاف وڪاڻو هِتِ آ پئسن تي پَتِ ڪريو
چَند پئسن عيوض ٽِپَل چادر تار تار ڏِسان ٿو

جڏھن ڪارو ڪاريءَ جي نالي تي معصوم ڇوڪرين ۽ ڀيڻيون قربان ٿيندين آهن، تڏھن سندس قلم جذبات جي ترجماني ڪندي لکي ٿو:

ڀَيڻ ڪَرَي قربان سڀ ڪجھ پاءُ مَٿان ٿِي
ڪارِي ڇِئِي ڪاوڙ ۾ ڳنڍ سندس ڏار ڏِسان ٿو

وقت جي ور چڙهي موت کي وساري ۽ نيڪيءَ کي عار سمجهندڙن تي پاڻ ڏک ڀرئي سڏڪي ۾ چوي ٿو:

ماڻهن کان ويو موت وسري سپ بيگانہ آهن
نيڪِي ڪرڻ کي سيڪو سمجهي عار ڏِسان ٿو

پنهنجي پياري سنڌ ڌرتيءَ تي ٿيندڙ لٽ مار، غارت گري ۽ بيوسيءَ تي جڏهن دل روئي ٿي، تڏهن هو چوي ٿو:

سنڌ سيني کي ٿي مالِ غنيمت جو لڳي
ڌارين سان گڏجي لُٽيو پنهنجي سڀَي

سندس شاعريءَ ۾ پيار جي پاڪيزگي، محبت جي مِٺاس، مزاح جي چاشني، سماجي تنقيد جي تيزي، اصلاح جي روشنيءَ سان گڏوگڏ قومي جذبي جو اهڃاڻو جوش آهي جو پڙهندڙ کي رڳو سنجيده نٿو ڪري، پر عمل جي راهہ بہ ڏيکاري ٿو. هو رڳو درد جو عڪس نٿو پيش ڪري بلڪ درد جو علاج بہ ٻڌجي ٿو. سندس هر بيت ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ، وادين جي سرسبزي ۽ درياءَ جي وهڪري جو آواز گونجي ٿو. هن جو هي پهريون شعري مجموعو "پَنهوارَن پَچار" سنڌي ادب جي خزاني ۾ هڪ نادر موتي جو اضافو آهي، جيڪو آنڌيءَ ۾ ڏيئي، طوفان ۾ لنگر ۽ اوند ۾ چنڊ جي روشنيءَ جو ڪم ڏيندو. سائين پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب سندس ڪلام منجهان چونڊ ڪري هن ڪتاب کي ترتيب ڏنو آهي. هي ڪتاب رڳو پڙهڻ لاءِ ناهي، دل ۾ اُتاري سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ آهي.

الله تعاليٰ هن قابل فخر شاعر ۽ محقق کي صحت، سهولت، همٿ ۽ وڏيڪ توفيق عطا فرمائي تہ جيئن هو پنهنجي قلم جي تلوار سان سنڌ جي دشمنن تي وار ڪندو رهي، ظلم جي ديوارن کي ڍاهيندو رهي ۽ سنڌ جي محبت ۾ وڏيڪ خوبصورت ۽ انقلابي لکڻيون لکندو رهي. آمين ثم آمين!

عارفي علي اصغر چانڊيو
03052366338
19 نومبر 2025ع

جنھن ڏيئا ٻاريا ذات جا

فنِ شاعري اھو اسرار آھي، جيڪو دل جي اُتاھ گھرائين مان جنم وٺي فڪر جي آسمان تي چمڪندڙ ستارن جو روپ اختيار ڪري ٿو. ھر شاعر جو قلم، اصل ۾ سندس دل جو آواز ھوندو آھي. ڪڏھن آھ، ڪڏھن دعا، ڪڏھن درد، ڪڏھن محبت، ڪڏھن روشني. ربّ پاڪ جڏھن ڪنھن دل ۾ ذات جو چراغ ٻاري ڇڏيندو آھي، تڏھن لفظ پاڻ مرادو صورت وٺڻ لڳندا آھن ۽ روحاني ۽ فڪري دنيائون شاعر جي اکين اڳيان کُلي پونديون آھن. اھو ئي چراغ، اھا ئي ذات ۽ اھا ئي روشني، ڊاڪٽر مولانا اعجاز علي سوڍر جي دل ۽ ذھن ۾ بہ الله پاڪ رکي آھي. ميھڙ تعلقي جي ڳوٺ شيرو ڏيپر مان نڪرندڙ ھي نوجوان فقط ھڪ شاعر نہ، پر پنھنجي خانوادي ادبي ورثي جو امين ۽ نالي وارو عالم بہ آھي. توھان جي ھٿن ۾ جيڪو ڪتاب ”پَنھوارَن پَچار“ موجود آھي، اھو سندس دل جي صدائن، جذبن جي رواني، فڪر جي پُختگي ۽ جذباتي سچائيءَ جو اھڙو مجموعو آھي، جنھن کي پڙھندي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ ڪنھن دل جي ڌڙڪن لفظن جي صورت ۾ پَنن تي لھي آئي ھجي. سندس شاعري ۾ فطرت جي خوشبو آھي، پنھنجي مِٽيءَ سان عشق آھي، تھذيب جي رچيل خوشبو آھي، ماروئڙن سان محبت ۽ سندن حالن جي عڪاسي آھي. ھو پنھنجي ماڻھن جا خواب، تڪليفون، بي وسيون ۽ اميدون اھڙي سادگيءَ ۽ خاڪي جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو جو پڙھندڙ بيحد ويجھو محسوس ڪري ٿو تہ شاعر سندس دلين جي ڌڙڪن ۽ آوازن کي ٻڌي لکي رھيو آھي. ھو جتي درد کي لفظن ۾ پيش ڪري ٿو اتي محبت کي روشني بہ بخشي ٿو جتي معاشري جي بگاڙ تي سندس دل آزاري

ٿئي ٿي، اتي ئي سندس اصلاحي رهنمائي ملي ٿي . هن جا شعر، ڪڏهن دعا بڻجي فضا ۾ گونجن ٿا، ڪڏهن سرگوشي بڻجي دل ۾ لهندا آهن، تہ ڪڏهن آلاپ بڻجي سماج کي سوچڻ تي مجبور ڪندا آهن. ربّ پاڪ کي سندس عجز ڀري التجا ڏسو تہ ڪهڙي سچائي ۽ نرميءَ سان ڪري ٿو:

ڪر نہ حساب مون مَيري جو
سچو ڏوهہ آهي مون ڦيري جو
ڪيو ڪرم ڪو هن ڳوڄهي مٿان
هَڙ وِڃائي وينس پنهنجي هٿان

هي فقط شعر نہ، پر هڪ سچي انسان جي روح جو آواز آهي، جنهن پنهنجي ڪمزوري بہ مڃي، عِجز بہ ظاهر ڪيو ۽ التجا بہ پيش ڪئي. پنهنجي شاعريءَ جي شروعات حمد ۽ نعت سان ڪرڻ، سندس ادبي بصيرت، روحاني وابستگي ۽ ايماني ڪيفيت جو اعليٰ ثبوت آهي. نبي پاڪ ﷺ جي باري ۾ لکيل سندس نعت پڙهندي دل بہ روشن ٿئي ٿي ۽ نظر بہ:

سيرت تنهنجي سبحان الله
صورت تنهنجي سبحان الله

هي سادا جملا نہ آهن، پر عشقِ رسول ﷺ جي اهڙي تجلي آهي، جيڪا دلين ۾ نُور ڀري ڇڏي ٿي. ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر رڳو شاعر نہ، پر علم جي دنيا جو روشن ستارو آهي. نثر نگاري، تحقيق، پڙهائي ۽ فڪري سفر ۾ اعليٰ مقام ماڻي اسلاميات ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪرڻ سندس علمي سفر جي انهيءَ منزل جي علامت آهي، جتي محنت، قابليت ۽ ايمانداري گڏجي نوان در کولين ٿا. شاعري کيس ورثي ۾ ملي آهي. سندس وڏو ڀاءُ،

ڊاڪٽر الله بخش سوڍر پنهنجي جوانيءَ ۾ شاعريءَ جو آغاز ڪري وڏو تاثر ڇڏيو پر پوءِ طب جي ميدان کي ڏار اهميت ڏئي، تخليق کان پري ٿي ويو. پر هن ٻرندڙ ڏيئي جي لُو کي ننڍي ياءَ ڊاڪٽر اعجاز علي پنهنجي دل ۾ روشن رکيو ۽ اهو ئي جذبو هاڻي ڪتاب جي صورت ۾ اوهان تائين پهتو آهي. سندس عاجزي قابلِ تَحسِين آهي. وزن بحر جي ڳالهه ڪرڻ تي جيڪا محبت سان ڳالهه آڏو رکي اٿائين، اها ئي سندس وڏي همٿ ۽ حوصلو آهي: "مان شاعرن سان مقابلي ۾ نه آهيان، مان رڳو شاگرد آهيان، شاگرد ئي رهندس." اڄ جي دور ۾، جڏهن ماڻهو پنهنجي ننڍڙي شُهرت لاءِ به وڏيون وڏيون دعوائون ڪن ٿا، تڏهن سندس اهڙي عاجزي دراصل سندس سچي ادب پرستي ۽ شخصيت جي خوبصورتي آهي. سندس ڪلام ۾ جتي استاد لاءِ عزت آهي، اتي اخلاص پڻ چمڪي ٿو:

جنهن منهنجي بگڙيل سِيرت سَنوارِي
تَنهن ڪئي پنهنجي زندگي نِڇاور سارِي
جنهن مون لئي پنهنجي چاهت هارِي
تَنهن مٿي هيءَ منهنجي عزت وارِي
جنهن ڏنو منهنجي اندر لِيئو پائي
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي

هي لفظ رڳو تعريف نه، پر انسانيت جو اعليٰ سبق آهن. استادن لاءِ عقيدت، پيتا ۽ احترام جي روشنين سان پريل. استادن جي حيثيت کي بيان ڪندي هن جو ٻيو شعر ته جڻ ته تعليم جي فلسفي کي گهٽ لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

استاد سَندو هي ڪِردار آهي نِرالو
نسل نئين جو مَجيو هِي مَتوالو
فرش تان ڪٽي ٿو عرش رَسائي
مَنزل ماڻي ٿو هرهڪ جي چاهي
استاد جي چاهت کي سوڍر منهنجو سلام

اهو فقط شعر نہ، پر استاد ۽ شاگرد جي مقدس رشتي جو آئينو آهي. ڊاڪٽر اعجاز علي، پنهنجي قلم سان محبت ڪرڻ ڄاڻي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ ڪو نٽ، ڪو جبر يا ڪا مَصنوعيت ناهي بلڪ هو جيئن سوچيندو آهي، تيئن لکندو آهي. اها ئي سندس اصل طاقت آهي. سندس اندر ۾ موجود جذبن جي رواني، هن جي مطالعي جي روشني ۽ دوستن ۽ اديبن جي صحبت جو اثر آهي. اهي سڀ گڏجي هن جي ڪلام کي هڪ نئون تشخص بخشي رهيون آهن. اسان کي پوري اميد آهي تہ وقت سان گڏوگڏ سندس شاعري وڌيڪ نِکرندي، وڌيڪ رنگ، وڌيڪ فڪر ۽ وڌيڪ قوت سان اُڀرندي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن هن جو نالو بہ وڏن شاعرن جي صف ۾ چمڪندو نظر ايندو. اسان جون دعائون، اسان جو ساٿ ۽ اسان جو خلوص سندس سفر ۾ شامل آهي. ربّ پاڪ کيس هر منزل ۾ ڪاميابي عطا فرمائي. آمين ثم آمين

سگهڙ شاعر محبوب علي محبوب ڏيپر، ميهڙ

سگهاري سماج جا خواب ڏِسندڙ

ڪجهه سالن کان ميهڙ ۾ ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر سان ملاقات جو شرف حاصل رهيو. ڪيس علم جي حاصلات لاءِ ڊوڙون پائيندڙ مطالعي ۾ غرق، تحقيق ۾ مشغول ۽ فڪر جي اُٿاهه گهرائي رکندڙ ڏٺم. هي نوجوان پنهنجي طبيعت ۾ نِرالو پنهنجي انداز ۾ لاجواب ۽ پنهنجي فڪر ۾ بي مثال آهي. سندس اکيون ۽ اکر ٻنهي ۾ سماج کي سَگهارو، جڙيل، باوقار ۽ غير مصنوعي ڏسڻ جا خواب هميشہ ڦُٽندا رهن ٿا، جڏهن تہ هائبرڊ زندگيءَ جي مَصنوعيت کان بيزاري ۽ بيچيني صاف محسوس ٿيندي آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ "پَنهوارَن پَچار" نالي سان پنهنجو شاعريءَ وارو ڪجهه حصو ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪيو اٿائين. هي ڪتاب رڳو شاعريءَ جو مجموعو نہ، پر زندگي جي مختلف رُخن، انساني رَوين، سماجي تجربن ۽ ذاتي مُشاهدي جي روشنيءَ ۾ هڪ فڪر جو سفرنامو آهي، جيڪو ڊاڪٽر اعجاز پنهنجي فن جي سَنجيدگي سان بيان ڪيو آهي. جيئن هو هڪ هنڌ چوي ٿو:

ويچا پيا وڏندا وڃن، پنهنجا پاڻ ۾ ٿا ڪِين ٺهن

هڪ زمانو هو جو سماج ۾ اها چوڻي عام هوندي هئي تہ "رت دانگيءَ تي بہ وَرندو آهي" يا "پنهنجو ماري گهٽ ۾ گهٽ ڇانوَ ۾ اڇلائيندو آهي"، پر گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سماج ۾ ايتري تبديلي آئي آهي، جڻ صديون گذريون هجن. سماج جا قدر، سماج جون ريتون رسمون، سماج جو اٿڻ ويهڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ اوڍڻ سڀ ڪجهه تبديل ٿي چڪو آهي. سنڌي سماج جو روايتي ڪٽنب وارو تصور ٽُٽِي برباد ٿي ويو آهي. مائٽن ۾ نہ ختم ٿيندڙ نفرتون، بي سبب دشمنيون ۽ ريتن رسمن جي خاڪ ٿيڻ سان رت جا رشتا بہ ڄڻ بي معنيٰ ٿي پيا آهن. خونريزي عام، جهيڙا گهڻا ۽ مِٽ مائٽ پنهنجن سان

ناراض ٿي غيرن جو سَهارو ڳولهڻ لڳا آهن. سماج جي المين مان سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ سرڪاري ادارن ۾ غير ذميوار ماڻهن جي لَوڏ سياسي آشيرواد هيٺ داخل ٿي وئي آهي. انهن جي حرڪتن رشوت جي مَنڊي گرم ڪري ڇڏي آهي، حالت اها آهي جو جائز ڪم بہ بنا رشوت جي مُمڪن نہ رهيو آهي. قانون جي عملداري جهڙو لفظ ڄڻ لُغت مان ئِي گُم ٿي ويو آهي. اهڙين حالتن تي شاعر سچائيءَ سان چوي ٿو:

رِشوت سِوا هِنن وٽ ڪو رستو ڪونهي
پَگهر پَنهوارن جو ڪو سَستو ڪونهي

جڏهن سماج ۾ شرافت جو سِڪو پنهنجو قدر وڃائي ويهي ۽ ٺڳ، ڏوڪيباز ۽ گهٽيا ماڻهو بہ عزت وارن هنڌن تي ويهاريا وڃن، تڏهن خلق جي زبان تي اهو جملو ٻڌڻ عام ٿي وڃي ٿو تہ "ادا ڪَچر ۽ ڪلر جو وارو اچي ويو آهي." ان صورتحال تي شاعر جو طنز ڏاڍو تيز ۽ بيباڪ آهي:

لُوسي لاف هڻندو، محفل جو مَور هوندو

سنڌي سماج ۾ اوطاق جو مَقام اڳي اسڪول جهڙي درسگاهہ جهڙو هوندو هو جتي وڏن جون ڳالهيون ننڍن جي ذهنن ۾ روشني وجهنديون هيون، ننڍا وڏڙن وٽان تهذيب، عزت، احترام، پنهنجائپ، همدردي، محبت، ويساهہ ۽ قرباني جهڙين خوبين جي تربيت حاصل ڪندا هئا. پر اڄ اهي اوطاقون ويران آهن ۽ محبت، جيڪا سنڌي سماج جو روح هئي، اسان جي زندگيءَ مان موڪلائي وئي آهي. ان درد کي شاعر هن نموني بيان ڪري ٿو:

ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

اوطاقن جو ويران ٿيڻ رڳو عمارتن جو خالي ٿيڻ نہ پر غير رسمي تربيت، وڏي جي عزت، ننڍي سان محبت، گڏجڻ ۽ ٻَڌجڻ واري ثقافت جو

ختم ٿي وڃڻ آهي. جڏهن سماج ۾ ظلم ۽ ڏاڍ وڌي وڃي ته حساس دل وارو انسان اندر ئي اندر ٽُٽِي ٿو پوي. اهڙي ئي ڏک سان شاعر سوال ڪري ٿو:

اسان جو آ ڏوهه ڪهڙو هتي جي ڄمياسين؟
هر پل هر موڙ تي اسان ڇو رُناسين رڙياسين

هي مايوسيءَ جي انتها آهي. زندگي، جيڪا الله تعاليٰ عقل ۽ شعور ڏئي انسان لاءِ خوبصورت بڻائي آهي، اڄ ماڻهن جي هٿن ۾ بيساختگي ۽ بي قدريءَ جو ميدان بڻجي وئي آهي. ماڻهو ڇون ٿا ته ڄمي ڦاسي ويا آهيون. سِڪڻ ته پري جي ڳالهه رهي، ساهه کڻڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. سماج ۾ غير قانوني لاڙا وڌن ٿا ته انسان سوچيندو آهي ته آخر هن اونداهي سفر جي پڇاڙي ڪٿي دنگ ڪندي؟

ملڪ ۾ خاص طور تي نياڻي، اڄ به ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار آهي. هن جا حق کسجي ويا آهن. سندس عزت اڄان تائين محفوظ ناهي. ڊاڪٽر اعجاز سوڍر نياڻيءَ جي فرياد کي ”سُور سَلِيان“ جهڙي درد ڀري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جيئن چوي ٿو:

انمول چريو آهين، تون چريا چپ ڪر
هٽ چوڻ به ڏوهه، هجڻ به ڏوهه

۽ پوءِ هڪ تلخ سچائيءَ سان چوي ٿو:

ديس اهڙي ۾ بغاوت جائز آ

جڏهن ڳالهه ڳري ٿي وڃي ٿي ۽ سماج ڀُري رهيو هجي ۽ قدر ناياب ٿيڻ وارا هجن ته پوءِ بغاوت کان سواءِ ڪهڙي واهَ نظر ايندي؟ ترقي يافته سماجن ۾ رياست جي سياست اهڙي آهي جو ان ۾ خلق خدا جي ڀلائي سندن ايجنڊا هوندي آهي پر هتي سياست خدمت بجاءِ ڪوڙ جي علامت بڻجي

وجي تہ پوءِ ڪھڙو صحتمند معاشرو تعمير ٿي سگھندو؟ اھوئي سبب آھي جو شاعر چوي ٿو:

ڏڻ جو ڏٺِي پڪو فصل ڪٽِي، اجان بہ پيٽ بُکارو ڇو؟
ڏوڪو فريب هنرمندي مڃيو آ هن
ايندڙ نسل کي اهو پڙهائي ٿو انسان

هائبرڊ زندگي، مصنوعي مرڪ، جعلي رشتا، بنا احساسن جي ملاقاتون، بنا سچ جي گفتگو! شاعر انهيءَ مصنوعي دور کي ڏسي چوي ٿو:

هائبرڊ هلي پئي زندگي، مَصنوعِي مُرڪ سَجائي

اهڙو سماج، جيڪو ڪاڏي ڪان وٺي ڪردار تائين ملاوٽي ٿي چڪو آهي، جتي لفظن ۾ سچائي گهٽ ۽ نمائش وڌيڪ آهي، اتي دانهُون ڪُوڪُون ڪرڻ شاعر لاءِ فرض بڻجي ٿو. ڊاڪٽر اعجاز علي سوڍر پنهنجي ڪلام ۾ هر هنڌ حق جو هوڪو ڏنو آهي ۽ هائبرڊ زندگيءَ کان سخت خائِف نظر اچي ٿو. هو پراڻي دور جي سچائي، اصل کاڌن جي خوشبو، اصل احساسن جي گرمي، اصل قدرن جي عظمت ۽ اصل نسل جي ضرورتن لاءِ آواز اٿاري ٿو. هن جا خواب هڪ سگهاري، گڏيل، محبت ڀري ۽ باوقار سماج ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

مون ڪوشش ڪري سندس ڪلام منجهان ڪجهه انتخاب ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. اميد آهي تہ سندس هن پورهيي مان ايندڙ نسل رهنمائي حاصل ڪندو ۽ سماج کي بهتر بڻائڻ جي راهه اختيار ڪندو.

پروفيسر عبيدالله لاکير — ميهڙ
15نومبر 2025ع

جُهڪي اچ آيو آهيان در تنهنجي

ڏوهہ مَجي اچ آيس اڳيان تُنهنجي،
معافِي ڏِين مُحِبّ توڙي مارين،
جُهڪِي اچ آيو آهيان در تُنهنجي.

ڏوهي آهيان ڏوهہ مَجان ٿو،
توبن آهيان ڏَوهہ مَجان ٿو،
غلطي ٿِي غلطان ۾ آهيان،
دنيا سندي گمسان ۾ آهيان،
نِمي اچ آيس گهر تنهنجي.

پَتڪِيَل رُوح رهيو راهُن ۾،
اثر ڪو ڪِين رهيو آنهُن ۾،
ڪٿِيَل بازي مان هارَي وينس،
مَجبور ٿِي لڙڪ لارَي وينس،
بيوس اچ آيس پَر تُنهنجي.

ڪر حساب نہ مُون مَيرَي جو،
سچو ڏوهہ اٿم مُون ڦيرَي جو،
ڪر ڪرم ڪو هِن ڪوجَهي مَٿان،
هَڙ وِجائي وينس پنهنجي هٿان،
”اعجاز“ عاصِي اچ آيس تر تُنهنجي.

مان مصطفيٰ جي شفاعت ٿو گهران

يا رب تنهنجي عِنايت ٿو گهران،
يا رب تنهنجي رعايت ٿو گهران،
مان مصطفيٰ جي شفاعت ٿو گهران.

تو کان تنهنجو شوق ٿو گهران،
ذاتي ذڪر جو ذوق ٿو گهران.

تو کان حالِي حَلاوت ٿو گهران،
تو کان شوقِ عِبادت ٿو گهران.

رب تو کان روح جي راحت ٿو گهران،
الله تو کان اهڙي چاهت ٿو گهران.

پروردگار ڏي پناهہ ٿو گهران،
غائب دفترِ گناهہ ٿو گهران.

زهد سندو زيب ٿو گهران،
ڍڪين سندو عيب ٿو گهران.

صحابہ جي محبت ٿو گهران،
الِ رسول جي الفت ٿو گهران.

عاصي هان انمول عِنايت ٿو گهران،
سزاوار هان ”سوڍر“ سعادت ٿو گهران.

محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي

ٻيڙو منهنجو پار پُڄاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي،
عرض منهنجو تون اگهاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

گناهن ۾ گذارَي مون عمر سارِي ڇڏيم،
ڪِرت نہ مون ڪُڏن ڪمن وارِي ڇڏيم،
بيوس هان بَچاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

تنهنجو در ڇڏيان تہ پو ڪاڏي وڃان؟
سفر اڙانگو ٿو سُجهي اڳيان ڏاڍو اجان،
روئندي کي پرچاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

ڏاتار تنهنجي ڏيهہ ۾ ڏوهہ ڪيا ٿم ڏاڍا،
نفس نِهوڙي ماريو جيئن وڻ وَڍِن ٿا واڍا،
روح منهنجو ريجهاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

مايوس ناهيان مالڪ مان، پراميد آهيان،
بيشڪ آهين باري تون، مان نااميد ناهيان،
رحمت پنهنجي وَساءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

عيبن ڀريل آهيان سائين، ”سوڍر“ مان سارو،
بخش باري تون، لَهَي مَنَ تان مُونجهارو،
هادِي اهو حڪم هلاءِ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

اُمتي تنهنجو آهيان

بُرو هان بدڪار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان،
ٻئي جي پَلڙي ناهيان، امتي تنهنجو آهيان.

گناهن ۾ گھارِي عمر سارِي، دل وَيچاري ڏکن جي مارِي،
بيوس هان لاچار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

آهِين يتيمن يار تون، اَڙيَن جو آڌار تون،
عاصِي هان نادار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

قاسِم هِين ڏاتار هِين، غميگينن جو غمخوار هِين،
ٻانِهي ٻچو سرڪار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

تنهنجو شاهي شانُ ٻڌايو رب آ مَٿاهون مانُ ٻڌايو
ڪوجهو هان قصور وار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

توڏي تاڻي مولا جاڻي، هوڏ نہ هاڻي دل ويڳاڻَي،
بندَو مان بيڪار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

شيطان ڀُلايو نفس رُلايو مَنَ مُنجهايو تنَ تڙپايو
ڪُڌو ٻڌيَل ڪردار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

ڏوهِي آهيان انڪارِي ناهِيان، ڪهڙو ويهِي پاڻ پَڏايان،
وَهمَن پيريو وِيچار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

"اعجاز" ڪري ٿو آزي، سُهڻل ٿِي تون راضِي،
پوئِتَي پيل پِرڪار هان، تنهنجَي ئِي آڌار هان.

سِيرت تنهنجي سبحان اللهؒ

صورت تنهنجي سبحان الله، سِيرت تنهنجي سبحان الله،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

ڪنهن پڇيو امي عائشہ منهنجي نبي جي سيرت ڇا؟
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

امان عائشہ ان کي چيو ها، قرآن تو پڙهيو نہ آهي ڇا،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

چنڊ آڱر اشاري ٽُٽي پيو، ٿڻ جدائِي ۾ رَوئِي پيو
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

خود خدا قرآن ۾ فرمايو آهہ، لقد کان لکم في رسول الله اسوة حسنہ،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

رَوئِي رَوئِي رب ريجهائي، يا رب منهنجي امت آهي،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

گهر منهنجا محبوب مون کان تون، جنت جي وارثن جو سردار تون،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

هر نبي يا ربّ نفسِي نفسِي، هِڪَ هستِي يا ربّ امتِي امتِي،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ،

”اعجاز“ ادا نصيبن وارا هُون، امام الانبياءِ جا وارث هُون،
لا الٰہ الا اللّٰہ، لا الٰہ الا اللّٰہ.

نعت

مُون کي چَوَي پيو چاهہ مان، غافِل نہ ٿِي هرگز ذرَي،
نور نبيءَ جي ذات جو، پيو مِهر مُون تي ڪرَي،

هاڻي فقط حَسرت بَچي، دِل سدا ٿِي ساري پِئِي،
نوري رُخ رَوشن مِلي، دِل منهنجي نارَي پِئِي،
ساهہ ٿو اهڙو گهران، جنهن ۾ نعتن جي خوشبو ڀرَي،

رحمتن جو تاجدار، آهي نبي لائقِ ثنائون،
جنهن لاءِ رب چوي ٿو: ”سَجدو ڪن سڀ زمينون!“
منهنجون اکيون پيي سدا، اُن در جي رهن ٿِيون آسِرَي،

رب جي حضور آسِري آهيان، التجا اٿم بس ايتري،
ڪجهہ بہ نٿو گهران، فقط آسَ آهي هيتري،
هي آهي در اُهو جتان هر دل دُکِيءَ کي دوا مِلي.

روئِي روئِي رات ڪاٽِيان، رب کي سَڏِي سَڏِي مان،
وَيهان سندن در اڳيان، پنهنجو گهر اڏي مان،
صبر ڪيو مون بي حساب، آس جي انڌاريءَ ۾ آنهُون ڀرَي،

رب ڪري وسِيلو بڻجي، مدني محبوب جي شفاعَت،
زندگي جي هر ساهہ ۾، هُجي سندن نعت جي تِلاوَت،
قبر ۾ هُو نصيب ڪرَي، پو ”سوڍر“ ٿُنهنجي سَرَي،

هاءِ شرمندگي

گناهن ۾ گذاري ڇڏيم، اجائي وئي هِيءَ زندگي،
عاصي رهيم عبادت ڪان پري، ڪين ڪيم ڪا بندگي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

سُورن سَندي هِتِ سَڪراتِ تي، ڪاري قبر ۾ فِڪرات تِي،
غفلت ۾ وئي گذري، هاڻي ڏکي هر هڪ رات تي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

جنهن وقت جدا هِيءَ جانِ ٿي، ويس مان حيران ٿِي،
جيءُ منهنجو جُهري پيو، ويس غمن ۾ غلطان ٿِي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

مِٽ مائٽ ويا سڀ ڇڏي، مِٽي منجهه ويا هو گڏي،
سمجهي ڪِين سگهيم، لالڻ پيي ويا اڳ لڏي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

سُڪَ اندر سامِي آهيان، خوب پريل خامِي آهيان،
دنيا دورنگي دُور ٿِي، هِتِ پيو بي دامِي آهيان،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

قبر منجهہ قيد ٿيس، ڀانئين ڳُل ڀيد ٿيس،
شاهِي منهنجو شانُ هو، دنيا اندر ناپيد ٿيس،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

ٿو محشر جو ميدان سجهي، آهيان گناهن ۾ جَجهي،
رَسج رهبر تون راهہ ۾، مَتان مجبور مِيزان ۾ مُنجهي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

قادر اڳيان کهڙو ڪنڌ کڻان، وِڃائي سڀ ڪجه وينس هٿان،
وهِي سو وقت وَيَڙو، جيڪو پوکيو سو وينو لُڻان،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

پل صِراط شل پار ٿِئي، غلام تنهنجو ناخوار ٿِئي،
دوزخ جي دڙڪي کان آجو، ٻانهِيءَ جو هي ٻار ٿِئي،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

انمول اهو ئِي عرض آ، ٻي نہ هاڻي ڪا ئِي غرض آ،
”سوڍر“ جا سُٽج سَڏِڙا، وَڏي ويو هِي مرض آ،
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي. هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي.

ڀانئين = واقف، سُونهَون .بي دامِي = بي قيمت

ڀيد = راز

مِنٽي ٿِيَٽو آهيان

مان مِٽيءَ جي ڍَيري، مِٽي ٿِيَٽو آهيان،
پرديس رهي ديس پُڇي پو وَرٽو آهيان،

جَي هِڪ وار وَيُس ءِ پار پَيُس، پو وَاپس هرگز وَرٽو ناهيان،
ڳيسِين رَهندُس نيث تہ ڍَهندُس، ڏوڪي جي ڍِيوار جو آهيان،
قبر ۾ قيد ٿِيندس، دنيا ۾ ناپيد ٿِيندس، هڪ ڏينهن تہ مَرٽو آهيان،
ڪيترو بَچندُس ڪُوٽُ ڪِيڙن جو ٿِيَٽو آهيان.

هَيڪل هَلِبو مَوتِي مُور نہ اچبو، بَيوس هي سڀ بار چڏي،
چَورَي چَپُ نہ سَگهبَو پَيو رَهبَو، هِي سارِي جيت ءِ هار چڏي،
سُٽائي نہ سگهبو سڀ پَيو سَهبَو، سُونهَن پريو سَنسار چڏي،
سڏ جو ٿِيندو سِگهڙو هَلبَو پو لِڪٽو ناهيان،

بي ساهہ ٿِيندس ڪٿ تي ڪجَندُس، ڪانڊِي ڪُلهَن جو هوندس،
روئندا رَڙندا ڏئِي اوڇنگارون هلندا، بيوس پَيو جو هوندس،
مِٽيءَ ۾ واڙِي لَٽُن سان لتاڙِي، سُڪَ اندر سامِي جو هوندس،
دفن ٿِيُس جڻ فنا ٿِيُس وري تہ وَرٽو ناهيان،

پنهنجو پاڻ پَلي سڀ سُورَ سَلي، چُپ ڪٽي مِٽ مائِٽ ڪندا،
وِسرِي وِيندس بي نام بہ ٿِيندس، ذڪر نہ ظاهر ذرو ڪندا،
اڄ "انمول" آهيان بي مول بٽِبُس، سڀ دنيا جا ڪم ڪار ڪندا،
شانُ ويو ٿِي گمسانُ ويو شمشان ۾ سُمهٽو آهيان،

سُٺو سَنيهو

ڪر سوچ سُٺي اڙي انسان عقل وارا،
راهہ رَسُ رهنمائي واري پلي ذِهن وارا،
موتُ ايندئي اوچتو اونداهي وانگر،
رهجي وِيندَئي حَسرتون حُسن وارا،
رهجي ويران ويندي ان وقت تون،
ملڪ الموت ايندئي ڪرڻ قيد يارا،
ڪندي مِنٿون آزيون تون گهڻيون،
ڇَوَندَئي ڇڏيندو ساڻءِ ڪونہ مِنٿ ڪرڻ وارا،
ساهہ ڪُڍندُئي سُور ڏئي رَتُ روئاري،
پوءِ بي جان بي حوصلا هوندي جانِ وارا،
مُردو، مَرحوم، لاش، جنازو لقب مِلندَئِي
کٽِي رکندَئِي کٽ تي مُحب مِلڻ وارا،
دانهُون درد واريون ڪندا ٻچا ٻار تنهنجا،
روئندا پِٽِيندا تو کي ڪرڻ پيار وارا،
ڪندا دانهُون لاش تنهنجو ڏِسِي،
سيئي دوست تنهنجا دلبر دل وارا،
پرچائي سگهندَي ڪنهن کي ڪِين تون،
توڙي جو سڀ ڪجهہ ٻُڌندَي ٻُڌڻ وارا،
غسل ڏيندا تو کي وَڏي خيال سان،
خوشبوءِ عطر بہ هڻندا تو کي چاهت وارا،
جنازو پڙهندَئِي پنهنجا توڙي پراوا،
مُنهُن ڏِسِي موڪلائيندا مِلڻ وارا،
ڪُلهو ڏئِي قبر تائين هلندا هَرَئِي توسان،
دانهُون ڪري دفنائِيندئِي دفنائِڻ وارا،
موڪلائي سگهندي ڪِين تون ڪنهن ڪان،

رکِي حَسرت هليو هلندي هلڻ وارا،
مجبور هوندَي تون مِير مُعتبر ماڻهو
لاچار ٿِي رهندي محبتون وَنڊڻ وارا،
ڪري بند ڪاري قبر اندر تو ڪي،
واپس ورندا پو سيئي وَرڻ وارا،
ڪندين وَس وڏا روئي رَڙي تون،
هوندا ڪير نہ تنهنجون دانهُون ٻُڌڻ وارا،
يار دوست مٽ عزيز اڪيلو ڪري،
هلندُئِي ساڻ ڪو بہ نہ خوش ٿِي ڪِلڻ وارا،
دنيا جي ڪا عشرت نہ مِلندئي هوش ڪر،
ڪفن بہ يا نصيب ٿئِي قرب وارا،
ڪم ڪهڙي جُون پوءِ هي ڳُل ڳمايون،
دنيا جُون هِي آسائشون عَيش ڪرڻ وارا،
دنيا جو ايڏو حِرص نہ رک تون اي بندا،
دنيا جي لالچ ۾ خدا کي وِسارڻ وارا،
حق حساب تہ قبر اندر ٿِي ٿِيندُئِي،
الله جي عبادت کان او نٽائڻ وارا،
قِيامت تہ پري جي ڳالھ آ اي مِيان!
قبر جو درد ڏاڍو ڏکيو آ سَهڻ وارا،
عذاب قبر هڪ رات، پُوري حياتيءَ جي،
کِل کَسِڻُ اٿئِي غِفلت ۾ گذارڻ وارا،
ايئن بہ ناهي تہ ڪو خدا کان وِسريل هِين،
خدا کي ياد آهين تون خدا کي وِسارڻ وارا،
بس ”انمول“ چيا سمجهائي تو کي ادا،
”سوڍر“ خود گنهگار، سمجهہ سمجهڻ وارا.

زندگيءَ جي حقيقت

سڀ ڪجهہ هِتِ ڇڏڻو پوندو، پاڻ کي هيڪل هَلڻو پوندو
جوش جواني ڪَرَي پاسَي، پاڻ کي ٿورو پَلٽڻو پوندو

مگن ٿي آخر پلجي وياسِين، دنيا ديواني ۾ رُلجي وياسِين،
ظالم جابر کي مُنهن تي، سچ سَراپا چوڻو پوندو

دنيا جي هر شي فانِي آهي، ختم ٿِيڻِي جوش جوانِي آهي،
دنيا هِيءَ قيد خانو آهي، ڏِيان انهيءَ ۾ ڏرڻو پوندو

بي فڪر سڀ سُتل آهن، هِتِ درد سِيني ۾ کُتل آهن،
مَنَ ۾ رکِي جو مَير هلي ٿو، ساڻ انهيءَ جو ڇڏڻو پوندو

ڏِسِي ظالم چوي ٿو خير آ، هِتِ مَٿُ نہ منهنجو ڪير آ،
انسان مِٽيءَ جو پتلو آهي، هڪ ڏينهن تنهن کي ڀڄڻو پوندو

هر ڪو پنهنجا ناهہ ناهي پيو، ٻئي کي ڇڪي هَيٺِ لاهي پيو
جيڪو پاڻ پَڏائي وينو، تنهن تي ڪجهہ تہ لِکڻو پوندو

ڏِيدار لئي ٿو دعويٰ ڪري، ”انمول“ ٿڏا پيو ساهہ ڀَري،
محبوب جو مَنَ اندر ۾، مَحل اهڙو ڪو اڏڻو پوندو.

يا رب تنهنجي عدالت ۾

يا رب تنهنجي عدالت ۾ گيس ڪهڙو ڏِس مُون آندو آهي،
لُڙڪ اکين مُون هرگز ناهِن جيءُ جُهريل مُون آندو آهي.

جنت جنهن جي قدمن ۾، سا ماءُ پٽ آ پاڻ ماري،
سدائين پاءُ ڪي سينگاري جا، سا پيڻ پاءُ چاڪاڻ ماري،
ڪاري چئي تنهن ڪاوڙ ۾، لاش لاوارث ڏِس مُون آندو آهي.

هوش نہ رهيو هاڻِ ڪو، فحاشي جو اڏو آ هر ڳوٺ بڻيل،
ڪا رَوئي پنهنجي قِسمت تي، ڪنهن جي ساموهن ڪُونڊر آ ڪٽيل،
ماريو ويو ڪو ميڙ ۾، گنڊ ڪپيل ڏِس مُون آندو آهي.

مولا تنهنجي مسجد ڪي وِيران ڏِس وَيرِيُن آ ڪيو
غافل بڻجي غفلت ۾، هوٽل ڪي آ آباد ڪيو
ناهي راضي تنهنجي راهہ ۾، بدڪار پريل ڏِس مُون آندو آهي.

چوڻ وارا سڀ ويا مَري، وَسَ وارو چَوي پُوڄا منهنجي ڪيو،
مخالف سَي تنهنجي هلِي، سو باغي اسان ڪي تنهنجي ڪيو،
جنت آ جن جي نِيڪي ۾، عاري عبادت ڏِس مُون آندو آهي.

پاڳل چريا بيوقوف اچي تنهنجا بندا بڻيا،
جن ڪي ڏانءُ آ ڏاهپ جو، سَي نہ سِياڻن منجهہ ڳڻيا،
انمول چريو انڌن جي عقل ۾، نابين نظر ڏِس مُون آندو آهي.

بي وس بندَي جي مُناجات

ساهہ ويو، تہ شور ويو، ماٺ ٿِي وئِي هر هڪ ڳالهہ،
هاڻ تہ تو سان آهيان، اي رب، مُنهنجي ٻڌ تون پُڪار.

سڀ ڪجهہ هَٽان ويو، ساٿ رهيو نہ ڪنهن جو ساڻ،
اڪيلو آهيان تنهنجي آسِري، آهيان مان بَندو بيَڪار.

ڏوهي هان ڏوهہ مَجان ٿو، هاڻي آهيان مان لاچار،
گناهن ۾ غرق سارو، پَرک جهڙا منهنجا ناهن پرڪار.

قبر انڌاريءَ ۾ مون ڪي، ڪوئِي وَسِيلو نہ واهر سُجهي،
دانهَن آهي، آهَہ آهي، ڏاڍو ڏکيو سُجهي ٿو آزار.

نہ عمل ڪو، نہ عبادت، نہ ذڪر جو شمار،
تون ئِي آسرو، تو ڪي سَڏي ٿو ٻانهِيءَ جو ٻار.

تنهنجو بَندو آهيان، خطائون مون خوب ڳيون،
بيوس هاڻي پيو آهيان، سڀ ڪجهہ آ تنهنجي آڌار.

حياتِيءَ ۾ ساٿ ڏِنو تئِي، پل پل پيار ڏِنو تئِي،
قبر جي انڌاريءَ اندر، تنهنجو ئِي آ انتظار.

ناهي نيڪي، نہ ڪو ثواب، ڏوهن جا انبار آهن،
بخش مُنهنجون خطائون، ڳيون جي بيَشمار.

رب رحمت جو آسِي، ڏاڍو هان خوار،
تنهنجي در سَوالِي، بلڪل بي وس ۽ لاچار.

زندگي گذاري مون غفلت اندر، ناهي ثمر ڪو ساڻ،
مَيتي مَدايُون مُنهنجون، ڪر منهنجو ٻيڙو پار.

بي ثمر آهيان اهڙو، جيئن ڪُن ۾ ڦاٿل ڪو ٻيڙو،
قبر ڪاري، رڳو انڌاري، پُڪاريان تو کي بار بار.

سَفر هيڏو اڙانگو اڳيان، هَٿين خالِي ڪِيئن ڪريان،
آسري تنهنجي آهِيان، مِهر سان پُڄائج مون کي پار.

بخش باري "اعجاز" کي، ڪوتاهيون مَيتي سڀ معاف ڪر،
عاجز بَندو آهيان، آهيان تنهنجي ڪرم جو طلبگار.

عشق جو فلسفو پُڇڻ ڪُلفت جو ڪاروبار آيو
محبت جو مَزو ماڻڻ وَحشت جو وَهنوار آيو
انڌ ڏِسَو "انمول" هِتي ڳنڍ ڪُهَي پيو ڪاتِيءَ کي،
چاهت جو چَنگ چَورڻ عداوت جو اظهار آيو.

سَنواريندڙ سَڏ

مَديني جو تصور تري آيو، دِل مُنهنجي روئارَي ويو،
نبيءَ جو نور ياد آيو، دِل مُنهنجي سَنوارَي ويو.

واهُ آيو مَدِيني جو، هر ڏک مُون کان وِسارَي ويو،
ڪو عطر اُن جي نالي جو، درد دِل کي وِسارَي ويو.

فقِيرن تي ڪرم ٿِيو مِلِي بادشاهِي ان در جي،
هزارين رُلِيَل رُوحن کي، سُڪُون سو پُڄائي ويو.

سَنهڙو، نرم، روشن چهرو، مُحبت جو هو آئِينو،
نظر جنهن تي پَيئي، تنهن کي سَنوارَي سُڌارَي ويو.

زمانو جاڳي ٿو جهڙو، اُهو پاڪيزه ڪاروان تهڙو،
جيڪو ظلم جي صحرا ۾، حق جو نعرو وارَي ويو.

ياد آيو پُنهل جو ڏيرَو، مُنهن پنهنجو پڇايو مَيرَو،
”سوڍر“ سامهون نظرن جي، نقش نبي جو اُڀارَي ويو.

مان سنڌي آهيان، سِرُ سَهائي اِيندس

مان سِنڌي آهيان، سِرُ سَهائي اِيندس، گَفن گُلهَن تي پائي اِيندس،
مَرڻو تو کان مُور نہ آهيان، جيون جَوت جَلائي اِيندس.

مارِي کيئن مارَي ماتِ کندَي، مان واڪا ڪِي وَرندُس،
بند کھڙو تون واتُ کندَي، مان سازا ڪِي سُرندُس،
مُڙڻ مُون کي مُور نہ ايندو آ، مِٽيءَ اهڙي آهيان اُپايو،
کيتري اوندھ پِرِي رات کندَي، مان ڏِيئا ڪي ڏِيندس.

ظاهر کھڙي کھڙي ذاتِ کندَي، مان انسان ڪِي اِيندس،
جبر جَيترو تون جات کندَي، مان مَيزبان ڪي مَوٽندُس،
ماتِ کرڻ مُور نہ ڄاڻان، اهڙي جيجل جو آهيان جَنمِيو،
پو قھري کيترا کاتَ کندَي، مان ايمان ڪِي اُٿندس.

لِکِي لِکِي جيترا گھاتِ کندَي، مان وِيرتا ڪِي وِيندُس،
ڏوهِي کھڙي منهنجي ڏاتِ کندَي، مان چيرتا ڪِي چُرندُس،
سنڌ تي سِرُ ڏيڻ سَولو آهي، "انمول" پنهنجو ايترو ايمان اٿم،
تورَ ۾ کھڙي مُنهنجي تاتِ کندي، مان لاتِ ڪِي لَوَندُس.

هي سڀ نقش ڪاريون ڏِسِي

مُنهنجي زِندگيءَ جُون ساز پريون ساريون ڏِسِي،
مُنهنجي جَوڙي جيون جُون لشڪاريون ڏِسِي،
دشمن کي داغ لڳو هي سڀ نقش ڪاريون ڏِسِي.

مِٽيءَ سان محبت ايمان مَجيو مُنهنجي ماروئڙن،
سَنگَ سَنڀالِڻ کي شانُ مجيو مُنهنجي سانگيئڙن،
دنيا دَنگ رهجي وَئي سَي سندن تابڪاريون ڏِسِي.

ڌرتيءَ کان جيئرَي جُدائي پنهنجي ڪار ناهي،
سنڌوءَ سان غداري جهڙي ير ٻي ڪا گار ناهي،
پَير پوئِتي ڪِين کبو ڪي حُسن ڪاريون ڏِسِي.

دودن سَندو ديس مُنهنجو شل وَسندو رَهَي،
مُنجهيل مارُو مُنهنجو ٻهَڪندو ۽ کِلندو رَهَي،
"انمول" دِلڙِي شاد ٿِيندي پو مال چاريون ڏِسِي.

نندپڻ

بَچپن ۾ بَدمعاش هُئاسِين، نندپڻ ۾ نوابَ هُئاسِين،

زماني جي هَوائن کان بي خبر،
حَسِينن جي ادائن کان بي خبر،
بي نمازي هُوندَي بي ڏوهِي هُئاسِين،
ڏِسَندا نہ کو گناهُہ ۽ ثواب هُئاسِين.

اسان جا ٻِي ناز نخرا کڻڻ وارا هُئا،
اسان مَٿان ٻِي گَي سر گهورڻ وارا هُئا،
وِڙهي وَري پَرچَڻ ۾ هُوندا ماهِر هُئاسِين،
ڏِسندا اسان ٻِي وڏا خوابَ هُئاسِين.

حق وَٺندا هُئاسِين سِينا زوري ڪَرَي،
مُڙندا ڪِين هُئاسِين سِڌِي ڏوري ڪَرَي،
ادائون ڪرڻ ۾ هوندا اسان اورُ هُئاسِين،
سُمهندا سُڪون سان تن اگهاڙِي ٿُرابَ هُئاسِين.

سُمهَڻ لاءِ نہ ڪَڏِ کو هنڌ هو طلبيو،
سُور سَهِي يڪدم ابي امڙ سان سَليو،
رکندا مَن ۾ نہ ڪنهن لئہ ٻِي مَير هُئاسِين،
تڏهن تہ چوڏهين جا هوندا مهتابَ هُئاسِين،

دل ۾ رکيو نہ ڪڏهن ڪنهن لئي ڪو داغ هُيو،
ڏک سُک ۾ زبان تي رَهندو پنهنجو ڪو راڳ هُيو،
"سوڍِر" سَوچُن کان آجا اميراڻا ٻار هُئاسِين،
هر ڪنهن تي ڪندا انڌو اعتماد هُئاسِين.

قبر ۾ اسان سان گڏ ڪير هوندو؟

مَيلا مَتَل هوندا، رانڊِيون رَتل هونڊِيون،
ڳِپيَل ڳَنڍ هوندا، ڏرتِيون تتل هونديون،
جُرم جاري هوندا، مِحفلون قِتَل هونديون،
ساڳيا سُورَ هوندا، اميدُون اٽل هونديون،
ساڳيو ڦند هوندو ۽ ساڳيو ڦير هوندو،

ظلم کي زور هوندو، ڏاڍ کي شور هوندو،
لوسِي لاف هَڻندو، محفل جو مَور هوندو،
مِسڪين مَرندو، هِنيانءَ تي تور هوندو،
پَيرِي پَنڌ پَوَندو، ساڳيو ئي چَور هوندو،
ڪو اجرو ڪنهن جي مَنَ ۾ مَير هوندو،

ڪو چاهت ۾ چريو، ڪو چريو پيو ڪريو،
ڪو نفرت پريو، ڪو محبت منجهه مَريو،
ڪو تار ۾ تريو، ڪو مُٽِس سَڏائي پَريو،
ڪو ڪنهن تي ٻَريو، ڪو واٽ تان وَريو،
ڪو ڏاڍو پاڻ کي سَمجهندو شير هوندو،

ڪا سَتِي جَتِي هوندي، ڪا نچندي ڪُڏندِي،
ڪا قدر ڪِين ڪندِي، ڪا پُڇندِي هوندِي،
ڪا روز روز مَرندِي، ڪا جيئندِي هوندِي،
ڪا ڪِل ۾ ڪَيري هوندِي، ڪا رَوئندِي هوندِي،
ڪا هوندِي قابو، ڪنهن پازيب پَير هوندو،
ڪِٿي آنهُن ۽ دانهُن سندو درمان ٿِيندو،
ڪِٿي ڪنهن جي آرزو جو ارمان ٿِيندو،
ڪِٿي ڪنهن پرڪار تي پشيمان ٿِيندو،
ڪِٿي انسان بَيهوش بي ايمان ٿِيندو،
ڪِٿي پاءُ تہ ڪِٿي وَري سَير هوندو،

ڳڏِ چاهت بہ ڪنهن کي چَريو چورينديِ،
ڳڏِ راحت بہ ڪنهن کي رڙيو رڙينديِ،
ڳڏِ ساعت بہ ڪنهن کي سڙيو سڙينديِ،
ڳڏِ پارت بہ ڪنهن کي تڙيو تڙينديِ،
مِنٿ نہ مَجبي، ”سوڍر“ پو بہ خير هوندو.

نياڻِيءَ جي فرياد

منهنجو هِتِ جَمڻ ٿيو سُورن ۾،
منهنجو هِتِ مَرڻ ٿيو سُورن ۾،
مون هِتِ جيڪي ڪيو ڪمايو،
مُنهنجو پيدا ٿِيڻ ٿيو سُورن ۾،
مان نِدوري نِهوڙيندي ٿِي رَهان،
مُنهنجو ڏرتِي هَلڻ ٿيو سُورن ۾،
مان ماروئڙن جي هان موهِيَل،
مُنهنجو ڪِٿي مِلڻ ٿيو سُورن ۾،
مُون اچيءَ ڪي ڪارِي ڪيو وَيو،
مُنهنجو ٿِيو جيئڻ ٿيو سُورن ۾،
سَدا ڏک ٿِي مُنهنجو ڏيجُ رَهيَو،
مُنهنجو اڪيلو رَهڻ ٿيو سُورن ۾،
بابَل ڪي آ بيشڪ بانور مُون تي،
مُنهنجو ٻَيوس ٻَچڻ ٿيو سُورن ۾،
مُنهنجو ڪَنڌ سَدائِين ڪاتِيءَ هَيٺ،
مُنهنجو ڪجهہ ڪَرڻ ٿيو سُورن ۾،
سُکَ لئي مان چو سِڪندِي آهيان،
مُنهنجو ڪوڪلو ڪِلڻ ٿيو سُورن ۾،
ياڻِرن مٿان جِند جان گهورِي مُون،
مُنهنجو ڪُجهہ چَوڻ ٿيو سُورن ۾،

مُون سياڳي ايئن اياڳي سَڏِيَس،
مُنهنجو ٽِيو وَرڻ پيي سُورن ۾،
امڙ جي لولِي رُوح رَسِي آ،
مُنهنجو ڀَرم ڀَرڻ پيي سُورن ۾،
جان گهورڻ مُنهنجو شيوا رَهيَو،
مُنهنجو پاڻ پَلڻ پيي سُورن ۾،
”انمول“ اڙانگو سَفر اٿِئي ادا،
مُنهنجو قبر پَوَڻ پيي سُورن ۾.

پليو آهِين ڀائو اهو رستو ساڳيو ناهَي!

آزارَي تو ڳئِي انسان وِڏاهِن، لالچ ۾ لوڀي تو ڳي لعل لڏاهِن، هِيسائي تون هِنيانءَ وِجِهين ٿو، ماروئڙا مُرجهائي ڇڏِين ٿو دليون ڏڪائڻ ڏاج آ تنهنجو، حرام کائين جڻ کاج آ ڳنهنجو مارڻ سَوکو راج آ پنهنجو، ڇَور سُجاڻ اهو ڪو ڀاڳيو ناهَي.

تور ۾ ڳرين ٿو کُلِي کوٽ، مِلاوٽ ۾ مِلئِي ٿي مَوچاري مَوٽ، حق ڀَرايو ڦباڻِ هنر مَچين ٿو ڏوهہ بخشائڻ حَجُّ وَڃين ٿو گار ۾ گند ٿئِي ڪِرتو ڪار، نندو وڏو ڏک تون ڏِينهن نہ ڪار، ماروئڙن تي ٿئِي رڳو مارو مار، ڀاڳ ڀلا ٿئِي ڪو جاڳيو ناهَي.

رشوت جو مال مَيڙين وَينو، ڪُوڙ ڳالهائي ڏندڙا ٽيڙين وَينو مَيرث جو ڀي ٿئِي ٻيڙو ٻوڙيو، مِسڪِينن جي مِحنت کي ڀي لوڙهيو انصاف ونڻ اج اوکو ٿِيندو، جيڪو آس لڳائي اهو ڏوکو ٿِيندو هَيبت جو جڻ هوڪو ٿِيندو بر بحر جبل اجان تو جَهاڳيو ناهَي.

سِڪيَو آهِين سراسر بي ايماني، حِرص هَوَس جي ٿئِي ڪا ڳانِي، هِمٿ پِريو ڪو هوشو ايندو، نيٿ تہ سَڏ ڪو سَچل ڏِيندو انتظار انهيءَ ۾ وَينا آهيون، نااميد ٿيا ”انمول“ اجان ڀي ناهِيون، دَر ڏٽيءَ جي وَينا دانهِيون، سَلو اجان اسان جو داڳيو ناهَي.

ڇو ٿا ڇڏيو؟

الفتون ڏِڪيلي گُلفتن کي اڇڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
پيار ڀَرِي ڪَرَي نفرتن کي اڇڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
توهان جوڌا توهان دودا، توهان هوشو توهان هَيمو،
پنهنجا رَولي ڏاريَن کي اڇڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
سنڌ امڙ جي سِينڌ سُنجي ٿِيندي پَئِي وَڃي،
پنهنجا اباڻا وَٿاڻ وِيران ٿِيَڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
محبت وَڃي پَئِي رَوئندَي رَستا نِهاري نِهاري،
ايئن لاوارث پُراڻي پريتن کي وَڃڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
مِسڪِين رَوئندَو رَهَي، ڪِيهُون ڪندو رَهَي،
پنهنجي دلين مَنجهہ سَنگدِلِي کي اڇڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
جيڪو وقت وَيَڙو موٽِي واپس ڪِين ايندو،
پنهنجي يادن مَنجِهہ مَيرِ کي اڇڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
ايندڙ وقت آئينو، مُستقبل جا معمار توهان هو،
پنهنجي نسلن لاءِ ڪُڌي ڪِردار کي رَهڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
سنڌ مُنهنجي صَدِيُن کان سُورن مَنجهہ رَهِي آ،
هِن پَوِتر پُونءِ ۾ پَلِيتن جا پَير پَوَڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
پنهنجن جا مارا پاڻ ٻڌيا آهِيو هَوش ڪَيو!
بلبل بنا هوندو وِيران چَمن ٿِيَڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
عقل اڳيان پَردو پَئجي ويو ڇو اسان جي؟
پنهنجي پُونءِ جا پٽر ڪٽڻ ڇو ٿا ڇڏيو؟
جيجل جي جهولي اڪثر رَت هاڻِي رَهَي ٿي،

سنڌ جا وارثو سنڌي جوڌا مَرڻ چو ٿا چڙيو؟
بابل جي اکين ۾ هِي آب اڻ مُنداٿتو ڏِسو
مُحسنن جي نيڻن ۾ نِير اچڻ چو ٿا چڙيو؟
سنڌ سَموري سُڪائڻ جي سازش رَچي رَهِي آ،
پنهنجي پِيرَن مَٿان ڪُهاڙو هَلَڻ چو ٿا چڙيو؟
سنڌي ميزبان بڻجي محبت ۾ مات کائِي ويا،
هِي ڦورو آئوَ اُهَي سُجاڻڻ چو ٿا چڙيو؟
”انمول“ وقت آئوَ سنڌي سڀ سُجاڳ ٿِي وَنو
”سوڍر“ سُستِي ڪَرَي سُور کي اچڻ چو ٿا چڙيو؟

اولاد شيءِ ئي اهڙي آهي

ڪَرَي ياد تن کي، پاڻ يُلجي وَياسِين،
رَسائي راھ اسان انهن کي، پاڻ رُلجي وَياسِين،
کِلائي انهن کي پاڻ کي رَوئارَي وَياسِين،
دل سان هِنن کي چاهَي، پاڻ چاهت ۾ چريا ٿِي وَياسِين،
هِنن کي مَنزل تي رَسائِي، پاڻ رَستو يُلجي وَياسِين،
عشق کي عروج تي پُڄائي، پاڻ واپس نہ وَرڻ لئي وَياسِين،
هِنن جا سَپنا سانپيان ٿِيا، پنهنجا خواب هارَي وَياسِين،
ڏِسِي سُهڻِي صُورت سندن، پاڻ پَيچرن ۾ اٽڪِي وَياسِين،
اڻ سُونهان اسان ”انمول“ پيار ۾ پاڳل ٿِي وَياسِين،
اسان هِنن سان دل لڳائي، دل جي بدلي بي وفا بڻجي وَياسِين،
غلامِي ڪري هِنن جي، بي ڏوھ اسان ڏوهِي بڻجي وَياسِين.

شهر جون رونقون بازارون ۾ مَصنوعِي ماڻهو

هائبرڊ هَلَي پئِي زندگِي، مَصنوعِي مُرڪَ سَجائي،
پئسَي پُٺيان لڳو هرڪو، پنهنجي اصل وِڃائي،
مِلڻ ٿِيو مُشڪل ڏاڍو، رَهن مَصروف ٿا ماڻهو

تجربا ڪَرَي پئِي زندگِي، ڪُل سرمايا قربان ڪَرَي،
گم ٿِي گمسان ۾ هرڪو، وَحدت پنهنجي وِيران ڪَرَي،
تعليم ترقيءَ جي ڊوڙ ۾، رَهن مُقابل ٿا ماڻهو

چَمڪَ ڏمڪَ مَصنوعِي، خالِص جو ٿِي خون ويو
سُونهَن سَجاوٽ مَصنوعِي، جنوري ٿِي جون ويو
سڀ جو ڏِيان پنهنجي ڏن ۾، رَهَن مَگن ٿا ماڻهو

هَيڏِي سارَي هُجوم ۾، ”اعجاز“ رَهَي اڪيلو ٿو
مَطلب خاطر هر جاءِ، لڳَل رَهَي ڪو مَيلو ٿو
هَلن هَيڪاندا ڪَنڌ جُهڪائي، رَهَن مَطلبِي ٿا ماڻهو.

هجي پيار جي هُٻڪار ۾ سَنسار ۾ خوشبو

سُکيو هِتي هر ساهُ هُجَي، پريت پريو پَرچاءُ هُجَي،
الفت جو ئِي آڌرياءُ هُجَي، ويرتا واسِيَل واءُ هُجَي،
گوسَو نہ ڳوئِي تاءُ هُجَي، دلين جو رڳو داءُ هُجَي،
هُجَي پيار جي پَرچار ۾ سَنسار ۾ خوشبو.

نہ غاصب ڪوئِي غير هُجَي، نہ مَنَ ۾ ڪوئِي مَير هُجَي،
قند نہ ڳوئِي قير هُجَي، صَداقت وارو ئِي شير هُجَي،
پريت طرف ئِي پَير هُجَي، ڍِيڊَ جي نہ ڪائِي دَير هُجَي،
هُجَي دوڏَي جي ڌَڌڪار ۾ سَنسار ۾ خوشبو.

هُجن نِيارا ناز سان قابو رَهن رهبر راز سان قابو
هُجن نِوڙت نِياز ۾ قابو رَهن سدا فياض سان قابو
لوڪ رَهَي لحاظ ۾ قابو جانب رَهن جواز سان قابو
هُجَي لالڻ جي للڪار ۾ سَنسار ۾ خوشبو.

مارو سارا مايا ناز هُجن، غمن ڪان بي نِياز هُجن،
الفت پريا اعزاز هُجن، سانگِي سارا سرفراز هُجن،
پريت پريا پاڪباز هُجن، ڏِڪيَل ڏوڳي باز هُجن،
هجي قوم سندو ڪردار ۾ سنسار ۾ خوشبو.

سانگِيئڙا شل شاد هُجن، ويرَن جا وَيڙها آباد رَهن،
ابن جا اسباق ياد رَهن، آهَيرن مَٿان آدم شاد رَهن،
ضَمِير انهن زنده باد رَهن، ”سوڍر“ پريل سواد رَهن،
هُجَي محبت جي مِهڪار ۾ سَنسار ۾ خوشبو.

اڄو تہ الفت جا ڳَي ڀَيرا ڳولِهيون

اڄو تہ الفت جا ڳَي ڀَيرا ڳولِهيون،
اڄو تہ چاهت جا ڳَي ڏَيرا ڳولِهيون،

وَسندڙ ويڙها ٿِي وِيران وَياهِن،
شرم و حيا ٻِي ٿِي حيران وَياهِن،
اڄو تہ راحت جا ڳَي سَهِرا ڳولِهيون،

قرب وڃي پيو ڪوهَين دُور،
يادون وِڃهن پيون پل پل پُور،
اڄو تہ قربت جا ڳَي گهيرا ڳولِهيون،

ڳوٺن جون ڳالهيون مَٽجي ويون،
رشتن جون راهون گهٽجي ويون،
اڄو تہ حيات جا ڳَي حَيرا ڳولِهيون،

اباڻن واري ريت پُراڻي وِسري وَيئِي،
پيار پريت واري نِوڙت نِيازي نِڪري وَيئِي،
اڄو تہ امانت جا ڳَي ڇَيرا ڳولِهيون،

مهمان نوازي ۾ مَور منهنجا مارو هئا،
هڪٻئي جي دردن جا هوندا دارو هئا،
اڄو تہ وقت ان جا ڳَي وَيرا ڳولِهيون،

”انمول“ انسان اپايا هِنَ ڏرتِي ماتا آهن،
”سوڍر“ ساهہ ڪان وَڌِ سِنڌ سان ناتا آهن،
اڄو تہ لفظن جا ڳَي ڀَيرا ڳولِهيون.

سائين شفيق احمد چنا کي خراج تحسين

قرب سَندو ڪِردار سندس، عجب قسم جو انسان ڏِٺم،
دارو دَرمَل ٻڌجي دلبر هو، دردمند دليُن جو دَرمان ڏِٺم،
ڪَرَي امداد ابوجَهن جي ٿو، ڏِيندو سڀ کي رهيو مانُ ڏِٺم،
ڪِلِي ڏِئي خيرات خليفو، خوب خدمت ڪندڙ فرمان ڏِٺم،
رب جي رضا جو رهيو مُتلاشِي، ڳَنڍ جُهڪيَل قربان ڏِٺم،
دلبر دِيدَ وارو دارُو آهي، مُرڪندڙ اهو هِتِ مِهربان ڏِٺم،
ڪوٺ ڏِئي ٿو قرب سَندي، امن لئہ اُتساهہ ڀريو ارمان ڏِٺم،
ٻُجهي ٿو ٻاجهارو مَيهڙ مَنجهہ، محبت ڀريو هِي مسلمان ڏِٺم،
خليفو ڪِلندَو رَهَي سدائِين، ڪِردار مَٿي هزارين حيران ڏِٺم،
شفيق شفقت ساڻ ڀَريَل ڀرپور، ”انمول“ اتم اعليٰ اهڙو انسان ڏِٺم.

سڀ ڪجهہ عَيان هو

سڀ ڪجهہ عَيان هو اکڙين مان، پو چَپَ چو چَوريان هان،
درد سَمائي سِيني ۾ رکيو هو مون، پو سُور چو سَوريان هان،

مَنَ مندر ۾ سَجيل آ مُورت هُن جي، هيڪر هو جهاتِي پائي،
هڪ وار دِيدَ پوي بس دلبر جي، مان هُوند نيڻ وِڇايان هان،

سڀ ڪجهہ هو مون وارَي ورتو، انجام ڪَرَي هو پارَي ورتو،
آب اکين جو اندر ئِي پي ورتم، پو لڙڪ اڳيان چو لاريان هان،

دِيدُون وِجهي وينس دَڳ ۾، منتظر رَهيُس مان پاڻ ئِي اڳ ۾،
پيغام پَسي پُنهل جو مان ڀوڙي اچان، هلان چو هَوريان هان،

پنهنجو پاڻ ۾ نہ پيو ماپان، دلبر جي دِيدار مان نہ پيو ڍاپان،
وَڃَڻ وَيرَي مُرڪ سَجايل هُئس، پو هَنجون چو هاريان هان،

حال منهنجي تي حاوِي رَهيو، راز منهنجي جو راوي رَهيو،
منهنجي اندر جو آئينو هو "انمول"، پو احوال چو اوريان هان،

واھ ڪورونا تنھنجا ڪم

دنيا ۾ نہ رھيو دَم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.
سيڪو رھي خالِي خم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

اسڪول سارا بَند ڪرايَئِي، وَڀڙھا سڀ وِيران ڪرايَئِي،
مارڪِيٽن مان ماڻھو گم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

ڊاڪٽر خود ڏڄن ٿا، ڪنگھنڌَي جڏ ڪو ڏِسن ٿا،
ٿِيو سيني کي وَھم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

ھر ڪَم ڪار وَيو، مُلڪن جو واپار ويو،
سيني کي آھي غم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

ھر چونڪ وِيران رھيو، ھر عقل حَيران رھيو
خوف ۾ رھي اک ٿِي نم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

بي روزگار رھي ٻُڪيو ڪوئِي نہ ڪائي سُڪِيو
مسجد مان انسان عَدم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

”انمول“ اھو ارمان اَٿم، ھر ڪو پريشان ڏِٺم،
سُڪِي ويو اٿن چَم، واھ ڪورونا تنھنجا ڪم.

رکِي دِيد دڳن ۾

رکِي دِيد دَڳن ۾ ٽڪجي پياسِين،
آسَري انهيءَ ۾ الجهي پياسِين،

مُندون آيون ڪيئِي ير مَي پيئڻ جُون،
رکِيون آسُون ڪيئِي سَي جيئڻ جُون،
ساري سَجڻ کِي سُڏڪِي رناسِين.

لنگِهي ڪِين آيو لُڇندَو رَهيُس مان،
وَري ڪِين وَريو پُڇندَو رَهيُس مان،
پُڪاري پرين کي پُڇندَي رُناسِين.

هَليَو هوتُ وَيَڙو ڪَري جيئَري جُدائِي،
کِلِي خوب مون تي ساري خلق خدائِي،
پَچارَي پنهل کي پُڇندَي رُناسِين.

وَرَڻ جي گيائِين ڳَڙِ ڪونہ وائِي،
دلبر اچڻ ۾ الائي ڇو دَير لائِي،
”سودر“ سارَي ساجن لُڇندَي رُناسِين.

سِنڌيُن کان سَندن ساھُہ کسِجَي پيو

سِنڌيُن کان سَندن ساھُہ کسِجَي پَيو
ڏِسو چاھتَ وارو چاھُہ کسِجَي پَيو

وَيساھہ گهاتِي جن سان ڪَئي پَنھنجن،
چيرَي وِڏي چاتِي جن جي آھي پَنھنجن،
وَيچارن کان ھاٽي وَيساھُہ کسِجَي پَيو.

آب حيات هَٿن مان اپوجهن جي کسِڻ تا،
هِن وارداتِ ۾ پَيرا پنھنجن جا پَسجَن تا،
مَوج پَريو مِهراڻ هِي درياھُہ کسِجَي پَيو.

ڌرتِي ڌاريَن وٽ هِتِ وِڪاڻِي وَجَي ٿِي،
تڙ تان تڙي جڙ ڪا گهر ڌياڻِي وَجَي ٿِي،
سِنڌ واسِي ماروئڙن جو ماھُہ کسِجَي پَيو.

"اعجاز" آثار مِٽجندا وَڃَن اباڻن آسِتانن جا،
ڏيل ڏري پيا دلبر ديس ڏٽِي دِيوانن جا،
هوشيار ٿيو اسان کان اُتساھُہ کسِجَي پَيو.

سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏيندس

سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏِيندُس،
واري سَڀ وَيساهُ مان ڏِيندُس.

سِر ساهُ صَدقي سنڌ تان،
يار ويساهُ صَدقي سنڌ تان،
سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏِيندُس،
واري سَڀ وَيساهُ مان ڏِيندُس.

سنڌوءَ سِين ساهُ جڙيَل آ،
مِٽيءَ سِين مَنُ مَڙهيَل آ،
سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏِيندُس،
واري سَڀ وَيساهُ مان ڏِيندُس.

ڌرتي ماتا سان آ اهڙو رشتو
وَيريُن سان گڏِ ناهِيان پَرتو
سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏِيندُس،
واري سَڀ وَيساهُ مان ڏِيندُس.

هيءَ جان جيجل "انمول" امانت،
ڳبي ڪِين ڪڏِ ان ۾ خِيانت،
سنڌوءَ تي ساهُ مان ڏِيندُس،
واري سَڀ وَيساهُ مان ڏِيندُس.

الفت کي آٽي هلو

ڪُلفت کي ڪڍي اُلفت کي آٽي هلو
نفرت کي ڪڍي نِوڙت کي آٽي هلو
هلو هلو پيار ۽ پريت کي ماٽي هلو

رت جا رشتا رت هاٽا ٿِيا، سُورهيہ ٿِي چو ساٽا پيا،
رَولِ رُليا اچي هِتِ رَاٽا ٿِيا، ڳُونڊر ٿِي چو ڪاٽا پيا،
ڪراهت کي ڳڍي شُجاعت کي آٽي هلو.

وَيچا ٽا پيا وَڏندا وَجَن، پنهنجا پاڻ ۾ ٽا ڪِين نهَن،
نِير اکين مان روز وَهَن، ضِد تان پِي ٽا ڪونہ لهَن،
عَداوَت کي ڪڍي چاهت کي آٽي هلو.

سنڌو ماتا کي سُور ڏِنائون، پوِترتا کي پِي پُور ڏِنائون،
ڏوهِي ٻٽائي ڏور ڏِنائون، جيءُ ٻٽائي جُهور ڏِنائون،
قباحت کي ڪڍي عِنايت کي آٽي هلو.

دَوَرُ پُراٽو سو ياد اٿم، جڏِ جيجل جَهولي شاد هُيَم،
جَجَهو هر هڪ زاد رَهِيم، موتِي نہ ڪَڏِ مُراد هُيَم،
وضاحت کي ڪڍي راحت کي آٽي هلو.

”سوڍر“ مليا ڳي سُورَ سَوايا، اهڙا اياڳا جو هِتڙي جايا،
ڏارين جا ڏڻ بہ ڪاهَي آيا، گهوٽ گمراهَن ڏاڍا گهايا،
جراحت کي ڪڍي فصاحت کي آٽي هلو.

سنڌي جوان جاڳو

ڏرتِي ماتا ڏوڙي پيئِي جاڳو سنڌي جوان جاڳو،
سنڌو سَڏڙا ڪري پيئِي جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

ڪٺو هٿن ۾ بڙچون ڀالا، اٿو بڻجي جيجل جيالا،
ڀُونءِ اج ڀَٽڪي پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

تهذِيب پُراڻِي ياد ڪَرِي، سنڌڙي ساري آباد ڪَرِي،
وِيرتا وَيساهُہ گُهرَي پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

سنڌوءَ جو سِينو سُڪائي، ڏاڍو ٿو اج ڏاڍ ڪَرِي،
مِٽِي اج مانُ گهرَي پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

موج نہ رَهِي مِهراڻ ۾، آب حيات اج سَي اوتِن پيا،
فرض نِڀاءِ چوَي پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

وسِيلا سڀ وارَي رهياهِن، سانگِي سارا لُٽڙ لارَي رهياهِن،
جيجل هَنجون هاري پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

تعليم کي تباهہ ڪَيائون، وِيرَن تي نہ وَيساهُہ ڪَيائون،
ڳالهہ اها ير جَهورَي پيئِي، جاڳو سنڌي جوان جاڳو.

”انمول“ آثار اباڻا مِٽجي ويا، ڪِردار پُراڻا سَي لُٽجي ويا،
دلڙي سارَي روئي پيئِي، لڙڪن سان ڏوڙ ڏوئي پيئِي،

حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين

سنڌ ۾ رهِين ٿو، سنڌ جو ڪائِين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين،

آفيس ويهِين ٿو آيَ سِي واري، رشوت تي ٿئِي مارو مارِي،
هر ڪم ڪرين ٿو پئسي تي، ٿو نظر رکين هر کِيسي تي،
فرض پنهنجو ٿو ڪِين نِڀائين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين.

جن جي صدقي شانُ مِليو ٿئِي، تن جي مٿان تو رعب ڪيو ٿئِي،
مِسڪينن کي ڇو مارين ٿو، ڪرپشن ڪري حق کارين ٿو،
هوش ڪر اڃان هاريو ناهِين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين.

ريڙهي وارن کان ٿو رشوت وٺِين، دڪاندارن کي ٿو ڏار سَٽين،
استادن کي ٻہ روز رُلائين، مُعلمن کان پِي مُڙيو ناهِين،
اڪيون کول اوپرو ناهِين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين.

ابوجهن جون ٿو کٽِين آنهُون، جهول کٽِي ڳَن ٽا دانهُون،
قيامت ۾ کهڙو کٽندَي ڳَنڍ، پروردگار اڳيان پَوَندُئِي پَنڌ،
ڏاڍُ ڪرين ٿو ڏاڍو ناهِين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين.

پگهار ۾ تنهنجي پوري ناهي، حلال حرام ٿو ڇڏِين گڏائي،
مال مَيڙڻ ٿئِي مَنزل ماٽِي، ڪرپشن ٻڏائِي قوم هِي ساٽِي،
ماروئڙن لئہ ڪا مصيبت آهِين، حَيفُ هُجَئِي جي سُذَريو ناهِين.

هينٽن کي هِيسائي ڇڏِين ٿو، مسڪينن کي دابا ڏئِي ڏمڪائِين ٿو،
جيڪو تنهنجي عزت ڪري، وجهين ٿو تنهن جي ذِلت ڪري،

ڏمر آهين ڪو ڏهيسر ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.
وڏيرو سَڏائي ٿو وار ڪرين، لوفرن کي پَڏائي ٿو پار ڪرين،
ملاوٽ ڪَرِي ٿو مَيڙين مال، پوءِ بہ رهِين ٿو تون بدحال،
اکيون کول سَدا رهڻو ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

چوڪيدار هِين چوري چَڏ، حق قبائڻ توڙي زوري چَڏ،
مُنصف بڻجي انصاف کپائِين، ميزان مُنجهين پو ڪِيئن ٿو پانئِين،
قادر اڳيان اتي ڪُڇڻو ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

تعريف لکِين تون ڪُوڙي سُوڙي، تاريخ جي ٿو مُنڍي مَوڙين،
ڪُوڙ لکِي ٿو ڪُوڙ ڪمائِين، قومن جو ڪِردار تون آهِين،
قلم وَهائِين قاضِي ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

دِين جو نِيڪو کٽِي وَينين، نڳيءَ جا ناهہ ناهَي وَينين،
پِير بڻجي تو هِن پَير ڳڊيا، ڪيترائي جوڏا دودا شير وَڍيا،
تون دِين سان سَچو ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

ابي جُون اکيون آتِيون آهن، امڙ جُون دَر ۾ جَهاتِيون آهن،
رستا رَوڪِي ڦرون ڪِرين ٿو، مِسڪينن کان پِي ڪِين مُڙين ٿو،
تون جوان ساماڻو ناهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

چريو جيڪو ڪَري چَڱائي، لاشڪ تنهن سان ٿِئي لَڱائِي،
عجب ڪردار ٿِياهِن ڳَنا، سُورَ اُهَي سڀ سِنڌين سَنا،
”اعجاز“ تون پِي ابوجُهہ آهِين، حَيفُ هُجَڻِي جي سُڌريو ناهِين.

سنڌ سُورن ۾ ڇو ڦاٿِي آهي؟

جيءُ ڏِسي پو جُهري پَوَي ٿو، گُونڌر منهنجو ڪِري پوَي ٿو
هِن ڌرتيءَ تي جيڪا جائِي، سا ڇو سُورن مَنجهہ سَامائِي،
بي ڏوهہ هِتي ٿو ماريو وَڃي، جيجل هِنيانءُ ٿو ڏاريو وَڃي،
ڌاريو ڏِسِي هن ڌرتِيءَ تي، ڦاٿِي پئي منهنجي ڇاتِي آهي.

وَيري هِتِ گڏجي ويڳاڻو ٻڻائي، ڪُهَن ٿا مِنڙا مِنڙا ٻول سُڻائي،
ڌرتِي منهنجي روز رَوئي ٿِي، سِنڌو ماتا سُور سَهي ٿِي،
ڌارين جا ڌڻ ڪاهَي آيا، سِنڌين سان سڀ سِينا ساهَي آيا،
گڏيا منهنجا هِتِ غيرن سان، ڳنڍ مُنهنجي تي ڪاتِي آهي.

مِهمان ٻڻيا هِي مُنهنجا مارِي، مِلڪيت ڪٽِي مَيڙي وَينا سارِي،
ڌرتِي ڌٽِي سَي ڏِڪارڻ لڳا، ڏڪ ڏِنائون جيڪِي تن ڪان پُڳا،
وَيرِي ٻڻجي وَيرُ وَٺِن ٿا، ڌرتِي ڌڻِيُن کي ڏِڪَيلي ڳڻِن ٿا،
وَسِيلا هڙ هُو وارَي وَينا، سَمجهن ٿا مِلڪيت تن جي ذاتِي آهي.

ڪاٺ هڻِي ٿا هڙ ڪائِي وَڃَن، ماروئڙن کي پِيِي مارَي مَچائِن،
ڏڪ ڏِيَڻ وارا هي ساڳيا آهن، سِڌا سَنوان ڇَور ڀاڳيا ناهِن،
سِنڌي ڀِيو ٿو هَنجُون هارَي، هوشو هيمو ڀيو ٿو سارَي،
”سوڍِر“ رَهجي وَيو سُور اٿم، ڀَستِي جاٽي واٽي پاڻ پاتِي آهي.

يا رب تو کي پارت آ منهنجي سُهڻي سنڌ جي

يا رب تو کی پارت آ مُنهنجی سُهڻی سنڌ جی،
يا رب مون کی چاهت آ مُنهنجی سُهڻی سنڌ جی،

ڇا ٿيو اڄ نظر ڪنهن شيطان جی سنڌ کی ڪِيئن لڳی؟
ڏِس حشر منهنجی ڌرتی ساڻ ٿِئی پيو رڳی،
ياءُ ياءُ جو دشمن آ بڻيو هر مَنَ ۾ ماتم آهی مَتل،
ڪنهن کي ڪائِي ڪانهي ڪا پرواهه ڳِپيَل ڳنڍ جي،

ڪو وحشی ماءُ ٿو مارَي، ڪو زال سان هيڏو ظلم ڪَرَي ٿو،
ڪو ڳيرو ڳترا ڳترا آ، ڪو ڳنهن لئی سُڏڪا ڀَرَي ٿو
سو قهر ڪِيئن ٿِيو هر ٻَچو هِتِ رَت رَوئی ٿو
هر ڪو ٻَيگانو بڻيو، ڪنهن کي ناهي پرواهه ٻَنڌ جي،

هر اخبار هِتی ڀريل آ قتل ۽ پريمی جوڙن سان،
نه عزت رهی نه ناموس رهيو، ٿِيون ڳُنواريون ڀَڄن پوڙهن سان،
ڇو بی غيرت بڻجی ڳيون ٿا ظلم پنهنجن ئِی نِياڻِيُن سان،
دانهَن ڏِيان ڪنهن دَر ڏِيان سوا تنهنجي، انهن جي انڌ جي،

تنهنجی هر مسجد ويران رَهَی، ڀل ڇو نه رَهَی،
جو هرهڪ هوٽل ڏي هليو، ويران رَهَی ڇو نه رَهَی،
شيطان جا ساٿی هَوَس جا حامِی، رهيو ڇا اسان وٽ باقِی،
پيءُ پٽ ٿيو پٽ پيءُ ٿِيو، صرف محبت آهي جند جي،

تو کی وِساري جن، تنهنجو قرآن پِی ڀلائی ڇڏيو
نبیءَ جی ڳالهه اڻ ٻُڌي ڪري بی دينن هِيئَن نتائی ڇڏيو
تون مالڪ مهربان هِين، ڪَر ڪَرم قادر تون اسان ڪِنن تی،
”اعجاز“ کي بچاءِ بچڙاين کان، پوءِ ناهي پرواهه ڪنهن ٻي هنڌ جي.

اسان جو آ ڏوهہ کھڙو

اسان جو آ ڏوهہ کھڙو، هِتي جي جمياسِين،
هر پل هر مَوڙ تي اسان، چو رُناسِين رَڙياسِين،
اسان اميدن آسرن تي پنهنجي زندگي گذارَي ڇڏِي،
ٻچن جي خوابن جي تعبير جي آسرن ۾ رهياسِين،
رُناسِين تہ ريهُون ڪَرَي، داد نہ ٿِيَڙو دانهَن جو
ڏکيا ڏِينهن ڏورَي، پوءِ ڏاڍيان يا هَوريان هَلياسِين،
ڪَير چَوَي هِتِ ڪَيرُ ڪُڇَي، ڏاڍُ هَلي ٿو ڏاڍَي جو
چاهت چُمِي چَپَ سِبي پنهنجي مُنهن سُور سَلياسِين،
ماڻِڻ چاهِي تہ مَنزل، قرار چاهيو قلب مُتزلزَل جو
نہ مَنزل مِلِي نہ هَوت هَليَو، ڪَڏِ خوش ٿِي کِلياسِين!
حق مِليو تہ کھڙو، جيئڻ جو مِليو نہ مَرڻ جو مِليو،
جَي رُناسين تہ لڙڪَن تي ٽوڪيو، بس راهن ۾ رُلياسِين،
اٿي لٿي ۽ اجهي جي اميد سال پُڄاڻان رَهجي وَئي،
جي ثوابن سان مِليا سَي گناهَن سان گڏائي ڇَڏياسِين،
غيور بڻجون تہ اسان غنيمت جيان ٿا لُٽيا وَڃُون،
هوش رهي ڪِيئَن، هوشو هَيمُون ڪُمائي رُناسِين،
سَچل سامِي لعل پٽائي، اسان جي حالن تي رُنو آهي،
رات رَڙي رَوئِي، ڏٺِيءَ در اسان پوءِ دانهِين ٿِياسِين،
"سوڍِر" ڪَريُون تہ آخر ڇا، وَڃُون تہ ڪَيڏانهَن آخر،
"انمول" انتظار ۾ اکيون، پنهنجن هوندَي اوپرا هُئاسِين.

ڪهڙا وَيهِي سُور سُٺايان

ڪهڙا وَيهِي سُور سُٺايان،
ڪهڙا اندر جا احوال ٻُڌايان،

هر ڪو سُورن مَنجهه سَمايَل آهي،
هِتِ ظلم ئِي هر هَنڌ ڇانيَل آهي،
ڪهڙا وَيهِي ڪهڙا ڪُڌا ڪَرتُوت مان دانهِيان،

رشوت سِوا ڪو رستو ناهَي،
پنهنجن سان ٻيِي پَرتو ناهَي،
ڪهڙا وَيهِي پنهنجن سان مان سِينا سانهِيان،

لالچ ۾ تو لوڀِي هو رڳو لُٽي وَينو
مِسڪِين ماروئڙا تو ڪُٽي وَينو
ڪهڙي پاسَي ڪاهَي ڪهڙي پاسي ڪاهِيان،

فرياد ڪِٿي ڪا ڪَرڻِي ناهَي،
ڪُڇبَو تہ پَوندو لاهي پاهَي،
ڇا ڪريان پاڻو مان اهڙي دَيس ۾ آهيان،

”سودِر“ لڳي تو سَدائِين سِسڪندو رَهندي،
پنهنجي مُنهن وينو رَوئندي رڙندي،
انصاف تو چاهين، لڳي تو هَوش ۾ ناهيان،

سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا

پنهنجو ڪيڙيون پنهنجو ڪائون، سَڄڻ سامهون ٻَڌون ٻانهُون،
غير لئہ ٻارڻ ٻاريون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

ڏاڍ نہ ڏاڍي جو سَهَڻ ڄاڻون، محبت مَٿان ٿا مَرَڻ ڄاڻون،
واعدا وَچن سَڀ پاريُون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

سِنڌي سَباجها مَوجون ماڻِن، جيڪي ڏوڪو مُور نہ ڄاڻِن،
سنڌ مَٿان سِر گهوريُون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

مِهمان نوازيءَ ۾ مور رهيا هُون، آئِي جي عزت ۾ اور رهيا هُون،
قربن مَٿان ڳَنڌ واريُون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

مِهراڻ جا موتِي ماٺهو منهنجا، سچ جا صحبتي ماٺهو منهنجا،
اسان تن جي تند تنواريُون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

وِساريُون نہ ڪنهن احسانِي کي، مُور نہ مَڃُون دشمن جانِي کي،
”سوڍر“ سَچڻ ڏِسِي دل ٺاريُون ٿا، سنڌوءَ جي سِينڌ سَنواريُون ٿا.

بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون

جَي ٿا حق ڳالهہ ڳريون، جَي ٿا کو انصاف ڳهرون،
جَي ٿا سَچَ جو ساٿ ڳهرون، جَي ٿا کو اوصاف ڳهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

محبت آ پنهنجي مِٺيءَ سان، الفت آ پنهنجي آهَيرَي سان،
جي ٿا چاهت جي ڳالهہ ڪريون، جَي ٿا کو ناهہ ڪريون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

سُک سان جيئڻ حق اسان جو، آزادي اَهيڃاڻ اسان جو
جَي ٿا پنهنجي ڌرتي ڌار ڳهرون، جَي ٿا کو ٿاڪ ڳهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

ملڪ هِي مَلير اسان جو آ، وطن هِي ويساهہ اسان جو آ،
جي ٿا وطن وار ڪريون، جَي ٿا کو بي باڪ ڳهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

پاڪستان سان پيار آ پنهنجو سنڌ سَمورو سَنسار آ منهنجو
جَي ٿا وَسندڙ وَٿاڻ ڳهرون، جَي پنهنجو حق ٿا پاڻ ڳهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

ڏيوالو ٿو ڏيهہ جو نِڪري، مِسڪين ٿو بي موت مَرَي،
جَي ٿا پُڪار ڳريون، جَي ٿا کو وَيساهہ ڳهرون،

بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

چون ٿا بُلبل هو هِن باغ جي، رهِي ڪاراڻ دل مَٿان داغ جي،
جَي ٿا قرب قرار گهرون، جَي ٿا ڪو دل قرار گهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

رشوت رَونشو روز لڳي ٿو، هِتي هرڪو روز ٺڳي ٿو
جَي ٿا ڪا دانهَن ڪريون، جَي ٿا ڪا ڳالهہ ڪريون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

غريب ٿو تڙپي لُڇي جيئي، امير جو ٿو ڪتو کير پِيئي،
جَي ٿا چُپ يار ڪريون، جَي ٿا ڪو ڏِيان ڏريون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

دانهَن جو نہ ڪو داد ٿِئي، مِسڪين جي نہ فرياد ٿِئي،
جَي ٿا سُوسَٽ يار پَريون، جَي ٿا ڪو آواز ڪريون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

”انمول“ آ ايمان اسان جو، چَمن سان آ چاهہ اسان جو،
جَي ٿا پريت پيار گهرون، جَي ٿا ڪو اظهار گهرون،
بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون، بي ڏوهہ ٿا ماريا وَڃُون.

ڏسي وڻجو

اسان نا امید ناهيون، انقلاب ڪو ضرور ايندو، ڏِسي وڻجو
رَتُ دانگيءَ تي وَرندو، ڪو هوشو هَيمون ايندو، ڏِسي وڻجو.

منهنجي ماروئڙن جون آنهُون عرش تائين رَسنديون آخر،
انصاف ٿيندو، امن جون آسون پوريون ٿينديون، ڏِسي وڻجو.

سُتل هي منهنجا سانگيئڙا، بيهوشيءَ جو بانور ڇڏيندا آخر،
ماڳ جا مالڪ هِي، واڳون هٿ هِنن جي هونديون، ڏِسي وڻجو.

سنڌ امڙ بانجهه ناهَي بڻِي اڃان، سورهيه سوايا ڄڻيندي پيئي،
هوشو هيمون ايندا، هِڪَ هِڪاٽيون ٿينديون، ڏِسي وڻجو.

اڄ اڻ ملهيو ٿو ماريو وَڃي، ٻي ڏڙڪ ٿو ڏِڪاريو وَڃي،
ڪڏهن تہ ڪيس کُلندا، عدالتون قائم ٿينديون، ڏِسي وڻجو.

هِتي عزت جي نالي تي ڪري نِياڻي ڪاري ماري وِيئِي،
مَيڙ مَيڙاڪا داٻا ڏرٽا، دانهُون درمان ٿينديون، ڏِسي وڻجو.

جيڪو وِڻي ووٽ وَس وارو ٿِئي، اهو ارمانن جو مارو ٿِئي،
ايندو تہ ڏتڪاريو ويندو، اهڙيون راتيون اينديون، ڏِسي وڻجو.

جهالت جي جنگ ۾ عزت آبرو ادب احترام هڙ وِڃائي ڇڏيو،
علم جي شمع ٻاري، ”سوڍر“ راهون روشن ٿينديون، ڏِسي وڻجو.

جڏ لاڙو درسِ شاهه لطيف هوندو، سَچل پڙاڏو ايندو آخر،
وقت ايندو واءُ لڳندو، ”انمول“ عادتون هونديون، ڏِسي وڻجو.

پڪ ڄاڻو نہ ڪُڇنداسين

پلي ڪاتِي ڳنڍ ڳپيندي رَهَي، ڇُري ڇاتي وَڍيندي رَهَي،
سُتل آهن ضمير اسان جا، پڪ ڄاڻو نہ ڪُڇنداسين.

ابي امان جو اهو احترام ناهي، اولاد ٿيو نافرمان آهي،
استاد رَوئي رَولاڪ رَوَيي تي، پَڪ ڄاڻو نہ لُڇنداسين.

هر آفيس ۾ رشوت مِنائِي، نوٽ سان ٿيندي سَولِي سَٽائِي
پلي حق کي ناحق سان گڏايو، پڪ ڄاڻو نہ پُڇنداسين.

ووٽ کي عزت ڳَڍِ ناهي ڏِني، ڳچي هر بار آ نِمائي ڏِني،
پوٽار بابو اسان جو پل پيو ڏِڪاري، پڪ ڄاڻو نہ مُڙنداسين.

ابي جون آنهُون آسمان ڏارن، امڙين جون صدائون سِينو ڦاڙن،
هوٽلن جا هَيراڪ اسان هُون، پڪ ڄاڻو نہ اُٿنداسين.

روز اغوا ڏاڙا ڦرون، ڏوڪو نڳي فريب فيشن اسان جو،
عزت الفت غيرت وئِي سڀ، پڪ ڄاڻو نہ هٽنداسين.

تعليم جي ٽِيڙ لڳي تباهِي، سياست هر ميدان ۾ ساماڻِي
مهانگائِي پل مَتون مُنجهائي، پڪ ڄاڻو نہ چونداسين.

ڪُچڙ ڏوهہ ٿا سَمجُهون، چَپَ سِبيَل پائو رهندا سدائين،
مُنهنجو چا پاڻ ڏيندا مُنهن، پڪ جاڻو نہ کُلنداسين.
ڳڻو ڳڻو ڪري حڪومت هلايو هِت جِيلو نہ سُجهي هِڪڙو،
پنهنجا ڳُهائي پاڻ، ساٿ پڪ جاڻو نہ ڏينداسين.

آزادي گهري ٿِي قرباني، اها مالِي هجي توڙي هجي جانِي،
مَنزل سامهون ڏِسِي موٽبو، پڪ جاڻو نہ سُرنداسين.

وَوڙيندي وَيڙا اسان جا سڀ، وِيران ڪرين پيو وَٿاڻ،
وِساري ڪل پريت پُراڻِي پنهنجي، پڪ جاڻو نہ وَرنداسين.

پلي ڳُونڌر پيا ڳُسن، جوان ڊگريون کڻي رُلندا وتن،
ڪِٿي آ همت هاڻي انقلاب جي، پڪ جاڻو نہ آڻينداسين.

غلاميءَ ۾ نہ هاڻي غم آهي، سيڪو جان بچائڻ ۾ گم آهي،
حق جو هوڪو ڏِيَڻ ڇڏيو، پڪ جاڻو نہ هٽنداسين.

واڪا ڪري هاڻي وَيهِي رهبو، ڪُچڙ کي ڪفر پيو مجبو،
پرڪار ڏِسِي بيوس بڻجي، پڪ جاڻو نہ هلنداسين.

”سوڊر“ جَڏِ ٿو چَپَ چَوري، سيڪو چَوي ڪيو ڳڪِ آ چِورَي،
”انمول“ بڻايو ايمان تہ انسان، پڪ جاڻو نہ مَجنداسين.

ٻَسِي قوم سَندا ڪِردار

ٻَسِي قوم سَندا ڪِردار، ٻَسِي پنھنجن جا پرڪار،
اکين آب اچي ھر بار، رُسِي رَھجَي ڪِيئن پو يار.

پنھنجي مُنھن رَوئي وَينو، ڏرتِي لُڙڪن سان ڌوئي وَينو،
پٽ جا پرڪار لوئي وَينو، ڏِسَو ھر ھنڌ ٻُڊِڙو ٻار.

غيرن سان گڏ ڏاڙي ۾، پنھنجا وَينا ھِن پاڙي ۾،
واڙجي وَڃَن ٿا وَاڙي ۾، اُھَي پنھنجن جا ٿئِي پار.

امن ايمان وِڃائي وَينا، پنھنجي ھڙ لُٽائي وَينا،
ڪُونڌر ڪُھرائي وَينا، ٿِين پيا ھاجان ھاڃَي ڪار.

گھر ھِنن جا تر ھِنن جا، ڌرتِيءَ يُونءِ يتر ھِنن جا،
بَگڙا ڪارا تِتر ھِنن جا، "سوڍِر" اُھَي اٿم سُورَ ھزار.

هوا ڪا اهڙي گهلِي

پيار جا پيچرا ويران آهن، دردن جا دل تي طوفان آهن،
وئِي هر دل خالِي ٿِي احساس کان، دليون ٿيون سُنسان آهن،
هوا ڪا اهڙي گهلِي.

ڪُهڻ لئي هٿ ۾ ڪاتِي آ، تڙپي رهي هر ڇاتِي آ،
ظاهر ۾ قرب جو ڪندا قائِل، تن جي ذهن ۾ نفرت ذاتِي آ،
هوا ڪا اهڙي گهلِي.

پيءُ پٽ جو دشمن بڻيو آ، پٽ ماءُ جو دشمن بڻيو آ،
ڪُهن ٿا ڪاري ڪَري نِياڻِي، ڀاءُ ڀيڻ جو دشمن بڻيو آ،
هوا ڪا اهڙي گهلِي.

ڀاءُ ٿو ڀاءَ لئہ نفرت ڏارَي، مڙس پئسي لئہ زال ٿو مارَي،
اهڙو انسان ٿيو انڌو آهي، لالچ خاطر ٿو ڏاڍ ڏيکارَي،
هوا ڪا اهڙي گهلِي.

”سوڍر“ سندن سوچ آ بُري، رب کان نہ ٿا وَڃن گهري،
بي ڏوهي ماريندي ٽڪجن نہ ٿا، جلدي وَهائي ٿا ڪِين ڇُري،
هوا ڪا اهڙي گهلِي.

هڪ ڏينهن وارو وَرٽو ٿئِي

خيال سان هل پوتار هڪ ڏينهن وارو وَرٽو ٿئِي،
پنهنجا تون پَير سُڌار آخر نيٺ تہ مَرٽو ٿئِي،

ٿو هشمت ساڻ هلِين، گهل بہ ڪا ٿو ڪِين ڪرين،
ڪُڌو ٻڌايو ٿئِي ڪِردار، نيٺِ تہ قبر ۾ پوٽو ٿئِي،

هِيٺن ڪي ٿو ماري مَچائِين، انجام ان جو ڇا ٿو پائِين،
ٿو سُڌڪا پري سرڪار، نيٺ تہ بدلو پَرٽو ٿئِي،

نِياٽيون نِماٽيون روز رَوئن، نيٽن مان ٿا مِينهن ٿِمن،
پاڳلن وارا ٿئِي پرڪار، ڏٽِيءَ اڳيان پو ڏرٽو ٿئِي،

مگن رهِين ٿو مَستيءَ ۾، هَٽ وڃائِين ٿو سُستيءَ ۾،
نِينهن نہ ٿئِي نِروار، سڀ ڪجھ اُتي پَرٽو ٿئِي،

”اعجاز“ عادت اهڙي ڪر تون، راضي رب ٿِئِي تهڙي ڪر تون،
مُهلت نہ مِلندئي ڪا منٺار، ڪري وٺ جيڪو ڪرٽو ٿئِي،

ديس اهڙي ۾ بغاوت جائز آ

ديس اهڙي ۾ بغاوت جائز آ، لڙڻ اتي پو لازم آ،
وِڙهڻ اتي پو واجب آ، وِڙهڻ اتي پو واجب آ،

سانگِيئڙا رَهِي سگهن ڪِين سُڪيا،
جتي سمهي پون معصوم ٻَچڙا بُکيا،
جتي غريب جو جيئڻ جنجال هُجي،
جتي مِسڪين ڏکيو سارو سال هُجي،
جتي عزت سندي ميت تِي ڪٽڻي پَوي،

جنهن قوم جو قاضِي وِڪجي وَجي،
جنهن قوم ۾ رواج رشوت بڻجي وَجي،
جنهن قوم ۾ ملت جا ماري هُجن،
جنهن قوم ۾ جرم رڳو جاري هُجن،
جتي جيئڻ لئي تِي جرئت ڪرڻِي پَوي،

قلم ڏڻِي تِي ڪُوڙ جو ساٿِي پَوي،
ڪرپشن ڪَرڻ تِي ڪم ذاتِي پَوي،
جَڏِ ظلم و سِتم سرعام هَلي،
سلامت جَڏِ نہ ڪائِي سام مِلي،
جتي هر هڪ پل جي قيمت پرڻِي پَوي،

مزدور جتي هر روز مَرندو رَهَي،
جبر جابر جو جتي هَلندو رَهَي،
”اعجاز“ امڙيُن جون آنهُون عرش ڏارن،
هوش وِڃائي هَنجون ويٺِيون هارن،
جتي ڇَپَ ڇورڻ جي اجازت وَٺِي پَوَي.

سنڀالي رکياهِن

تن جي يادن وارا سڀ سرمايا سنڀالي رکياهِن
تن جا فرمان ڳُل سِيني منجهہ سنڀالي رکياهِن

بچپن ۾ لولي جا امڙ ڏِنِي، ٻِنِي جيڪا تنهن جي ڇُنِي،
ڏکَ مَٿي هٿِي جيڪا رُنِي، تنهن جي خدمت ڪِين پُنِي،
اهو سُور رهجي ويو سِيني، تصور سَي سنڀالي رکياهِن.

ابو مون لئي سدا آتو رَهيو، ڪليل سندس ڪاتو رَهيو
عجيب جنهن جو ناتو رَهيو، نيٽن جو ڀاڪر پاتو رَهيو
اڄ اڪيلو آهيان اڌورو، ارمان سَي سنڀالي رکياهِن.

ابي امڙ جو مَٽ نہ ڪو ثانِي، ابو امڙ رحمت رَبانِي،
ابو ”انمول“ امڙ ڊِيوانِي، ”سوڊر“ اهڙي صحبت نہ ثانِي،
ابو امڙ ويا وَري نہ آيا، سُور سيئي سنڀالي رکياهِن.

اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

ڳَرِي دانھُون پِيَرِي آنھُون، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي
اکين مان نارَ وَھايَم ڏارَ اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

رَوئندَي راتيون گذاريم، سِڏَندَي ساريُون گذاريم
يادن جي سِير، سِيني ۾ تِير، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

ھليو سو وقت ويو موٽِي سو ڪِين ايندو
سِڪندي ٿِيَڙم سال، وِچايَم حال، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

خوشي ساري ختم ٿِيم، وَھَندا لڙڪ رَھيَم
نِير ھارَي، پرين سارَي، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

راضي رحمان رَھَي، ھر پل اھو ڏِيان رَھَي
نہ ٿِيو دِيدار، ويا سَي پار، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

خالِي سَي گھر ٿِيا، وِڇڙي سَي وَلَرَ وَيا
اٿم ارمانُ، نہ ٿِيو درمانُ، اباڻن کي تہ ساريان ٿِي

جي اڄان بہ اسان سُڌرون تہ اسان ڏوهِي

جي اڄان بہ اسان سُڌرون تہ اسان ڏوهِي،
جي اڄان بہ هَٺ تان لَهُون تہ اسان ڏوهِي،

اسان صدين کان سائين هَيراڪَ غلامِيءَ جا،
ڪِرت پُراڻي آ ٻيو دَگ ڪاهِيون تہ اسان ڏوهِي،

اسان نسلن کان ذِهني غلام ٻَڌيَل رَهياسِين،
جي ڳالهہ انهيءَ تان ڦِرون تہ اسان ڏوهِي،

اسان دَڙڪا دَهمان، ڌِڪا ٿاٻا کائِڻ جا عادِي هُون،
پنهنجي عادت پُراڻي مَٽايون تہ اسان ڏوهِي،

واعظي وَضاحت ڳَندَي ٿڪجي مِنبر تان لٿو،
اگر وَري ڪنهن ڏاهَي جي مَڃون تہ اسان ڏوهِي،

اسان جا گهر ٻار ٻَنِيُون سڀ ڪجهہ لُٽجي ويو،
نِياڻيون نِماڻيون ڏِسِي غيرت کائون تہ اسان ڏوهِي،

امڙين جون آنهُون، ٻچڙن جو دانهُون، آب اکيُن ۾،
ڪِيڪاٽ سُڻِي ڪمزورن جا دانهِيون تہ اسان ڏوهِي،

پنهنجا مارا پاڻ سُڃاڻون، پَٽن وينا اسان جون پاڙون،
جي وري بہ انهن لاءِ نہ نيڻ وِڇايون تہ اسان ڏوهِي،

اسان جي ٻچڙن جي وات مان گرهہ گَڏي ٿا کائِن،
اهڙن جي چاپلوسِي نہ چاهيون تہ اسان ڏوهِي،

اڙٻاسِين اسان تہ هر ڪنهن گُنو ڪاتن سان،
پوءِ بہ پرڪار پنهنجا سُڌاريون تہ اسان ڏوهِي،

جنهن ڪان جيترو پُڳو پَلاندُ اوڳاڙي وَتائِين،
اگر پوءِ بہ سُڌري تبديلي آڻيون تہ اسان ڏوهِي،

”سوڍر“ سيڪو آ سُورن ۾، هر طرف آنهُون ۽ دانهُون،
آب ڏسي اکين ۾ پوءِ بہ مَتجون تہ اسان ڏوهِي.

حُسن تنهنجي جي هاڪَ هلِي

حُسن تنهنجي جي هاڪَ هلِي، دل زماني ڪِيئن پَلِي،
منهنجو هو رُوح رَڙيو، جُدائي تي ويو جيءُ جَلِي،

يادن اندر ڪٽي اڌ ڪيو، هر هر توڏي هو پنڌ ڪيو،
هر هڪ هو سَنڌ سَڙيو، فِراق ويو هو مون کي مِلِي،

محفل مَتل ساري هئِي، ڪٽيل بازي مون هاري هئِي،
جيءُ هُيو هندِ اهڙي جَڙيو وِڇائي وَينس وَرڻ ڳَلِي،

سُورُ هاٿي سَلِيان کهڙو، هَتِڙا وَيهِي مَليَان کهڙو،
تار ٽٽل هان تڙ تان تڙيو، ڳالهہ نہ ٿِئي ڪنهن سان سَلي،

”انمول“ نيڻن ۾ رڳو نِير آهن، سِيني اندر ڪتل تِير آهن،
هنڌ ساڳي ئِي آهيان ڪڙيو، جتان موڪلايو تو هو ڪِلِي،

سي اباڻا هئا منهنجا

عِلم جن جو افضل هَو قِرائت جن جي ڪامِل هُئِي،
عَمَل جن جي عادت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

قال الله سَنديون ڳڇريون، قال رسولﷺ سَندِي رهاڻ،
سَچائي جن جي سعادت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

عِلم سَندا سَمنڊ هُئا، عَمَل سَندا آسمان هُئا،
ضِيافت جن جي غيرت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

قرب جن جي ڳڇري هُئِي، ادب جن جي عَظمت هُئِي،
شهادت جن جي چاهت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

مَناظِرِ اسلام لقب هُئا، استاد العُلما سَبق هُئا،
رَوزا جن جي راحت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

بَهادُري ۾ بالاتر رَهيا، عبادت ۾ اڳيرا رَهيا،
فضِيلت جن جي فِطرت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

فتوائن ۾ جَي فائِز هُئا، مِيثاق ۾ جَي مَجيَل هُئا،
عزت جن جي اُلفت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

قضا ۾ جَي قابل هُئا، مِيراث ۾ جَي ماهِر هُئا،
حَياتِي جن جي نِعمت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

جَي بَي بَها گوهَرَ هُئا، تاريخ ٻڌجي سَي اڄ وَيا،
عَيان جن جي نزاڪت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

ذِڪر جن جو آ عبادت، ”سوڍر“ ڪي مِلِي سعادت،
”انمول“ جن جي عِبرت هُئِي، سَي اباڻا هُئا منهنجا.

ڏئِي جُدائِي يار هَليو وَئين

نيڻ آلا ڪَرَي، باھہ سِيني ۾ ٻاري،
ڏئِي جُدائي يار هَليو وَئين.

دل کي آتارَي، عشق جي آتش ٻارَي،
ڏئِي جُدائي يار هَليو وَئين.

مَسنَد اها خالِي آهي، ديدار جتي مِلندا هئا،
رَوئِي رات ڏارَي، ڳالهيون سَي سڀ سارَي.

اوڙو پاڙو ايندو هَو، مُلڪ جتي اچي مِڙندو هَو،
زخم آرَي پارَي، رَوئِي پيُم هَنجُون هارَي.

اج اهي خالِي گهرڙا، تو بِن وِيران چَمَن آ،
دل دانهُون ڪَرَي، رَوئِي راهُون نِهارَي،
وِيران سَي وَيڙها ڏِٺم، رُلندي تن جا عاشق ڏِٺم،
اجائِي زندگِي گهارَي، نيٺ چَڏِيَم ماٺِ مارَي.

تو تي اج ناز ٿِئي ها، "انمول" دل شاد ٿِئي ها،
رهيو ڪونہ يارَي، درد اهو ٿو رَوئارَي.

محبوب ڪَرَي ماٺا

محبوب ڪَرَي ماٺا، رُوح رِجهائِن ٿا،
سوچ ڪَرَي سِياٺا، نِينهُن نڀائِن ٿا.

حُسن دِيوانا ڪِيا، دِيدار ۾ دَرشن ڏئِي،
سُونهَن روانا ڪِيا، جيت ۾ جشن ڏئِي،
مَوتِيُن جا داٺا، محبوب مُنجهائِن ٿا.

هِي عشق ۾ آتش ٻئِي، يار پُراٺا ٿئِي،
هِي وِصل ۾ واصِل ٻَئِي، هِڪُ ئِي گهراٺا ٿئِي،
رُوح رَلَي راٺا، رِڻ ۾ رُلائِن ٿا.

هَوش نہ هوندو آ، جَوش نہ جيئندَو آ،
پَل پَل جي پيڙها ۾ هِي، رَوز پيو مَرندَو آ،
گهاوَ ڏئِي گهاٺا، ”سوڍر“ هِي سَتائِن ٿا.

واٽ وِيندَڙ ڇڏي بيهارَي ٿو

جاڏي دلبر ڊِيدَ وارَي ٿو، واٽ وِيندَڙ ڇڏي بيهارَي ٿو،
نيڻ ڪٽِي جو نِهارَي ٿو، ڳيتراڻِي وِڃهي ڳيرائي ٿو.

قاتِل قهري اکيون اٿس، ٿورَ اهڙي ٿِلڻ سِڪيُون اٿس،
پَرواهه نہ ڪَرَي پنڌ جي، راز الائي ڪهڙي رَکيُون اٿس،
واهه جي وِڪ وَڌائي ٿو، چنڊ ڪي پِي شرمائي ٿو.

تيز تابش اکڙين جي، نظر مِلائي سَگهي نہ ڪوئِي،
هِڪ وار ڏِسَي جو، دل سو پَلي سَگهي نہ ڪوئِي،
اکين مان اوتي پَلڪَن مان پياري ڇڏي هَيرائي ٿو.

سُونهَن مِلِي ٿس يار سَوائِي، ماحول ٿو مِهڪائي،
حيران ڪَرَي هزارين ماڻهو، دليون ٿو للچائي،
هَرڙِي جهڙي چال هَلِي، رُوح ڇڏي تڙپائي ٿو.

سَنگ مرمر جي مُورت، خوبين جي ڪا ڪاڻ مِثل،
”سوڍِر“ ڇا ساراهہ ڪَندَي، مِلِي نہ ڪا واڪاڻ مِثل،
مُرڪ سان مُنجهائي، هَوش سَمورا ڇڏي وِڃائي ٿو.

مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون

لهي ويندا ڏک ڏولاوا، وِسري وِيندِي وِيرَ،مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون،
قرب سان جو ڳنڍ رکِي، ڳُلهي تي وَهيا نِيرَ، مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون،

صدِيون صدما سَهندَي گذريون، اکين مان وَهندا رهيا مِينهن،
گهاري وَرتاسِين ڏکيا سُکيا ڏِينهن، سِيني منجھ سانڍِي رَهِي سِيرَ،
مُرڪ موڪلائي وَڃون،

مقدر ۾ لِکيَل قضا جا قول قرار، ڳنڍ جُهڪائي مَجياسِين، رَوئِي رَڙِي سِر تي
سَهياسِين، ڪتل رهيا پنهنجي تن ۾ تِيرَ،
مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون،

هِتي رَهڻو عارضِي عمل هو، هِتي سدائِين ڪو رهيو ناهي،
هڪ ڏينهن اوڏي هلبو ڪاهَي، مَجان ٿو جُدائِي جَهورَي وِجَهندِي جهيرَ،
مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون،

ڏکن سُکن ڪي سَڏبو آ زندگِي، ڪهڙا وَيهِي ڪندَي تون قرار،
فڪر ڪان "سودِر"ڪونهي فرار، هِيءَ ناهي مَنزل پنهنجي مِيرَ،
مُرڪ تہ موڪلائي وَڃون

اندر جون ڳَي تو سان اوريان

اڱڻ جي اچين، اندر جُون ڳَي تو سان اوريان،
ساجن سِڪَ جُون سَڳيون ڳَي تو سان سَوريان.

هوت اچ هَلِي، صِحن سارَو سَجائي رَکان،
پرين آءُ پَيرَ پَرَي، گليُون مِهڪائي رَکان،
دِيدُون وِجِهي دَرشن ڳَيان چپڙا ڳَي چوريان.

دَرشن ڪَرَي دلبر جو دِيدون ڳَي تاريان،
ڳَنڌ رکِي ڳُلهي تي هَنجون ڳَي هاريان،
وقت وَڏِي رفتار هَلي پيو، هَلي هُوند هوريان.

هِڪ وار اچي هَيڏو جي احسان ڪَرين،
حاسد ساڙي هَڙ وَبتر تون حيران ڪَرين،
مُونجَهه مَرَي مَنَ جي مان ڏِنل سَي ڏوريان.

سُٺايان ساري سپ جيڪي مون سُورَ سَناهِن،
سانپيان ٿِيَن سپ جيڪي سَپنا مون ڏِٺاهِن،
اچڻ جا آثار ڏِسِي "اعجاز" گهر سَجو گهوريان.

اجاريون اکيون توکي سارن ٿيون

اجاريون اکيون توکي سارن ٿيون،
لِکي لوڪَ کان هَنجُون هارن ٿيون،
تو بن تڙپي لُڇي ٿو جيئڙو پوَي،
وِهُہ وَهمَن سَندو ٿو پيئڙو پوَي،
سُڏڪا سُڏڪا ٿِيو هِي جيون سارو،
مِل مون سان لهَي مَن مُوجهارو،
دِيدَ بنا دلبر مون کي مارن ٿيون.
ساجن ڏني مون هِن ڏينهن ٿِيا،
نيڻ وَهَندَي وَهَندَي مِينهَن ٿِيا،
جُدائي جانب جيءُ جَهورَي پئِي،
ماسُ هَڏن تان سَڃو گورَي پئِي،
هِجر و فِراق ۾ لُڙڪ لارن ٿيون.
ياد آيو مون کي يَر اهو زمانو
دلبر جو ٿِيو هُيس جَڏِ دِيوانو
مُرڪَ وَيَمر منهنجي تڏِ موکلائي،
سُهڻا تو سَوز ۾ اهڙو جادو آهي،
جيءَ جَڏي کي جانِبَ جيارن ٿيون.
”سوڍر“ سارَي ساجن ٿيون رت رَوئن،
اداس اکڙيون ايڏا ٿيون انگل گَن،
جُدائِي جلائي بدن ۾ آ باهہ ٻاري،
يادن سِيني ۾ اهڙي آ تانگهہ تاري،
پريت جا پَري هرهر پيالا پيارن ٿيون.

کھڙي خبر

بي درد تلوارن کي درد دل جي کھڙي خبر،
خوش ٿيي کِلڻ وارن کي، دَرد واري دانھَن جي کھڙي خبر.

دل جي دوستِي ھلائِن ٿا ھِتِ ڳَي ڳَي ماڻھو
جن ڳيو نہ پيار آ، تن کي عشق محبت جي کھڙي خبر،

ھِتِ مَطلب خاطر مِلي ٿو ھَرڪو ھِڪ ٻئي سان،
مَطلب پرست ماڻھو کي رُوح جي رَاھُن جي کھڙي خبر.

ھِيءَ دنيا دل وارن کي ھميشہ ڏِيندي ڏاڍو دَرد آ،
بَي دَرد ھِن دنيا وارن کي دل جي دنيا جي کھڙي خبر،

وَنِي دل ڏِيَن ٿا ڏوڳو جيڪي ھِن سَچي پيار کي،
ماڻھو سَمجھن مَذاق ٿا تن کي پيار محبت جي کھڙي خبر،

مَذاق ٿِي مَذاق ۾ ڪوئِي دل ڏئِي وَيھَي ٿو
ان ڳَيَل مَذاق جي ٻين ماڻھن کي کھڙي خبر.

مَذاق ڳندَي ڪوئِي ڪنھن جي دل بہ ٽوڙي ٿو وَيھَي،
ٻين کي ان بربادِيءَ تي رَت رَوئڻ جي کھڙي خبر،

”انمول“ آخر ماڻھو ايئن ڳن چو ٿا دِيوانن سان،
شمع جَلائي مارن ٿا، پَروانن جَي مَرڻ جي تن کي کھڙي خبر.

صدر سِنڌِي هَو

سالن کان وَڻِي جڏِ سِنڌي سارا ٻُڌا، صدر سِنڌي هَو
گهر ٻُڌا، تر ٻُڌا، تو ۾ مون پارا ٻُڌا، صدر سِنڌي هَو

قدرت طرفان هَو يا پاڻ هُئا بَند پَڳا،
ڏکيو اهڙو وقت هُيو وَلر سارا ڇَڳا، صدر سِنڌي هَو

ٻَچا ٻار توڙي هُئا سنڌ جا ننگ رُليا،
وِسرن ڪِيئن ايڏا سارا اهنج مِليا، صدر سِنڌي هَو

ماروئڙا مُونجهه ۾ ڇَڏي پنهنجا سڀ تر هَليا،
پنهنجن هُوندَي هَيڊِي ٿِي ڏاريا ڪِليا، صدر سِنڌي هَو

ڳوئِي ڪنهن جو پُرسانِ حال نہ هَو
بَيوس ماروئڙن جو ڪو حال نہ هَو، صدر سِنڌي هَو

پِنَ جَي ٽڪر جي آسَ لڳائِي جَن ماڻهن،
پيو ڪُجه نہ ڏِڪا ٿاٻا کاڌا تن ماڻهن، صدر سِنڌي هَو

ڪُليَل آسمان هَيٺان وَيٺا رَهيا هِي ماروئڙا منهنجا،
ٻُکن ۾ بدحال رَهيا هِي سانگِيئڙا منهنجا، صدر سِنڌي هَو

سِج جي تپش سَنِي ڪانہ ٿي ٿِي،
بيمارين جي ڪا دوا ڪانہ ٿي ٿِي، صدر سِنڌي هَو

هِتِ پنهنجن جا جنازا ڪُلهَن تي کڄڻ روز لڳا،
آهِستي آهِستي ڇڄن پيا ساهَہ سَڳا، صدر سِنڌي هَو

ڏک سُورَ سَهِي جيئڻ جا جَتن پاڻ ڪَيائون،
رَوئِي دَرد مَنجَهان دانهُون خوب ڪَيائون، صدر سِنڌي هَو

هِن بَرسات ۾ ٻوڏن ۾ لُڙهي سڀ ڪُجهہ وَيو
فصل وَيو، مال وَيو، ٿِي بُرو حال ويو، صدر سِنڌي هَو

ڏِڪا ٿاٻا کائِي سڀ تڙپندا ۽ رَوئندا رَهيا،
پنهنجي مُنهن وَيهِي اڪيلا سِسڪندا رَهيا، صدر سِنڌي هَو

دانهَن نہ وَرنِي ڪنهن جي رَوئِي چُپ ڪَيائون،
يَيوس آخر لڏِڙا واپس پنهنجي ڳوٺ ڪنيائون، صدر سِنڌي هَو

”سوڍر“ گذري ڏکيو سُکيو سارو سال وَيو
مِسڪِين ماروئڙن جو ٿِي بُرو حال ويو، صدر سِنڌي هَو

والِي وارث هَوندَي لاوارث يار هُئاسِين،
”انمول“ آخر رب جي آسرَي پار ٿِياسِين، صدر سِنڌي هَو.

مُهلت مِلِي ٿئِي

مُهلت مِلِي ٿئِي مَلهائي وَٽ، ابي امان جي دل ٺاري وَٽ،
ماءُ پيءُ مِهمان هوندا اٿئِي، انهن سان سُنو گهارَي وَٽ،
قدم چُمِي ڪر شڪر ادا، دُعائون تن جون سڀ سارَي وَٽ،
سِياڻو ٿِي سنڀالي هل، انجام اولاد تون پارَي وَٽ،
ابو امان ڏينهن ٻہ چار، خدمت جا ڏيئا ٻارَي وَٽ،
ابو امان جنت تنهنجي، جلد جنت ۾ جاءِ وارَي وَٽ،
غفلت غرق ڪَرَي نہ وِڃهي، بيڙو پنهنجو تارَي وَٽ،
غفلت ۾ وقت ويندو گذري، هوش عقل تون ڏارَي وَٽ،
سُورَ ڏاڍا مِلندئِي "سوڍر"، سِياڻو ٿِي سُستِي مارَي وَٽ،
"اعجاز" انڌ مان نِڪر جلدِي، ابي امان ڏي دل لارَي وَٽ.

مَنَ اڱڻ تي اچين

قرب ڪَرَي ڀير ڀَرَي مَنَ اڱڻ تي اچين
مُونجهہ مَرَي دل ٺرَي مَنَ اڱڻ تي اچين
نيڻ وِڇايان، جُهمريُون پايان،
خوشِي وارا گِيت مان ڳايان،
رَهُہ نہ پَري ڪِين نہ سَرَي،
سَتائي ٿِي ياد، اچ تہ ٿِيان شاد،
باهِہ ٻَرَي، تانگهہ ترَي،
اچ چيڙا چَورَي، ڏاڍِيان هَورَي،
ياگ وَرَي، نہ ٿو ٺيم ٺرَي،
مان بي مول ناهِيان، "انمول" آهيان،
ڏِيان ڏرَي، هِنيانءُ ٿو ڏرَي،

زندگيءَ ۾

محبتون، اِڪرام، عزتون اَربِي ڏِيَو زندگِيءَ ۾
خوشيون، خيراتون، خوبُ ڪيو زندگِيءَ ۾

موت پُڄاڻان هر ڪو مَرِي هِتان مُسافر ٿِيندو
قرب ڪچهريون محبت مَيلا ڪيو زندگِيءَ ۾

رَوز رُساما، حسد ساڙ مَنجهان هٿ ڇا ايندو
احترام الفتون ادب سڀ اوتي ڏِيو زندگِيءَ ۾

نفرتون باهہ برِيَل هر هنڌ ڏِسون ٿا اکين سان
کِلِي خوش ٿِيو قرب ڪَني ڪيو زندگِيءَ ۾

ٻين کي خوشيون ڏِيَڻ ڏاجُ ڏهيسرن جو آهي
مَوجون، مَستِيون، دائري اندر ڪيو زندگِيءَ ۾

ٻين سان پاڻ پَيتِيَو ٿا دولت جي ترازو مَنجهہ
نيڪِيُن ۽ سُنائِيُن جي رِيس ڪيو زندگِيءَ ۾

قرب ڪَني ڪَرَي ونو قدردان ماڻهن مَنجهان
موقِعو مِليَو ٿوَ چڱائِي ڇُوندي ڪيو زندگِيءَ ۾

هِتِ هر ڪو مُسافر آهي دنيا مِثل مُسافر خانو
چڱائِيُن سان ڪتِي دلڙيون راجُ ڪيو زندگِيءَ ۾

پنهنجي لاءِ جيئڻ هِتي هر ڪنهن کي ايندو آ
اصل مقصد زندگِي ٻين ڪارڻ جيئو زندگِيءَ ۾

بنا بَندگي اٿوَ شرمِندگِي سراسر هِيءَ زندگِي
خدمت انسانيت عبادت سان گڏِيَو زندگِيءَ ۾

علم بنا انسان اڌورو محبت بنا ويران سَمورَو
بنا الفت بنا محبت پو باقِي ڇا رهيو زندگِيءَ ۾

ڏکن سُکن جي هِن سَنگم جي شِڪوه ڪار ناهَي
هر حال ۾ شڪور جو شڪر ڪيو زندگِيءَ ۾

مولا محبت سان ٺاهيو هِي سنسار آهي سارو
چمن جي چاهت سان باغبانِي ڪيو زندگِيءَ ۾

خالق جي خِلقت جو تحفو آ تعارف جوڳو مِليو
قادر جي قدرت سَندو ڪارخانو هَليو زندگِيءَ ۾

انسان ۾ انس جو مادو رکيائين پاڻ پروردگار
ڏِسو چاهت جو عجب چرخو چليو زندگِيءَ ۾

مالڪ جي مِهر هر مخلوق مَٿان ”انمول“ رهِي آ
”سوڍر“ ساراهي سچو هر قول ڪيو زندگِيءَ ۾

جڏ پرهہ ڦٽِي تڏِ يقِين آيو

جڏ پرهہ ڦٽِي تڏِ يقِين آيو
انتظار هو پر مَٽِي نہ آيو

اميد هُئِي مَنَ اچي هُو نِڪرَي،
دِيدَ سان مَنَ دِيدَ کو ٽڪرَي،
آسُرو هو اجهو قلب مَڪِين آيو

ساهُہ سِڳي، هڪ وار اچين تون،
قرب جا پيري قدم يار اچين تون،
اميد هُئِي اجهو تن تسڪِين آيو

گهارَي چڏيون مون اڻ ڪٿ راتِيون،
راهہ ۾ پاتم وَيٺي هر هر جهاتِيون،
آس لڳائِي "انمول" شائقِين آيو

قاضِي هُن جو، ڪورٽ هُن جي

قاضِي هُن جو ڪورٽ هُن جي،
دردن سندو درمان ٿِئي ڪِيئن؟

اوپرو ٿِيس تڏهن آنهَن نِڪتِي،
چرچو هُن جو چاهت هُن جي،

محبت ۾ مارَي مات ڪيائِين،
رستو هُن جو راحت هُن جي،

فرياد منهنجي اگهاڻِي ڪِيئن،
فِراق هُن جو فِراست هُن جي،

سُور سُٺائي جو گيم غلطِي،
زخم هُن جو ذِهانت هُن جي،

ڪٺِيل بازي هارجي وِيندُس،
وَڪِيل هُن جو وِڪالت هُن جي،

”انمول“ فرياد رَسائي ڪيئن؟
انگل هُن جو عادت هُن جي،

جام ڏسان ٿو

سرِعام روڊن تي نچندي اڄ جون عورتون عام ڏسان ٿو
چند روپين عيوض ٿيندي هِنن جي عزت نِيلام ڏسان ٿو

ظالم اڳيان ساٿاري ٻٽِيَل وِڪامِيَل خان ڏسان ٿو
انصاف لئه چادر لٿل نِياڻين کي پِي جام ڏسان ٿو

ابي جو احترام ناهَي، هِتي جيجل رڳو رَوئڻ ۾ آهي
پيءُ سان پئسن لئه وِڙهندَي پٽ پَهلوان ڏسان ٿو

ڪاٺ لاءِ گھر اٽو ناهَي، پيءُ ٿو پوڙهو ڪمائي
هزارن جي موبائل هٿ ۾ حاجي صاحب حيران ڏسان ٿو

پَيٽ کي پَيٽ نه ٿو سمجهي، زال سندس زناور آهي
ٿوپ نِراڙ تي مُٺِ تي سِگريٽ پيئندي پاڻ ڏسان ٿو

پڙهڻ لاءِ پُٽ تيار ئِي ناهي، گھران نِڪري ٿو پاڻ کي ٿاهَي
پٽيندو رَهَي سدائين نوڪري لئه. هٿ ۾ هيڏو دِيوان ڏسان ٿو

ووٽ وَٺڻ لاءِ وانو وِيندو، آزيون نيزيون آنهُون ڪندو
ڪُرسي مِلي ڪامورو ڪَڏَي نه ڪنهن جي ڪاڻ ڏسان ٿو

لکين روپيہ پگهار سائين صاحب سرڪار ڏِسان ٿو
پنندڙ ڪان بہ رشوت وٺندي وهنوار ڏِسان ٿو

بنا پئسي ڪم ٿِيَڻو ناهَي صاحب ٿو پنهنجو گهر ٺاهَي
حرام ڪمائي عياشِي ۾ کپائي صاحب سرِعام ڏِسان ٿو

پيغمبري پيشو جنهن جو آهي بَچو هِتِ سو پِي ناهَي
ساري عمر سَيڪاريندَڙ آفيس مَنجهہ ناڪام ڏِسان ٿو

هَٺ هَنِيلا هَڙِئِي هِتڙي، پئسَي جا سڀ پوڄاري آهن
مطلب خاطر محبت هِتڙي سلامت ناهي سَام ڏِسان ٿو

غريب جي غربت مَذاق مِڙوئِي غريب جي جَوءِ جڳ پاڃائِي
امير اوطاقون وانا واڙيَل غريب لئہ پو غمسان ڏِسان ٿو

سنڌ سدائين سُورن ۾ لالچي لوپِي سڀ لٽي ويا سارا
راتيون روئندي رَڙندَي هِتِ امڙيون اهڙيون يار ڏِسان ٿو

هر هنڌ رت جي رَولِي، گار گند وَيڙهہ بندوق ۽ گولِي
شرم حياءُ ويو هِتڙان هاڻي هر هنڌ هِيسِيَل هِنياءَ ڏِسان ٿو

ڪهڙا ڪهڙا سُور سَلِيان مان سائين هن سَتايَل سنڌ جا
”سوڍِر“ سُور سَوايا انمول ابوجهہ عوام سان آزار ڏِسان ٿو

انسان

محنت کان پيو ڪِيٻائي ٿو انسان
حلال حرام هَڙ پيو ڦٻائي ٿو انسان

رب جي رضا وِساري چو وينو آهي
عبادت کان ايئن پيو لنوائي ٿو انسان

ڪرتوت ڪارا حيوانن وارا هِن جا
پوءِ ٻہ پاڻ کي پَيو چوائي ٿو انسان

هَڙئي هڪ جهڙا هرگز ناهِن هِتڙي
امن ايمان پيي تہ ٻَچائي ٿو انسان

ڏوڪو فريب هُنرمندي مڃيو آ هن
ايندڙ نسل کي اهو پڙهائي ٿو انسان

ماڻهو مارڻ جهڙو ڳُڏو ڪم ڳَري
لٽ مار ۾ ڦر پيو ڳرائي ٿو انسان

نعرو آ برابري وارو بهتر سڀ کان
پر حق لئي هِڪجهڙا رُلائي ٿو انسان

فرشتن مانُ مڃيو هو ماڻهوءَ جو
هاڻي پاڻ تي پاڻ کِلائي ٿو انسان

جيوت کي ڏکائڻ ڪم ظرفي آ
پر هِتِ انسان کي سَتائي ٿو انسان

حَدُون ۾ ليڪا سيئي آ لتاڙي ويو
عمل سان انسانيت کي لڄائي ٿو انسان

لوفر عزت عظمت لهڻي ٿِي ناهَي
ناڪارن لئي نيڻ وِڇائي ٿو انسان

مَجبوري مَتون مُنجهائي وَٺي ٿِي
لالچي انڌو ٿِي ايمان وِڃائي ٿو انسان

مظلوم جو رُوح رَنجائِڻ رب رُسائِڻ آهي
پوءِ بہ پنهنجا سڀ پاڻ تڙپائي ٿو انسان

ڳمائِڻ قِيامت ڪارڻ ازلي ڪم انسان سَندو
حِرص هَوَس ۽ لالچ ۾ هَڙ وِڃائي ٿو انسان

حرام ڪمائي حرام ٿو کائي آخر ڇو
لٽ مار ڪري محفلون روز مَچائي ٿو انسان

معاف ڪرڻ ۾ هو مانُ نہ سمجهي مُور
انتقام ۾ ٿِي اور پَهَہ پچائي ٿو انسان

جانور بي زبان هُئا، ڪُڇڻ کان قاصِر هُئا،
هاڻي ماڻهو ماڻهوءَ سان وِڙهائي ٿو انسان،

محبت اڳيان جُهڪيا هَيڪاندا هَشمت وارا،
هاٿِي ۽ شِينهن جهڙا پيي پڙهائي ٿو انسان،

عزت غيرت وجي پَئِي هِتڙان هاڻي،

پنهنجي نِياڻي پاڻ نچائي ٿو انسان،

خبر اٿس هِتڙان هَيڪَل هَلڻو آهي،
پوءِ بہ روز جشن مَلهائي ٿو انسان،

اڙانگو سفر وِسارَي وَيهَي ٿو هِي،
ڏِسو ڪهڙا ڪهڙا رنگ رَچائي ٿو انسان،

ڪڏهن يَريءَ ۾ ڪڏهن ياڪُرَ ۾،
ڏِسو روپ ڪِيئن مَٽائي ٿو انسان،

انسان انسان اڳيان ٻَيوس ٻڻِجَي ٿو،
هوش هَشمت هِينئن هَنڊائي ٿو انسان،

خاڪِي آهي خالِي آيو خالِي ويندو،
فخر ۾ پاڻ کي ڦوڪائي ٿو انسان،

ڪو ظالم هِتِ هَيڏو ظلم ڪَرَي ٿو،
وري دانهَن سان عرش لڏائي ٿو انسان،

ايمان مِلي وڏي هڪ نعمت آهي،
پئسي خاطر دين کپائي ٿو انسان،

رشوت کائي راڄُ رنجائي لوڀي،
ڪو بي ڏوهہ ڦاسائي ٿو انسان،

”سوڍر“ تون ڇا لِکِي ڇا لِکندَين؟
ٻنهي جهانن خاطر گَمائي ٿو انسان.

ڏِسان ٿو

پُٽ پيءُ سان وِڙهَڻ لاءِ هر وقت تِيار ڏِسان ٿو
ماءُ کي ماريندو رَهَي ٿو ڪائِيندو خار ڏِسان ٿو
پاڻ سَڏائي خان سِيني تي سَونو هار ڏِسان ٿو
پوڙهو پيءُ روئي، امڙ جي اکين ۾ نار ڏِسان ٿو
سارو ڏِينهن تڪِيندا وتن نِياڻي پرائِي نِدورا
سندن ڀِينرن جا پڻ اهڙا ٿِي گي آثار ڏِسان ٿو
مَٽي اگهاڙي امڙ روڊِن تي رُلي انصاف لئہ هِتي
ڀيڻ ڪندِي رَهَي دَر دَر دانهُون ڏار ڏِسان ٿو
ڪنهن جو ڪُهِي ڪالهہ ڳُونڌر ويا هِن
ڪنهن جو نِياڳو نِدورو اکين جو نار ڏِسان ٿو
انصاف وِڪاڻو هِتِ آ پئسن تي پَتِ ڳريو
چَند پئسن عيوض ٿِيَل چادر تار تار ڏِسان ٿو
مظلوم جي چو ڪو ٻُڌي ٿِي ڪِين ٿو پيو
ظالم جو هر هنڌ وِڇايل وڏو جار ڏِسان ٿو
ڀاءُ ڀاءَ جو ٻڇي وَيري ڪائِي مِلڪِيت ويو سارِي
ابي امڙ جي دل اندر ٿِيندي تِير پار ڏِسان ٿو
ڀيڻ ڳَرِي قربان سڀ ڪجهہ ڀاءُ مَٿان ٿِي
ڪارِي چٽِي ڪاوڙ ۾ ڳنڍ سندس ڏار ڏِسان ٿو
بنا رشوت ڪو ڪم ڪرڻ جائز نہ رهيو هاڻي
پئسن تي هر ڪم ڪرڻ لئہ ديوانہ وار ڏِسان ٿو
ڪتاب پڙهڻ جو دور وڃي پيو مَيٽجندو هاڻي

سمارٽ فون جو وِڇايل وَبتر وڏو ڄار ڏِسان ٿو
ماڻهن کان ويو موت وِسرِي سڀ بيگانہ آهن
نيڪِي ڪرڻ کي سيکو سمجهي عار ڏِسان ٿو
ڏوکو فريب هاڻي هُنر ٻڻجي وَڏندَو رَهَي ٿو
نوڪِي ٻڻيل هِتِ هِنيانءَ جو نار ڏِسان ٿو
رحم کان رُوحَ اڪثر خالِي نظر اچن ٿا پيا
پنهنجو پَيٽ پرڻ لاءِ سيکو تار ڏِسان ٿو
عزت واري ابي جي گهر ۾ آ اياڳو ڄائو
ڪُڏي ڪرتوتن وارو ٻڻِيَل ڪار ڏِسان ٿو
جن پالي نِپائي وڏو ڪيو جوڏو جوان
مَٿس ٻڻِيَا اڄ اُهي جو وڏو بار ڏِسان ٿو
هر هوٽل هاڻي آباد آستانو ٻڻِيَل رَهَي ٿو
مولا جي مسجد خالِي ايمان ۾ ڏار ڏِسان ٿو
مِسڪِين رَهَي سدائين مُونجهارَي مَنجھ
اميرن کی ايمانداري الائی چو خار ڏِسان ٿو
اخلاق ۽ انصاف جو جنازو ڪڇي ويو آ
هِتِ هاڻي هر هنڌ گلا غيبت ۽ گار ڏِسان ٿو
ثمر سبزي اناج پَڪِي جانور مَڇِي سڀ
هائبرڊ هاڻي، ٽيسٽ ٽيوب ٻَيبِي ٻار ڏِسان ٿو
اباڻي تهذيب وَئِي وِسري آهي سَفا هاڻي
بواءِ فرينڊ گرل فرينڊ غير ٻانهُن هار ڏِسان ٿو
احترام اڳيون ويو معاشري مان موڪِلائي
هاڻي هر ڪنهن جو اندر ماڻهو مار ڏِسان ٿو

استاد ادب سيکاري ادب جو اوتارو آهي
شاگرد جو رويو سندس سِيني تير پار ڏِسان ٿو
مُحب جيڪو مُئل آهي معشوق اڳيان
ان سان سِينو ساهِيندَي هِتِ يار ڏِسان ٿو
ننڍ وَڏائِي جو وجود وڃي پيو واڪا کندو
پئسَي جي پوڄاريءَ جو ٻيڙو پار ڏِسان ٿو
مسلم آهي ايمان سلامت ناهَي بچيو باقي
هر کنهن جو هاٿي دامن داڳدار ڏِسان ٿو
واعظ ڪري مسجد ۾ پَڙهِي نہ ڄاڻي پاڻ ٿو
گفتار سِکِي گونجدار تقرير ۾ ڊار ڏِسان ٿو
عزت واري جو پَٽڪو لاهِڻ ۾ دَير ئِي ناهَي هاٿي
ڳاڙهي ٻوڙ وارن جو سو سِپهہ سالار ڏِسان ٿو
حرام جي پَويان لڳي ٿو حلال هُو هَڙ وِڃائي
ڏوڳي ساڻ ڳمايَل رهي مَينگهہ ملهار ڏِسان ٿو
ڳَير ڳُچي تنهن اڳيان ڳُونڏر آ ڳنڏار ٻڌِيو
ابو ٻَڏي ٻانهُون پوتِي پَيرَن تي پُٽ پڳدار ڏِسان ٿو
اڄان بہ وڃُون ٿا سماج جو سَتِيا ناس ڪندا
بُرو ٿِيندو اڄان اسان سان اهڙو آثار ڏِسان ٿو
جيڪو پوکيو آهي سَو ئِي لڻنداسِين اسان سڀ
هاڻي پنهنجو پوکِيَل فصل سو تيار ڏِسان ٿو
”انمول“ اباڻا ويا سڀ پنهنجو وارو وَڃائي ويچارا
”سوڍر“ سماج سان سُورن جو ساٿار ڏِسان ٿو

زندگِي

ڏکن سُکن جو سَنگم آ هِيءَ زندگِي
محبت نفرت جو سَنگم آ هِيءَ زندگِي

جيڪو ويو سو واپس وَرڻو ناهَي وَري
هڪ دفعو ئِي مِلندي آ هِيءَ زندگِي

وِڃائِڻ نہ گهرجي هِن مِليَل هَديَي کي
ڏاڍي انمول هوندِي آ هِيءَ زندگِي

ڪو ناڪارا ناهَي قدرت جي ڪارخاني ۾
ڪنهن مقصد خاطر مِلندِي آ هِيءَ زندگِي

ڏاڍي محنت سان ڪجھ بَقا مِلي ٿِي
ڪرڻ هرگز ضايع نہ گهرجي هِيءَ زندگِي

ڪَن ڏاڍو لطف ورتو آ هِن مَنجهان
ڪَن ڪارڻ عذاب بَڻِي آ هِيءَ زندگِي

ڪَي جيئري دوزخ جو درد سَهَن ٿا
ڪَن ڪارڻ جنت بَڻِي آ هِيءَ زندگِي

ڪَن مَيلا مَچايا روحَ رهاڻِيون ڪيون
ڪَن تڙپندي گذاري آ هِيءَ زندگِي

ڪَي هلندي راهہ ڀَٽڪِي ويا هِتي
ڪنهن مَنزل ماڻِي آ هِيءَ زندگِي

مَتان بيڪار سمجھڻ جي غلطِي ڪَريو
مولِيٰ جي مهرباني آ هِيءَ زندگِي

ڪيترو هَلندِي خانِيو خان جي خانِي
رب رحمان جي رحمانِي آ هِيءَ زندگِي

ڪڏهن قابو آ ڪنهن ڪوٺ مَنجهہ
ڪڏهن ڳنڍ تي ڪاتِي آ هِيءَ زندگِي

سُورن سان سَمايَل مِلي ٿِي ڪنهن ڪي
ڪنهن لئہ سراپا سُور آ هِيءَ زندگِي

خوشين ۾ ٿِي خيرو ڪري ڪنهن ڪي
ڪنهن لئہ نِسورو ناسُور آ هِيءَ زندگِي

ڪو خوب ڳمائي ٿو هُن دنيا لاءِ
ڪنهن اجائي وِڃائي آ هِيءَ زندگِي

هِڪَ عاشق خوب ٻُڌايو هو تہ
بي بَندگِي سَراپا شرمِندگِي آ هِيءَ زندگِي

ڪنهن غُلامِيءَ ۾ گذاري آ هِتي
راجا ٻڌِجي ڳَن راج ڪيو آ هِيءَ زندگِي

"انمول" عبرت حاصل ڪر وقت وَڃَڻِي ٿو
ڪڏهن نہ موٽِي وري مِلندِي آ هِيءَ زندگِي

اجان بہ ناهَي سُڏارو ڇو؟

آهي پڪو گهر، پنهنجو آزاد نگر، اجان بہ ايمان اُڏارو ڇو؟
آهي آسودو تر، پنهنجو پريم پَڌر، اجان بہ ناهَي سُڏارو ڇو؟

سَونا سَونا سَنگ اُپائي، مُونجهہ مِٽائي لڙڪ لِڪائي،
ڏڻ جو ڏڻي، پڪو فصل ڪٽي، اجان بہ پيٽ بُکارو ڇو؟

ڪَرَي ٿو مِحنت مزدوري، پوءِ بہ ناهَي سندس پُوري،
درد نٿس دُور، رَهَي چڪنا چُور، اجان بہ ناهَي نِيارو ڇو؟

سُورَ سين جا رَهيا ساٿيا، هُو آهِن چَور هِي ٿِيا ياڳيا،
اونچي آ پرواز، ڪَرَي ڪو آواز، اجان بہ ناهَي سَگهارو ڇو؟

مَهانتا ماڻِي مِهمان نوازي، ڦِريو ڏِسُ پنهنجو قاضِي،
”انمول“ آدرش، ٿو لڏائي عرش، اجان بہ پَرک پيارو ڇو؟

عَڪسُ ڏِسان تنهنجو

آڪاش جي تارن ۾،
سُونهَن سِتارن ۾،
عَڪسُ ڏِسان تنهنجو.

وِرد وِيچارن ۾،
بَسنت بَهارن ۾،
عَڪسُ ڏِسان تنهنجو.

نِينهن نِگاهُن ۾،
الجهيَل راهُن ۾،
عَڪسُ ڏِسان تنهنجو.

اٺين سَٺين وارن ۾،
چاهت جي چارن ۾،
عَڪسُ ڏِسان تنهنجو.

”انمول؟ اچارن ۾،
سچ ۽ سَچارن ۾،
عَڪسُ ڏِسان تنهنجو.

ماٺھو ميھڙ جا

ماٺھو ميھڙ منجھہ مَهان مون ڏِٺا،
علم ادب لئي ٽيندا رَهَن جي ڳنا،

ميھڙ منھنجي اپايا اتم هِي انسان سارا،
دل چاهيو ڏِجي ڏاهَن کي کو ماڻُ پيارا،

کو ڪوئِل جي ڪُوڪَ ڪُوڪَي ٿو
ڳو هوشو هَيمُو جو رُوح ڦوڪَي ٿو

کو پيجل ٻَٽجي ڪَرَي وڏا واکا،
ڳو ٽُٽل دلين کي هَٽي وينو تاکا،

کو محبت جا موتِي مَيڙِي وينو
کو پيار پريت کي پَکيڙِي وينو

کو لفظن جا موتِي ٿو سَموهَي،
کو دلبر ٿو دِيدَ سان دليون مَوهَي،

کنھن ڳمايو عشق ڪتابن سان،
کنھن سَندي محبت خِطابن سان،

کنھن ٻَڌايو پنھنجو ڪِردار امر،
کنھن محبت مَيڙِي کيو آهه ثمر،

ڪنهن ٻاتا ٻول ٻولي مُسَحّر ڪَيو
ڪنهن تقرير سان طاري سَحر ڪيو

ڪنهن پنهنجي نثر سان خوب نڀايو
ڪنهن ڪيو پنهنجي آخرت جو سايو

ڪنهن محبتي مَيڙي ماڻهو ڳنا ڪيا،
ڪنهن وٺ ماروئڙا جان ڪان وَڏِ مِنا ٽِيا،

ميهڙ منهنجي جا مَهان مِير مُعتبَر پيارا،
ڳن قلم ساڻ ٿا ساراهه سُندرتا هِي سارا،

هِنن اديبن ڳيو آهي ڪِردار سان حيران،
لِکڻ گهربو آ هِنن مَٿان دل سان ڳو دِيوان،

تاريخ سَهيڙندڙ هِي تاريخ جا آهن اوتارا،
علم و ادب توڙي تاريخ جا ٻَٽيا شهپارا،

هر ڪنهن پنهنجي فن سان خوب نڀايو
انهيءَ ڪَرَي اڄ مون مَيلو آهي مَچايو

”سودِر“ جيسين ساهُ رهندو هِي سِيني،
ڏِڪارَي ڳَڏِڻ جي ڪوشش ڳبي ڪِيني،

هِي سڀ اتم انسان لَهڻو آهن مانُ،
جو جڙيل آهن منهنجي جيون سان.

لڙڪ وهَن ٿا زاروزار

قِيمتي وقت وِڃائي وَينس ، سڀ ڪجھ پنهنجو لٽائي وَينس
مُهلت وري مِلڻ ناهي ڪار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

لوڪ سَڀي مون کي فرمايو هو، وِڃايو جن پنهنجو ڪُل سرمايو هو
ان وقت هُئس مان شاهوڪار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

دل جن جي مون لئہ آتِي هُئِي، تن مَٿان مون نہ پاتِي جهاتِي هُئِي
پَئِي مون مَٿان غفلت جي ناهَي مار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

مون نہ سُڃاتِيون سندن آنهُون هُون، ڪِين سُڃيم جي سندن دانهُون هُون
اندر هاڻي ٿِيُم چارو چار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

ابو امان وِڇڙِي ويا ٿم، نِير نيڻن ۾ ڏئِي ويا ٿم
اندر ٿِي وَيَم ڏارو ڏارَ، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

ياد انهن جي اندر ڳاري ٿِي، دل رَويو پل پل پُڪارَي ٿِي
ڏک سَمايو منهنجَي وارو وار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

”سوڍر“ تو کي مِليا سُور سَوايا، ويا ابو امان وَري نہ آيا
تون هَنجُون وَينو هاڻي هار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

”اعجاز“ اها ئِي آس رَهِي آ، قِسمت ٿِي جن جي سَهِي آ
عزت ڳَن سَي تارو تار، لڙڪ وَهَن ٿا زاروزار

مون ٽِيندي هِتِ ڪِيسَ هزار ڏِنا

مون ٽِيندي هِتِ ڪِيسَ هزار ڏِنا،
مون نيٽين هِتِ وَهَندَي نار ڏِنا،
ابوجهن سان ٽِيندي آزار ڏِنا،
مون پنهنجن ڪان ٽِيندي ڏار ڏِنا،

جيجل جُهرندي جيءُ ڏِنو مون،
پَيرَين اڳهاڙي پيءُ ڏِنو مون،
مَوِيي مُٺِ تي سِگريٽ سدائِين،
چَوَي پَيَو تون منهنجو ناهِين،
مون ڏَرَندَي اهڙا ڪوڙ ڏار ڏِنا،

پَيڻ جي رَهي پوتِي پَيرن ۾،
گذاريو جنهن لتڙن مَيرَن ۾،
ڪَرَي وِڏائِين سپ ڪُل قربان،
مِليو وري بہ نہ تنهن کي مان،
وِڪريَل جنهن جا مون وار ڏِنا،

ياءُ پَيرَين پَئِي پيو معافِي مَنگي،
هُو هُودُرُون ڏئِي پيو هرهر ڏنگي،
گڏ گذاريل گهڙيون ويون وِسري،
مَيٺ محبت سپ ويون نِڪري،
ڪِيهون ڪندَي ڳَڏَندَي پار ڏِنا،

پنهنجن پنهنجو پورو زور لڳايو،
سُور ڏيڻ جو تن ڪيو پُورو سايَو،
پِيرَي ۾ پِير سُجاتم پنهنجن جا،
کهڙا دارو ٽِيندا اُهي اهنجن جا،
ساڙ ۾ سَڙندَي مون شاهه سَوار ڏِٺا،

منافِقِي مُنجهايو منهنجي مِيرَن کي،
وَجُه مِليو وري هِتِ ڳُوڙن پِيرَن کي،
تعليم کان محروم منهنجا مارُو رکيا،
سدائِين سُورن ۾، رهيا ڪِين سُکيا،
پَلجَندي پَکَن ۾ هِيرَن جا هار ڏِٺا،

ڏاريو ٿو هِتِ دڙڪا ڏئِي ڌمڪائي،
ڇَوَي توهان جو هِتِ ڪجهه پِي ناهي،
سنڌ کي ڏِيَن ٿا هِي سُور سوايا،
مِلِي تن ماڻهن کي سوائِي مايا،
ڳُڏا کندڙ مون اهڙا ڪِردار ڏِٺا،

منهنجا مارُو مُجهايَل سَوايا آهن،
ڌارين سان گڏ پنهنجا پايا آهن،
لوڀِي لالچ ۾ سفا لاهَي پاهَي پيا،
اباڻن سندا آستان سَي ڊاهَي پيا،
عزت نيلامِي جا مون واپار ڏِٺا،

ڪهڙا گلور لِڪان ڪِردارن جا،
شان وڄايان جن شهپارن جا،
ملڪ منهنجو مينگهہ ملهار هُيو،
ڌرتِي سُونهن سندو سِينگار هُيو،
گهاوَ ڪائِي گهر ڏٺِي لاچار ڏِٺا،

لوڀِي لڏي سِين ڳُڏا ڪاهَي پيا،
لالچ ۾ هِي سَفا لاهَي پاهَي پيا،
ڪوٺو نِڪتو يَر پنهنجو سِڪو،
ڳَرتُوت ٿِيو نروار ڪِين لِڪو،
غيرن سان ڳڏ مون غدار ڏِٺا،

رشوت سِوا ڪو رستو ڪونهي،
پگهر پنهوارن جو سَستو ڪونهي،
مِسڪِين وينو ٿو هَنجُون هارَي،
ڳَرَي دانهُون عرش وينو ڏارَي،
”انمول“ عذاب سندا مون آثار ڏِٺا.

پڙهڻ نہ ڄاڻي آيو آ امتحان ڏِيَڻ،
ڳڙهڻ نہ ڄاڻي آيو آ ڪامياب ٿِيَڻ،
وَيرُ رکي ٿو وانگِيُن سان سَڏائي وِيرُ،
وِڙهڻ نہ ڄاڻي آيو آ حقدار ٿِيَڻ.

سارا اُٺو

ديس جا دودا بڻِجي سارا اُٺو
دشمن کي دابا ڏئِي سارا اُٺو

سنڌ اڄ پِيئي سَڏِڙا ڪَري،
ساهہ اڄ پِيئِي ٿڌِڙا ڀَري،
لوڀين کي للڪارا ڏئِي سارا اُٺو.

سِنڌوءَ سان ساهَہ جو سَڱو
وَيرين ڪيا وَيساهَہ جو رُڱو
وِير بڻِجي وَسڪارا ڏئِي سارا اُٺو.

جيءُ جيجل پيو ٿوَ جُهرِي،
رهزن جي هَنج ۾ ٿوَ ڇُرِي،
جوڌا بڻِجي جَجهڪارا ڏئِي سارا اُٺو.

"انمول" اُٺو آسِتان پنهنجا سارَي،
هَٿيار هَڙ ڪڍِي پنهنجا سَنيارَي،
هوشو بڻجي هوڪارا ڏئِي سارا اُٺو.

مان سنڌ جا کهڙا سُور لِکان؟

سنڌي ڪيائون چڪناچُور لِکان،
پيدا ٿيل پنهنجا ڳي پُور لِکان،
نئون نسل ٿيو آهي ناسُور لِکان،
مان سنڌ جا کهڙا سُور لِکان؟

تعليم هٿ سان تباهه ڪيائون،
ڪاپي ڪلچر آڻي ڪاهه ڪيائون،
استاد جي عظمت وارَي وَيئا،
حرمت هَٽ هِن جي هارَي وَيئا،
جهالت وِڇايو اسان جو نور لِکان،
مان سنڌ جا کهڙا سُور لِکان؟

محنت مزدوري ۾ ناهي پوري،
حلال ڪمائڻ کان ڄڻ معذوري،
سڀ کو ٿو هِتِ پاڻ پَڏائي،
مِسڪين مارَي ۽ چور ڇَڏائي،
وڏيرن جا ڪيَل ڪلور لِکان،
مان سنڌ جا کهڙا سُور لِکان؟

انصاف ڪي ٿو پئسي وِڪاڻي،
بي ڏوهي ٿو ڪُنجَي ٽاڻي،
رستو رَوڪي ٿو رشوت وَٺي،

ڏاڙا ڦرون ٽِين ڏينهن ڏِني،
پوليس ڪَيا ظلم ڀَرپور لِڪان،
مان سنڌ جا ڪهڙا سُور لِڪان؟

صحافي ٻڌجي شور ڪَرَي ٿو
وِڪڻِجي پَنڱو ڏوڙ ڪَرَي ٿو
قلم ڪپائي ڪَيڏا ڪِيس ڪَيائِين،
مان حق تي آهيان هَوڳو ڏِنائِين،
قلم ڏٽين جا ڪَيَل ڦُصور لِڪان،
مان سنڌ جا ڪهڙا سُور لِڪان؟

مَيڙُن مِنٿن سان ٿو وَوٽ وَٺي،
مَظلوم مارڻ جا پو نوٽ وَٺي،
سُجاٽپ وَڃَيس ٽِي نِڪري سارِي،
ڪِين سُجاٽي معزز ۽ ڪو هارِي،
نمائندن آهن وِڃايا سَي نور لِڪان،
مان سنڌ جا ڪهڙا سُور لِڪان؟

پئسو مِلي امن وَڃَي ايمان وَڃَي،
پوءِ پلِي شوڪت توڙي شانُ وَڃَي،
لالچ وِڃائي اسان جي لوئِي وَيئِي،
مانُ ۽ شانُ وِڃائي ٻَر ڏوئِي وَيئِي،
”سوڍر“ سُک تي ويو آ ڏور لِڪان،
مان سنڌ جا ڪهڙا سُور لِڪان؟

کھڙا ڳلور لِکان

کھڙا ڳلور لِکان پنھنجن ڪِردارن جا،
شانَ وِڃايان جن پنھنجن شھپارن جا،

ملڪ سدا منھنجو مَينگھہ مَلھار ھُيو
ڌرتِيءَ تي سُونھن سندو سِينگار ھُيو

لوڀين سان لڏي ۾ ڪُڌا ھي ڪاھَي پيا،
لالچ ۾ ھي لوڀي سَفا لاھي پاھَي پيا،

ڇا ڇوان ڪوڙو نِڪتو يَر پنھنجو سِڪو
ڪَرتوت ھِنن جو ڪِنھن ڪان ڪِين لِڪو
کھڙا ڪِيس لِکان پنھنجن غدارن جا،

رشوت سِوا ھِنن وٽ ڪو رستو ڪونھي،
ٻَگھر ٻَنھوارن جو ڪو سَستو ڪونھي،

مِسڪين وينو پنھنجي مُنھن ھَنجون ھارَي،
ڪَري درد واريون دانھُون عرش وَينو ڏارَي،

سُور صَدمہ سڀ سَھڻ ھِتِ سَولا ناھِن،
عدل انصاف وَٺڻ لئہ رِڳو رَولا آھِن،

هر طرف آهي رڳو ڏوڪو فريب ۽ ٺڳي،
اباڻن عادت سنڀالڻ اسان کان ڪِين پڳي،
کهڙا ڪِيس لکان سَودي بازن سارن جا.

سَچائيءَ جو هنن وٽ ڪو سَودَو ناهَي،
لالچ ۾ پيا سڀ هي سَفا جو لاهَي پاهَي،

افسوس جو قوم جو قاضِي وَڪامِي وَيَو،
رياست جو رَکوالو رَهنزن سان رَلجي وَيَو،

هِتي ڏِسو هر ڪو مِسڪِينن جو مارَو آهي،
پَيٽ پريون پَنهنجو بس اهو ئِي نعرو آهي،

سَچائِيءَ واري واٽ سڀ ڀُلجي وَياسِين،
”سوڍِر“ تڏِ سارا لاوارث ۽ لوڀِي ٿِياسِين،

”انمول“ ايمان اسان جا ڀَر وِڪجي ويا،
واعظي وَصِيَت ڪرَي هاڻي ٿڪجي پيا،
کهڙا ڪِيس لِکان پنهنجي اندر کارن جا.

اسان ڇو روئِي رهيا هُون ؟

ڇا ٿيو اسان کي ڇو روئِي رهيا هُون؟
پنهنجو مُنهُن ڳوڙهن سان ڌوئِي رهيا هُون.

ڪنهن جي لڳي نظر آ، هر طرف باهه ٻريَل آ،
هر دل سُورن ساڙي آ، هر جيءُ جُهريَل آ،
روئندا رَهياسِين نہ ڪنهن جا ڪوئِي رهيا هُون.

ڪِٿي ماءُ مُئل تہ ڪِٿي ڳُونڌر ڪُٺل آ،
ڪِٿي پِيءُ پُريَل تہ ڪِٿي بابل بَيوَس بيٺل آ،
اسان سَوچي اهو بَس سَوئِي رهيا هُون.

ڪنهن جي دنيا وَئِي، ڪنهن جو ايمان رُسِي ويو
ڪنهن جي دولت وئِي، ڪنهن جو پيار ڪُسِي ويو
هر طرف آ باهِہ ٻريَل، اسان لوچي لوئِي رهيا هُون.

غفلت ۾ وقت گذاريم

ڏِيان ذرو نہ ڏاريُم، غفلت ۾ وقت گذاريم،
پنهنجو اندر نہ ٺاريم، واعدا سڀ مون وِساريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

نِعمت مون کسجي وَئِي، رحمت ساري رُسجي وَئِي،
رَوشِني تِي بُوسجي وَئِي، پنهنجو مَن چونہ هاريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

وَلر منهنجا وِڇڙي ويا، چَمن منهنجا اجڙي ويا،
رحمت جا گهر کِسڙي ويا، سِڪَ مون چونہ ساريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

خالِي ٿِيو منهنجو پاڙو، رُوحَ ۾ آ روج راڙو،
گيو مون کونہ لاڙو، هوش مون چونہ ڏاريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

جيءُ پيو اٿم جُهري، پَرمَ پيا اٿم پُري،
سُورُ پيو اٿم سُري، ڏِيان مون چونہ ڏاريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

رَوئڻ ۾ رات آ، ڏکن ۾ ڏينهن آ،
افسوس ۾ "اعجاز" آ، لڙڪ مون چونہ لاريم،
هاڻي پيو ٿو هٿڙا هڻان.

سُڌڪا پري روئِڻ تو چاهيان

پنهنجي اندر جا احوال اورڻ تو چاهيان
اڄ سُڌڪا پري روئِڻ تو چاهيان

انسانيت آهستي موڪلائيندي تو ڏِسان
حيوان پاڻ کي انسان چَوَائِيندي تو ڏِسان
پنهنجا سپ ڏک ڏورڻ تو چاهيان

رشتن کي ٽوڙڻ صفا عام ٿي ويو،
گار گند ڪرڻ ڏاڍو جام ٿي ويو،
اها ٽُٽل مالها پَوئِڻ تو چاهيان،

مَسجد ٿِيندي وِيران وڃي پيئِي،
هوٽل کي ساري خلق مَڃي پيئِي،
چٽنگ اها ڇَورڻ تو چاهيان،

رستا روڪي ڦرون جام هِي ڪن ٿا،
مِسڪين ماروئڙا پيي ڪونہ ڇڏن ٿا،
نسل اهڙو مان گهورڻ تو چاهيان،

ڪُونڌر ڪُسجن ڪا ڳالهہ ڪِي ناهي،
اهو پٽ ٻئي جو آ منهنجو چاهي،
جيءَ کي ايئن جَهورڻ تو چاهيان،

ڪوئي پاءُ تہ هِتڙي ڪونهي ڪو،
ٿو سير سَڏائي هِتڙي سيڪو پيو،
تور ۾ سيئي تورڻ ٿو چاهيان،

عزت هِتِ روز تماشو بڻجَي ٿِي،
آبرو سندي مَيِّت روز ڪڍجي ٿِي،
چنگ اهڙو مان چَورڻ ٿو چاهيان،

اميدن آسرن ۾ نيڻ ٿا نِماڻا رَهن،
پيءُ ۽ پٽ بہ پاڻ ۾ ٿا ڪِين ٺهن،
مُنهَن اهڙا مان ڏوئڻ ٿو چاهيان،

ويچا وَڏندا وڃن پيا ڏِينهون ڏِينهن،
”انمول“ اکڙين مان وَهَي پيو مِينهن،
ڪُڌا ڪِردار مان پُورڻ ٿو چاهيان.

ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي ؟

اوطاقون اسان جون الفتن سندا آستانا هُيون،
مَيث ۾ محبت پَريَل سارا سَي مَيخانا هُيون،
ڳوٺ جتِ اچي ٿِيندو ڪُل ئِي گَني هو،
قرب وارن جي مِلڻ جو ڪو ٻَهانو هو
اباڻيون اڄ اوطاقون اهي اُباڙِڪِيون آهن،
هِتي ڳالهين پُراڻين جو ڪو زمانو هو
رسم پراڻي چو رُسِي اسان ڪان وَيئِي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي؟

لسِي اسان جي ٻہ دليون لُيائِيندِي هُئِي،
مانِي ان وقت سَو مَکڻ چاهِيندِي هُئِي،
ماروئڙن جو ڏڌ سان ڏاڍو چاھہ هوندو هو
مَهِي ٻہ ٻَڻائي مُعتبر وقار وَڌائِيندِي هُئِي،
چاڏِي ۾ چَونري سَدائِين رَهِي راڄ راڻِي،
پنهنجي چاهت جو چوڌاري چاھہ ڄَمائِيندي هُئِي،
ريت پُراڻِي چو وِسري اسان ڪان وَيئِي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي؟

هر پاڇاري هوندِي هُئِي جُهونگار الله هو
آ ذکر ڏيهِي ٻَجُ مَچرن جي پَيهِي پُوڪار الله هو
هر طرف لولِي لات اها ئِي لوندِي هُئِي،
امڙ جي ٻولِي هوندِي هُئِي تنوار الله هو
دِليون محبت سان هوندِيون مالا مال هُيُون،
ڪِل ۾ خوشِيون هوندِيون سارو سال هُيُون،
وِرُونڌ پُراڻِي چو وِسري اسان ڪان وَيئِي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪَيڏانهن وَيئِي؟

مَنهَن، مَوچارا، چَنا، چاپرا ايمان اڏِيا،
جَندِ، جاندَهه، ڇَڄَ، ڇَٻا سامان گڏيا،
کُوهَه، کرا، نيسَر، نارَ، وَٽا، ويا هڙ هِتان،
سارِي سُونهَن مُنهن مَوڙِي ڪِين سَڏيا،
ڏِٺ، پَرولي، پهاڪا، ڏور، بيت، ڳجهارت،
سَهِرا، مَوڙ ڳانا، مَيندي، نيازمندي ڪِيئَن ڇڏيا،
چاهت پراڻي ڇو وِسري اسان کان وَيئِي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي؟

سرمايو سارو هَٽئون وِڃائي وَيناسِين،
سانگِين سَندِي لوئِي ٻه لڃائي وَيناسِين،
اسان جي پرڪارن تي ڳي رُوح رَڙيا هوندا،
ماروئڙن جي هَڙ مِحنت مِٽائي وَيناسِين،
ڪاري وارو هُئو يَت، وَهُه ۾ پُڳل گوشت،
مِٺ مائِٺ دوست ڪارائي ڇَڏِياسِين،
نِيابت پُراڻي ڇو وِسري اسان کان وَيئِي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي؟

هن جدت جيئرا اسان جا جلائي ڇڏيا،
پنهنجا پرڪار غيرن سان گڏائي ڇڏيا،
"انمول" اوصاف، تهذيب، تمندن تِياڳيا آهن،
پريت وارا پَنهوار، پاڻ وَيتر وِڃائي ڇڏيا،
لبرل ازم ڪيِيا لاهه، لالچ لوڙهي ڇڏيو،
موبائل ڪچهري جا وَڙ وَڃائي ڇڏيا،
عادت پُراڻي ڇو وِسري اسان کان وَيئِي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن وَيئِي؟

سِنڌ سُڏڪي پَئي

اڃي پَئي اڄان ڪا ڪُوڪَ ڪوهِياري،
لڳي پيو ڪا مارئِي مُنجهيل آهي،
ڪَري شڪ پيو ڪو غير غيورن تي،
لڳي پيو ڪو ڀائي ڀَٽڪِيَل آهي،
سَنِيهو سيد سُڻي نہ سنڌ پَيئي،
لڳي پيو ڪو راز رَهيل آهي،
ايمان آتش ٻَڄي اُيامَي نہ ٿو
لڳي پيو ڪو سُور سَجيَل آهي،
ڏاريو پيو ڏمڪائي دودن کي،
لڳي پيو ڪو رول رُلِيَل آهي،
لوڀي پيو للچائي لوڀين کي،
لڳي پيو ڪو رُوح رُسيَل آهي،
سودو ٿئي پيو سنڌ سَندو،
لڳي پيو ڪو پنهنجو پَيَل آهي،
”سوڍر“ سُڻي نہ سچل سُڏڪو ٿو
لڳي پيو ڪو دولهہ دُکيَل آهي.

استاد جي عظمت کي سوڊر منهنجو سلام

استاد سنَدو هي ڪِردار آهي نرالو
نسل نئين جو مجيو هِي مَتوالو
فرش تان کڻي ٿو عرش رَسائي
مَنزل ماڻِڻ هر هڪ جي چاهَي
استاد جي چاهت کي سوڊر منهنجو سلام

قوم جي جيڪو جيت سَنوارَي
پنهنجو سڀ ڪجهه جيڪو وارَي
جهالت جي اوندهه ۾ روشن ڏِيئو
پائي ڏسو پل سندس سِيني اندر لِيئو
استاد جي عادت کي سوڊر منهنجو سلام

ٻچن کي جيڪو تعليم ۽ تربيت ڏِئي
ٻين ڪارڻ ٿو جڳ ۾ جيڪو جيئي
استاد انهيءَ کي ئِي ير چئبو آهي
جيڪو قومن جي تقدير ٿو ٺاهي
استاد جي سعادت کي سوڊر منهنجو سلام

ڏسي ايمان اڻ پورا

ڏسي ايمان اڻ پورا، وِڪيَل وزير سمورا،
اندر انسان اڌورا، ڏِسِي بي مانَ بي نورا،
منهنجو هي جيءُ جلي ٿو،
منهنجو هي رُوح رَڙي ٿو.

نفرت پريل هِي پَيمانا، ٻُڌي الفاظ ذو معنيٰ،
مَتل سارا هِي ميخانا، ڏسي اهڙا پو آستانا،
سُٺِي غمگين هِي گانا، پَسِي هِي پرڪار اڌورا،
منهنجو هي جيءُ جلي ٿو، منهنجو هي رُوح رَڙي ٿو.

هِتي مدفن آ محبت جو، ٿِيَل خون آ خوابن جو،
هِتي آ زور ڏاڍن جو، ڏِسِي پنهنجن ۽ واڻن جو،
رچيو آ راج رشوت جو، ماروئڙا مُونجهہ ۾ پورا،
منهنجو هي جيءُ جلي ٿو، منهنجو هي رُوح رَڙي ٿو.

لُٽن وينا هِي لباڙي، هَٽن وَينا رڳو ڳياڙي،
کپي بنگلو ٿو ۽ ماڙي، ڏِسِي تن جي تہ پچاڙي،
”سوڍر“ سُورن آ ساڙي، ٻَرن مَنَ اندر پيا خورا،
منهنجو هي جيءُ جلي ٿو، منهنجو هي رُوح رَڙي ٿو.

بيڪار اٿئِي

ڀَروَسَي بنا دوستِي بيڪار اٿئِي، ساهَ بنا يَر زندگِي بيڪار اٿئِي،
عشق آتش ڙِي اياماَ ي تڙپائي ٿو گرمِي بنا سا باهِہ بيڪار اٿئِي،
جَل بنا رهندو جِيوَن کهڙو پاڻي بنا درياهُ بيڪار اٿئِي،
محبت مُلڪ مِهڪائي ٿِي، خوشبو بنا گل بيڪار اٿئِي،
پيار جا پيچرا اڙانگا آهن، پَرَن بنا پَکِي بيڪار اٿئِي،
سَچُ سَدائين رَوشن رَهيَو رَوشِنِي بنا سِجُ بيڪار اٿئِي،
راحت سان ڙِي چاهت آهي، رُوحَ بنا جسم بيڪار اٿئِي،
مِلڻ ڙِيو وَرق وِصال جو، پَنن بنا ڪتاب بيڪار اٿئِي،
عشق ۾ هوش رَهندَو ڪِيئن، سَوچ بنا دِماغ بيڪار اٿئِي،
ساگر مَوجزن سِيني اندر آهي، ڇَولِيُن بنا سَمنڊ بيڪار اٿئِي،
چاهت جي چمن ۾ ڇهڇٽا، گل بنا باغ بيڪار اٿئِي،
بن بادل ڙِيون وَسَن اکيون، مِينهَن بنا جُهڙ بيڪار اٿئِي،
هَوش رَهيو عشق نہ ڙِيو، خوشي بنا مُرڪ بيڪار اٿئِي،
وِصل لئي وڏا وَس ڙِيَن، مَنزل بنا راهہ بيڪار اٿئِي،
رشتو رکِي نِينهن نِڀائِجي،مَسُ بنا پَين بيڪار اٿئِي،
چاهت بڻائي چريو ڇَڏي، چابِي بنا تالو بيڪار اٿئِي،
وَيساهُ نہ وِڃائِجي مُور، پَنن بنا وَڻ بيڪار اٿئِي،
محبت ۾ هوندو ناهي حِساب، چَمڪ بنا تارو بيڪار اٿئِي،
اکين ۾ اڻ مَيا خواب سَجائي، سانپيان بنا سَپنو بيڪار اٿئِي،
عشق جي راهہ ڪنڊن ڀَري آ، مَنزل بنا سفر بيڪار اٿئِي،
ليڪا چُڪا ڇَڏي ڏي سارا، معنيٰ بنا لفظ بيڪار اٿئِي،
ڏاهپ ڀرَيو هِي ڏسُ ڏِيانءِ ٿو "انمول" ايمان بنا اقرار بيڪار اٿئِي.

اکيون چار ڪَر

تو کي چاهِيو تون نہ عار ڪَر،
بَس ڪڏهن ڪڏهن اکيون چار ڪَر.

گهڻو گهِرو گهيرڻ ڪِٿي تو چاهِيان،
بَس ڪڏهن ڪڏهن ٻانهُون هار ڪَر.

ايتري الفت جو اظهار مَڱِيو ناهي،
بَس ڪڏهن ڪڏهن دل کي ٺار ڪَر.

وَرلَي وَرَندو آ وِرُوحَ جو واءُ جانِي،
بَس ڪڏهن ڪڏهن برهہ بَهار ڪَر.

مَنَ جي مُونجهہ مارَي ٿِي مون کي،
بَس ڪڏهن ڪڏهن تہ پيار ڪَر.

انتظار اڙانگو لڳي تو اُڪِيرَ ۾،
بَس ڪڏهن ڪڏهن ٻيڙو پار ڪَر.

بَي قرار دل قرار ڪَندِي ڪِٿي آهي،
بَس ڪڏهن ڪڏهن تن جي تار ڪَر.

”انمول“ انتظار ۾ اُلجهيو رَهَي ٿو،
بَس ڪڏهن ڪڏهن ”سوڍر“ سار ڪَر.

محبتي اُتي ماڻهو هئا

ننگر هو نِيابت وارو، مُحبتي اُتي ماڻهو هئا،
پردو هو پريت وارو، قربائتا اُتي ڪنا هئا،
سُونهن پريو سَنسار هو، پيار جا پاڙا هئا،
محلو هو محبت جو، چمن هو چاهت جو،
گلن ۾ گلزاري هئي، دلين ۾ تہ بهاري هئي،
ڪوٺ ڪچهري عام هئي، دل جي دولت جام هئي،
انداز هو الفت وارو، مارُو سڀ مٺا هئا،
پريت پري پرچار هئي، غم ۾ گسڻ گار هئي،
پيار جا لڳل پنڊال هئا، سڪيا سانگي ۽ مال هئا،
ڪُلفت آئي ڪاهہ ڪَري، چڏيائِين بي ساهہ ڪَري،
قُرب وارن سان ٿِيا ڪلُور، وِڇڙي وَلر ٿِيا دُور،
نفرت وِڏا هَڙ نِمائي، سيڪو پڳو سِرُ بچائي،
چاهہ چمن جو چَوري ٿِيو، ۽ سِينا زوري ٿِيو،
حسد وِڏا هاچان ڪَري، ڏِسِي ٿو هِنيانءُ ڏرَي،
”سوڍِر“ سُور سُرَندا آيا، چُورُ ڪَري چُرندا آيا،
مَيٺ محبت وَڃِي موڪِلائي، نِشان ويا سڀ ڊاهَي،
وِيران چمن سارو ٿِيو، باغ سمورو برباد ٿِيو،
دلين مٿان دُز چڙهي وَيئِي، محبت ساري لڙهي وَيئِي،
ٿيندَي سڀ تباهہ ڏِسِي، ويو منهنجو ساهہ سُڪِي،
لڙڪ لاري چپ ڪيم، ڳوڙها ڳاڙهي رت رُنم.

ماروئڙا هيئن ڏِسان ٿو

ماروئڙن جا لنگَ اگهاڙا، پيٽ بکايل ٿو ڏِسان،
سانگِيُن جا سُور سَوايا، چُلهہ اُجهايَل ٿو ڏِسان،
منهنجا ماروئڙا هِتِ روز مَرندا رَهن ٿا،
وَيرِيُن جي هٿن ۾ هٿيار سَجايَل ٿو ڏِسان،
ڪچن گهرن اندر الفت جا انبار لڳل هِن،
سندن مَنَ مَندر محبت سان مَچايل ٿو ڏِسان،
ظالمن جا ظلم سَهِي اباڻا اناج بہ اپائِن ٿا،
معصوم ٻچڙا مانِي لئہ سِڪايل ٿو ڏِسان،
محبت ۾ ڪائي مات وَينا هِي ماروئڙا آهن،
ڏوکيبازن اڳيان ڪَنڌ جُهڪايَل ٿو ڏِسان،
گهر بہ هِنن جا ۽ تر بہ هِنن جا ئِي آهن،
پنهنجي اجهن کان بي گهر بڻايل ٿو ڏِسان،
مهمان نوازيءَ ۾ مَهان هِي ماڻهو سارا،
قرب ۾ سَي گهر ٻار لُٽايَل ٿو ڏِسان،
ڏکن جا ڏونگر ڏورَي جيئن ٿا جَي،
ٻين لئہ ”انمول“ نند ڦِٽايل ٿو ڏِسان.

ياد آئِي

روئي رات پنهنجا سڄڻ ساريا ٿم،
ساريندَي سُپرين نيڻين نِير هاريا ٿم،
ڏئِي جدائِي جَهوري جانب ويا ٿم،
وِسارڻ سان نہ وِسرن جانب جيءَ جيارا ٿم،
وِڇڙي منهنجا سَي سڀ وَلر ويا ٿم،
وِسريل پنهنجا ساٿِي نئين سِر ساريا ٿم،
سُتل ننڊ سانگِي گَرَي آنهُون اٿاريا ٿم،
ساريندي سڄڻن کي ٿيم ايئن ئِي ٿاريا ٿم،
تڏ هِيٽان منهنجا هِي حال ٿيا ٿم،
هلندَي وقت سان ڏات جا ڏيئا ٻاريا ٿم،
سِڪندَي تن لئہ مون کي سال ٿيا ٿم،
وِيران وَيڙها پُراڻا اڄ سندن آثار ٿيا ٿم،
هر ساعت لمحا سندن عبادت ٿيا ٿم،
وقت ويو گذري ڏِني ڏينهن ٿيا ٿم،
”انمول“ تڏهن منهنجا ههڙا حال ٿيا ٿم.

ڏوهہ

هِت چَپ چورڻ بہ ڏوهہ هِت چُپ رهڻ بہ ڏوهہ
هِت خوش کِلڻ بہ ڏوهہ هِت رُسي روئڻ بہ ڏوهہ

ماڻهو مٺجي ويا، پُراڻيون ريتون رسمون هِت ڇڏي ويا
هِت ياد ڪرڻ بہ ڏوهہ هِت واپس وَرڻ بہ ڏوهہ

ڏنڙيل تو بي ڏوهہ ماريو وڃي، گهر ڏٺي تو هِت ڌِڪاريو وڃي
هِت ڪجهہ ڪُڇڻ بہ ڏوهہ هِت ڪجهہ پُڇڻ بہ ڏوهہ

ڏوهي ٻڌيو بي ڏوهہ گهُمي، بي ڏوهي هِت تو ٽاڻي سُمهي
هِت دانهَن ڪرڻ بہ ڏوهہ هِت فريادي هُجڻ بہ ڏوهہ

ڪاڄي سَام تِي ساري وڃي، ڪُڇي تہ پو تِي ماري وڃي
هِت ڏيءُ جَمڻ بہ ڏوهہ هِت نِياز نِوڙڻ بہ ڏوهہ

چوڪيدار ئِي چور هجي، پو دانهَن هِت ڪنهن کي ڏِجي
هِت سياڻو ٿِيڻ بہ ڏوهہ هِت چريو چَوڻ بہ ڏوهہ

”سوڊر“ تون سِياڻو نہ ٿِي، ”انمول“ تون اياڻو نہ ٿِي
هِت چاهت چُمڻ بہ ڏوهہ هِت پريت پاڙڻ بہ ڏوهہ

اهڙو ئِي منهنجو استاد آهي

انسانيت جا جيڪو پاٺ پڙهائي،
عرش جون جيڪو چاڙهيون چڙهائي،
مَنَ اندر جيڪو محبتون مَڙهائي،
ڪونڌرن جا جيڪو ڪِردار گَڙهائي.

الفت جا ٿو جيڪو اکر اچارَي،
شخصيت کي پيي جيڪو نِکارَي،
ڪِينو ڪُدورت ڏوڪو ڏِڪارَي،
ڪامِيابي جا جيڪو گس ڏيکارَي،
هِن جهڙو ڪو منهنجو مُحسن ناهَي.

جنهن منهنجي بگڙيل سِيرت سنواري،
تنهن ڪَئِي پنهنجي زندگي نِڇاور ساري،
جنهن مون لَئي پنهنجي چاهت هاري،
تنهن مَٿي هِيءَ منهنجي عظمت واري،
جنهن ڏِنو منهنجي اندر لِيئو پائي.

جنهن کي مون درد سارا دل جا سُڻايا،
عزت عظمت وارا سڀ ڪِردار ٻڌايا،
جوڌن جوانن ۾ جنهن نالا جام ڳڻايا،
جنهن بهادر ٻڌايو، جنهن بيحد بار ڪٽايا،
جيڪو منزل ماڻِڻ ٿو منهنجي چاهَي،

استاد ابو ٻڻجي جيئڻ جو درس ڏِئي ٿو
فرض شناسِي وارو پاڪ پيگ پئي ٿو
شاگرد جي روپ ۾ سَوَبن سال جيئي ٿو
ڪمال ۽ ڪامياب ڏِسِي خوش ٿِئي ٿو
"سوڍر" ڪري سلام، جيڪو "انمول" انسان ناهَي،
اهڙو ئِي منهنجو استاد آهي،

بَد مَست ماڻهو

هِتِ هرڪو ٿو پاڻ کي سَير سَڏائي
بَيوقوفِيءَ جي بانور ۾ ٿو ماڻهو ڪُڏائي
پَئسَي خاطر پنهنجو ايمان وِڪڻِي
لافون هَڻِي پاڻ کي وَينو پاڻ پَڏائي
ظلم سندس هِتِ هاڻي زور هليو آ
هِڪڙا بَڏرائي تہ وَري ٻيا ٿو چَڏائي
مِسڪِينن جو مارو ڏِسو هِي مَويي
ٿو ڪوڙ کي وَينو سَچَ سان گڏائي
پنهنجي هَڙ وِچائي وَينو هاجان ڪَرَي
لالچ لوڀ ڪَرَي ٿو لالڻ سڀ لڏائي
"انمول" اهو انڌو اٿئِي عقل جو ادا
سمجهي ٿو هُو سَگهندو ڏرتِي ڏڏائي

وقت وَڃَئِي ٿو هوش سنڀار

وقت وَڃَئِي ٿو هوش سنڀار
ابو امان ڏينهن ٻہ چار

نِعمت مِلِي ٿئِي پاڻ ملهائي وَٺ
انهن جي خدمت سان دل ٺاري وَٺ
ٻَيڙا تنهنجا ٿِيندا تڏهن پار

ابو امان اڄ مِهمان مِليا ٿئِي
روئندَي تن لئہ مون خانَ ڏِٺا ٿئِي
ايئن پنهنجو وقت نہ ڪار

جڏ اها نِعمت ڪسجي وِيندِي
دل تنهنجي بس روئندِي رهندِي
پوءِ وينو تون هَنجُون هار

"انمول" ابو امان وَڏي نِعمت آهن
پُڇ تن ڪان جن وٽ رهيا ناهن
پوءِ افسوس ير ناهي ڪار

ڏوھہ

ھِتِ گھمڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ اچڻ ٻہ ڏوھہ
ھِتِ کِلڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ رَوئڻ ٻہ ڏوھہ

جيڪو ٻُالھائي اھو ڪيو قيد ويندو
ھِتِ ڪُڇڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ پُڇڻ ٻہ ڏوھہ

ھِتِ دستور ٿِي پنھنجا ھٿ نوڪِيا ھِن
ھِتِ اٿڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ وَيھڻ ٻہ ڏوھہ

مظلوم ظالم سَڏجي، ٿو سُورن ۾ پَلجَي
ھِتِ رُسڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ ڪُڇڻ ٻہ ڏوھہ

سِينو ساھِجي ڪِٽِ، رُوح ٿو رَوئي رَڙي
ھِتِ ڏِسڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ گسڻ ڏوھہ

"انمول"چريو آھين تون چريا چُپ ڪر
ھِتِ چوڻ ٻہ ڏوھہ ھِتِ ھُجڻ ٻہ ڏوھہ

رهيا اکين ۾ خواب اڻ پورا

حُسن جي دَيوي، ڪرَي حَيران هَلِي وَيئِي،
جلوا ڳي ڏيئِي، ڪرَي دِيوان هَلِي وَيئِي.

جيئن چنڊ شرمائي، لِڳي بادل پُٺيان،
نظارا ڏِنم سَيئِي، ڪرَي مُسڪان هَلِي وَيئِي.

مِهمان ايندو آ، گهڙي پَل ڪو رَهَندَو آ،
تِرڇي نظر پَيئِي، ڪرَي مَيزبان هَلِي وَيئِي.

”انمول“ عشق آتش ٽِيو بِرهہ باهہ لڳائِي،
وِيچار ڳيَم وَيهِي، ڪرَي چالان هَلِي وَيئِي.

ڪنهن ڪي ڏِيان مَيارَ، منهنجا پنهنجا ٻڌيا مارِي،
مارَي هو مَجائِن ٿا، آفيسر، ڏاها، مِيرَ توڙي هارِي،
ڳيا هِنن ڳلورَ آهن، رَوئي خدائِي خلق پِئِي سارِي،
مُونجهہ مَٿان مون تارِي، ”سودِر“ شل سُرِي وَڃي.

هِڪڙي نيڻ نِهار ۾ ڪيترائِي پيا ڪُسجن،
ساجن سُونهن سَراپا ٻيا ڏور پيا ڏِسجن،
پيڙها ۾ پَسجن، ”سودِر“ سِوا سُونهَن جَي.

تون ورق وِصال جو

تون ورق وِصال جو
مان پَين پيار جي
تون مَس محبت جي
مان قلم قرب جو
تون پَنو پيار جو
مان الفت جا الفاظ
رَاهُون ڪِيئن الڳ اکرن کان
بُڪ پنهنجي بَينڪ
ڪتاب اسان جو ڳڙو
پينسل پنهنجو پيار
رَبڙ پنهنجو رُوح
سانچو پنهنجا سُور
محبت ۾ ڪَري مجبور
سُڪَ ڪَيُئِي "سوڊر" ڪي.

ويجهو اچي وِيهه

ويجهو اچي وَيهُه، سُورَ اندر جا آَوري وَٺان،
اوري اچ آڏو ٿِي، ساهه سَمورو گهورَي وَٺان.

خاموشِيءَ ۾ لِڪل آهن، دردِ دِل جون ڳالهيون،
چُپ جي رَهِين، ته مان ڳجها راز توري وَٺان.

نيڻن سندِي نِهار ۾، سَپنا هِي سانڍيل آهن سارا،
جيءُ جَلي ٿو، وِڇوڙي ۾، ڏکن سان مان ڏوري وَٺان.

تنهنجي وَڇڙ ڪان پوءِ ساهَه کي سَختِي اهڙي لڳِي،
لُڙڪن سان گڏ مان چپڙا بہ ٿي چورَي وَٺان.

هَوت هَلِي آءُ، ته مَنَ جي ڪا مُونجَهه مَرَي،
دِل جي نگر ۾ "سوڍر" سَڳِڙو تو لئي سَورَي وَٺان.

پنهنجي مُنهن پاڻ رَوئِي، ڇهرو لڙڪن سان ڌوئِي چُپ ڪيان ٿو.
ياد ڪَرَي لڄَ ۾ لوئِي، ساٿِي نہ سَمجهي ڪوئِي چُپ ڪيان ٿو.
ظلمن جا هِتِ انبار ڏِسان ٿو، رَوئِي لئي رَڙندَي ٻار ڏِسان ٿو،
تِير سَجڻن سَيني پار ڏِسان ٿو، خان ڪائِيندَي خار ڏِسان ٿو،
ڏک اٿم اهوئِي، سُور سِيني مَنجهه سَمائي سَوئِي چُپ ڪيان ٿو.

تو بن ڏينهن ڏکيا

رات گهاريان روئِي، نينهن جون ڳالهيون ڳيان،
سَڏِين جي ساجن مُون کي، آهَه ٻريل اٿر ڏِيان.

تو بن سُپرين، ڏکيا ڏاڍا ڏِينهن ٿو گهاريان،
هلي اچين هيڪر منڙا، مان گهوري گهر ڏِيان.

ساهه ۾ سانديان توکي، لوڪ کان لِڪائي رَکان،
دِل جي سَيج سِينگاري، تو لاءِ هِي سِر ڏِيان.

ٻارڻ ٻارن يادون تنهنجون، جيءُ ٿِيون جَهورن،
اچڻ جو جي احسان ڪرين، مان اور اتر ڏِيان.

آرزو اٿم اها، ڪي پل تنهنجي پاسي وَيهان،
غلامي تنهنجي ساجن مان، جيون ڀر ڏِيان.

دِل تہ نماڻِي دِل هُئِي، ساهه بہ رهيو سُورن ۾،
جيڪر واعدو ٿِئِي وفا، هُوند نِمي مان نذر ڏِيان.

تنهنجي حُسن ڪيو حَيران، ٿِيان پو دَربان،
تنهنجي واهه وا وَٿاڻن تي، وايون وَر وَر ڏِيان.

دلبر تنهنجي ديد ديوانو ”سوڍر“ ڪيو
آيو يار نہ ماهِي، ٿِي پارس پيڪر ڏِيان.

زندگيءَ جا ڳوڙها

ڪھڙا وَيھي سُور سَلِيان، ڪھڙيون ڳالھيون ڪَيان،
زندگي گذرَي ڏاڍي ڏکِي، ٿو اڪيلو وَيھي آنھُون ڪَيان.

چنڊ بہ وساري وينو آ، تارن سان نہ ٿيو ڪو مَيل،
درد وَندَن جي ديس ۾، ٿو وَينو دانھُون ڪَيان.

عشق جا نغما ڳاتا، ڦٽي جڏھن فيراق وَيو
تڏھن روئاريو دل کي، يادون سيئي سامھون ڪَيان.

ڪين ٻُڌِي ڪنھن، گونج دل جي درد ڀِري،
لڙڪ لِڪائي روئان ٿو، تڏِ سڀ ڪان پَري آنھون ڪَيان.

دنيا جون سڀ رونقون، ٿِي وَيون آھستي پَرَي،
واھر وَسِيلو نہ مليو، تنھائي ۾ شاھد راھون ڪَيان.

نيڻ نِماڻا راھہ ۾، ڪنھن ڀِي وِکَ نہ وَڌائِي،
چاھت چريو بڻايو، ”سوڍر“ ڪھڙيون سُرھايُون ڪَيان.

خالي هٿن جي ياد

وَڃڻ وارا ويا هَليا، لڙڪ اکڙين ۾ ڏيُون وَيا،
ڏور پَنڌ تي هَليا، خوشيون مُنهنجون کنيُون وَيا.

ڪير جاڻي آخر اِهي، درد ڪِيئن ويندا پَلا،
جن لاءِ نيڻ جوت جليا، راتيون سُنسان ڪيُون وَيا.

سڀ چَيهہ چنائون، مُرڪِي سڀ واتون وَتائون،
وَاعدن جا وَرق سَيئي، بَي سَببي ساڙيون وَيا.

هو هَليا هَوش وَيڙو، سَمجهہ ساري ختم ٿِي،
ساڻ دردن جي دلدل اندر، مُون کي وارَي لَتيُون وَيا.

هَوت ڳوليان ڪِٿي هاڻي، درد منهنجو ڪير جاڻي،
روئندو اڪيلو ڇڏي، حبيب هِنيانءُ ڏاريُون وَيا.

”سوڍر“ خالِي هَٿن ۾، يادون باقي ڇڏيُون اٿن،
نيڻن جا ساڳيا سَپنا رَهَيا، پَهر نہ ڪو وَهيُون وَيا.

زندگيءَ جو پيچرو

ساٿ هُجي ڪنهن سنگتيءَ جو،
زندگيءَ جو مَزو پو ماڻي وَنجي.

مَيخاني ۾ ساقِي نہ رهيو ساڃيو،
ناتو نئين سِر نئون وَري آڻي وَنجي.

هِن بازار ۾ هَٽ وِڪامِي وَيا،
قِيمت نِڪور وَفا جي جاڻي وَنجي.

سَاهَہ ۾ هُجي پيار جي خوشبو،
پل پل ۾ خوشِي پاڻ هاڻي وَنجي.

ڏکڙا ڏِينهن ٻيي ٿِي پَوَنِ آسان،
رمزِ نزاڪت کي بہ سُجاڻي وَنجي.

هرڪو بَڻِجي نہ دِل جو ساٿِي،
جي مِلي تہ پو جاڻي واڻي وَنجي.

پيار جو پَيچرو ڏکيو ئِي سَهِي،
ساڻ وفا ان سفر کي تاڻي وَنجي.

”سوڍر“ مِلي دوست دِل گهُريو
تہ پاڻ بہ دِل ريءَ ناڻي وَنجي.

خاموش اظهار

ڏِل لڳي لِڪايان ڪِيئن لَوڪ کان،
نيڻن مان نِينهن ڌِيو نِروار پَئي،

خاموشي بہ ڳالهيون ڪري ڳُجَھہ جُون،
ڌِي ساھہ سان تنهنجو اظهار پَئي.

چُپ آهيان، دِل راز ٻُڌائي پَئي،
ڌِي ظاهر عشق جو اِسرار پَئي.

نہ سَڏيان ساجن، نہ آواز ڪَيان،
پريںءَ جو ڌِي هر طرح پرچار پَئي.

چاهت لِڪائڻ جي ڪوشش ڪَيان،
پوءِ بہ تنهنجو ڌِي اظهار پَئي.

نظرن سان ناتا ڳنڍيا آهن ”اعجاز“،
نہ ڪڏهن احساس ۾ ڏار پَئي.

وصل جو شُڪرانو

ڏسي قدم سڄڻ جا صِحن تي، ڳيان شُڪرانا.
اکين کي آرام مِليو ڳيان شُڪرانا.

هَوت آيا، خوشبو واتن ۾ وِڇائجي وَئي،
دلبر دِل کي شاد ڪيو ڳيان شُڪرانا-

جن لَبَن تي هئا پَيغام خاموشِيءَ جا،
اڄ ڳايا ڳيچ انهن چَپَن، ڳيان شُڪرانا-

ساهَن ۾ ٻڄجي ساز آيا، جيئن نغما هُجن نِرما،
راحت ۾ رُوح ٿِيو ڳيان شُڪرانا-

”اعجاز“ مِلڻ جو مزو آيو جڏهن ساڻ ساجن آيو
دِل تان هر غم لهِي وَيو ڳيان شُڪرانا-

پنهنجو روَاج و ثقافت، تهذِيبَ تمدن وِڃائي وَيٺا هُون،
هائي افسوس ان جنگ ۾ اسان ڳُونڌر ڳُهائي وَيٺا هُون،
ڇا ٿِي ويو جو سڀ ڪُجهہ وِسارَي آ ڇڏيو اسان،
اڄ پنهنجي هَٿان پاڻ کي بيوس ٻڌائي وَيٺا هُون.

ساڻ سُورن هليو ويندس

سُور ڪٽِي ساڻ، هَليو وِيندُس،
دِل وَڍِي ساڻ، هَليو وِيندُس.

ساٿ نہ سانوڻ، نہ سُونهَن مِلِي،
سِڪ جو سُور ڪري ساڻ، هَليو وِيندس.

ڪنهن جون يادون، ڪنهن جا سَپنا،
دِل ۾ لِڪائي پاڻ، هَليو وِيندُس.

ساهہ سان گڏ، دِل بہ سازِي،
ناتو نِڀائي هاڻ، هَليو وِيندُس.

ڪير ٿو سمجهي، سَچ سَنِيهو،
پنهنجو پاڻ سُڃاڻ، هَليو وِيندُس.

ساٿ بہ نہ مِليو، سُور بہ نہ سَلِيو،
تات تنهنجي ڪاڻ، هَليو وِيندُس.

نہ ڪا شِڪايت، نہ ڪو فرياد،
”اعجاز“ اُيامي چاڪاڻ، هَليو وِيندُس.

لاچار دل جون ڳالهيون

لُڙڪن ڪري ڇڏيو لاچار، هنجون هارَي وَيئس،
مُحبت جي مَنزل اڙانگِي، مَنُ پنهنجو مارَي وَيئس.

وِڇوڙي جي واٽ تي وَبهِي، آنهُون سَنگتي بڻيُون،
شهر جي شور ۾ خاموشِي، دِل تي وارَي وَيئس.

جنهن لاءِ جيترا خوابَ ڏِٺا، سَو وَيو ڏور،
وقت جي وَهڪِري ۾، هر اميد وِسارَي وَيئس.

وَٽج وانگر پيار نہ هو، پر ڏکن جو ٽِي سَودو وَيو،
نفعو ڪونہ ڪو نِڪتو، هَٽ پو هارَي وَيئس.

”سوڍر“ سَچو نِينهن نِپائي، نالو صِرف تنهنجو وَرتو،
سُر توڙي سازن ۾، پنهنجو پاڻ مان ڳارَي وَيئس.

مان ڪِيئن ساراهِيان سانگِي پنهنجا، سُورن مَنجهہ سَنيَل جو آهن،
مان ڪهڙا وَبهِي ساز الاپيان، سِينا منهنجن جا ڦٽيَل جو آهن،
مَيزبانِي ۾ ڪائِي مات وَينا، رَوئن ساري رات وَينا،
ڪهڙا ڪهڙا سُورَ سُٺايان، سِيني ۾ ڪانَ کُتل جو آهن.

ڪردار ڏِنا مون

هِن ٻَلاري ڄُونءِ ۾، ڪيترائِي ڪِردار ڏِنا مُون،
سُونهن سَراپا هِت ٻَريل، سَوَين سَردار ڏِنا مُون.

سَچَ جا ساٿِي ٿِي ويا هِيڻا، ٿِيا بي حال واٿ تي،
مِير مُنجهيل مُنهنجا، بِرهه جا بيمار ڏِنا مُون.

دِل جا درمان ٻڌجي، سَڀ وِسارَي ويا دارون،
لالچ ۾ وَيڙهجي ويا، بيٺل بيڪار ڏِنا مُون.

حُسن جي بازار ۾، نِينهن وِڪامِيو سَستو
رِشتا رُلايل رُجَ ۾، اهڙا واپار ڏِنا مُون.

هر نِگاهه نفعو ڳولهي، نِينهن ٿِيو نالي ماتر،
مِنٿُن ٻولن ٻُڌيان، لِڪل مَڪار ڏِنا مُون.

"سوڍِر" سَچَ جي سَڏَ تي، پاڻ وِڃايو مون بہ آخر،
پيار جي نالي ۾ سَودا، ٿِيندي نروار ڏِنا مُون.

ٻتر ڄُونءِ کي ٻاڪر پاتو، مَزو ماڻِيُم نِينهن نِڀائڻ جو،
ماءُ هَنج کي مون جاتو، سُرُورُ جيجل سِيني لائڻ جو،
کُلِي پيو "سوڍِر" تنهنجو ڪاتو، پيار سَندَو ڀَيچُ پائڻ جو،
ذَرتِيءَ سان اهڙو ناتو "اعجاز" ازل کان هُوندو آ.

وفا جو نانءُ

رقيبن سان رَلجي، گهاءُ ڏِنائِين،
نِگاهون بَدلي چِتاءُ ڏِنائِين،

چِئِي نہ سَگهيُس، رَهِي بي زبانِي،
ساھُہ سِڪائي پَڇتاءُ ڏِنائِين.

مُحبت ۾ ڏاڍو مَجبور هُيُس مان،
درد ڏيئِي دِل کي تاءُ ڏِنائِين.

ادائن سان جاڳايائِين اُميدُون،
جفا کي وفا جو نانءُ ڏِنائِين.

نہ وِساري سَگهندُس تنهنجون نِگاهُون،
”سوڍر“ ساڙي سِينو داءُ ڏِنائِين.

قرب اڳيان پنهنجو ڪَنڌ جُهڪايون وَيٺا هُون،
مَيٺ ۽ محبت ۾ سڀ ڪجھہ لُٽايون وَيٺا هُون،
پيار جا پيچرا، راحت جا رستا معلوم آهن ”انمول“،
ڪُونڌر سارا قرب ۾ ئِي تہ ڪُهايون وَيٺا هُون.

نياڻي ڪا بيماري ناهي

بي ڏوهي آ ير ڪاري ناهي،
نِياڻي ڪنهن کي پياري ناهي.

ڳَنڍ جُهڪائي جيئي ٿِي جيڪا،
مَظلومن کان اهڙي بيزاري ناهي.

ڳري ڪاري جيڪا، ماري وَيئِي،
سَچي ڳالهہ تہ اها ساري ناهي.

نِياڻي نِماڻِي، رَتُ رَوئي ٿِي،
پَيرڻ آ ير ڪا ڏاري ناهي.

"سودِر" سچ چئي ڏي مُنهن تي،
عزت کان ٿِيڻو عاري ناهي.

دنيا دولت سڀ مال ۽ ملڪيت، هِتِ ڇڏيون ٿو هَلِين،
جنهن لئہ ڪَئِي تو محنت، سَو سَڀو ڏن هِتِ ڇڏيون ٿو هَلِين،
ڪجه پنهنجو ڪمايَل ساڻ ڪڻ هاڻي! تون اي مال جا پُوڄاري،
آهين هَٿين خالِي، سڀ ڪجهہ پنهنجو هِتِ ڇڏيون ٿو هَلِين.

منتظر اڪيون

مُنتظر اڪيون راهون، روز نِهارن ٿِيون،
لوڪ کان لِڪِي، سدا هَنجُون هارن ٿِيون.

شام ٿِئي، چُپ چاپ ٿِئي، ٿو قرار وَڃي،
رات جو خوابن ۾، تنهنجا ڏيڪَ ڏيارن ٿِيون.

لڙڪ وَهَن لارون ڪَرَي، ياد جڏ ٿو يار اچي،
اشڪن جي ڇَلڪ ۾، سُورن ساڻ سارن ٿِيون.

نار وَهَن نيڻن مان، ٿو ساگر ڇَلڪي پَوَي،
سِڪ سانديل سِيني ۾، باهيون اندر ٻارن ٿِيون.

چُپ رَهن، نہ نانءُ وَٺن، چاهہ لِڪائي،
”سوڍَر“ رَهِي سَوچ ۾، پريت اُچارَن ٿِيون-

مَيڙيون ڳي مُحبتِي ماڻهو، اهڙي ڪا اوطاق اڏيُون،
اُلفت جا ٿِي رڱو انبار هُجن، اهڙا ڳي ٿاڪ اڏيُون،
ابن ڏاڏن جو ڳنڍ اونچو ٿِئي اهڙي عمل مٿان ”انمول“،
پريت جي پرچار هُجَي، اهڙي جاءِ ڪا پاڪ اڏيُون.

دل جو سُور

سَودو کيو تو سُور جو
پيچو نہ ڇڏيو تو پُور جو.

ساھَہ ۾ سَانڍيو آ تنهنجو نالو
دِل تان نہ وَيو درد هن جُھور جو.

مَيخاني وارا ڏِسِي رَوئِي پَيا،
حال ڪونہ هو نشي جي چُور جو.

سِينو ڪولي ساھُہ ڏِنو مُون توکي،
بَدلو مِليو نِينهن جي نور جو.

"اعجاز" جيڪر چوان سَچُ پَچُ،
ڪولي بَيان ڳيان دِل جي سُور جو.

ڳَرِي وَٽو ڪچھريون، اوچتو هِڪ ڏينهن هَليا ويندا سين،
جَي ٽِيو مُقدر پنهنجو تہ وَري مَيدانِ مُحشر ۾ مِلنداسين،
ڳَرِي وَٽو ڳيش پنهنجي صحت ۽ مُهلت کي "انمول" ادا،
اڳتي ڪٿائي نصِيب، خبر ناهي ڪهڙي حال ۾ هونداسين.

ڪهڙي آسري

وَيئي ڪَيُم وِيچار تہ آهيان ڪهڙي آسرَي؟
نہ ٿو پَرچاءُ ڪرَي، نہ ئِي ڪا ڳالهہ نِبرَي،

رات اُميدن ۾ ٿِي بٽجي، دِل جو ڏيئو ٻرَي،
صُبح اچي سُورَ ڪٽِي، واڳ نہ ڪائِي وَرَي.

دِل تہ ساٽس ڳالهہ ڪئِي خاموشِيءَ جي زبانِي،
هو تہ رهيو خاموش، نہ سَمجهہ، نہ ڪا سُڌ نِڪرَي.

خوابن جا ٺاهي مَحل، نشيلا نيڻ نہ وِسرن،
عشق پوريان عمر وئِي، مَنزل نہ ٿي اُڪرَي.

"اعجاز" لڳي ٿو تہ اڄ انتها تي پُهتو عِشق،
نہ ڪو پَڙاڏو، نہ صدائون، نہ ئِي ڪو سَڌ ڪرَي.

سُڏڪا مُنهنجا ساٿِي آهن

هِي سُڏڪا مُنهنجا ساٿِي آهن،
مُون سان ويا مِلائي ڇاتِي آهِن.

پَل بہ ڪِين پَرَي ٿِيندا آهن،
جَرِڻُ ٻڻجي وَيا گهر ياتِي آهن.

ساهَہ ۾ رَهَن هِي سَوز پيريا،
هِي مُنهنجي ذِمَي ذاتِي آهن.

سُورن جا ٿا راز سَمجَهن،
ٻَولِي نہ ڪندا ٻاتِي آهن.

ڏک ڏِسن ٿا ڏاج هِي مِليَل،
لِڪي پائِيندا جهاتِي آهن.

دِل جي رستن جا تہ رَهواسِي،
ڪنيُون وَيئا جهَرِڻ ڪاتِي آهن.

درد ڏِسِي دِل ڌَانهُون ڪَري،
درد ڏسيُون وَيئا مماتِي آهن.

نِينهن نِيائِڻ سِکيا جو آهن،
ٻڻجي سُور پَيا جَرِڻ ڪاتِي آهن.

”اعجاز“ اڪيلو ڏِسِي اچن ٿا،
رَازدار هِي رَوايَتِي آهن.

واهہ جو وينا وَچن پاڙن،
مُون سان وَينا هَنجُون هارن.

عشق آيو پنڌ ڪري

عِشق آيو پَنڌ ڪَرِي، مُحبت مَيلو مَچايو،
سُورَ آيا نهِي سَنبري، فِراقن خُوب نچايو.

هُو بہ وِساري وَيهِي رَهيو، نِينهن پِي وَاري چَڙِيو،
سُورُ سِيني ۾ جاڳِي پَيا، دردن مَنُ پَچايو.

سَاپِيان نہ ٿِيا سَپنا، ساگر پِيو سِڪ ۾ سُڪِي،
سِيني ۾ تنهنجو نانءُ، برهہ مُون کي ڪِين بَچايو.

خواب سارا اُلجهي پَيا، رڻ سَچا رَيگستان ٿِيا،
پَيچرو ڏِسي اڙانگو، پَروسي پِي رنگ رَچايو.

”اعجاز“ آئِي الفت، درد ڪان ڏانهَن نِڪتِي،
”سوڍر“ چَڙِي سَنگتي وَيا، وَيهِي مُون پهُہ پَچايو.

پَوِتر پُونءِ جا اسِين جوڙا جوان آهيون،
ڏيهہ ڏِنو مَيدان مَلهائِيندَي نوان ناهيون،

مَيرِ نہ رَکون مَن ۾ ”سوڍر“ سُورهيہ اسِين،
مَدائِي مُور نہ جاٽون سِڏا سَنوان آهيون.

مان ڏاري ناهيان

مان ڪاري ناهيان، ڪاري ناهيان،
بي ڏوهه وڃِي مان ماري آهيان.

ڏوهه ڏِسيو مُنهنجو ڪهڙو هو؟
ڏِيو جهيڙو بابُل وارن جو هو
ڏِي رَتَ ۾ لتپت مان ساري آهيان.

هُيون سَچايون دِل ۾ پالِيون مُون،
پَچايون مُحبت جون ڳالهيون مُون،
سُورَن منجهه پَچي مان ساري آهيان.

انصاف گهران مان ڪنهن کان هاڻي،
پيڙهي آهيان پنهنجن هٿان گهاڻي،
بي ڏوهه لڳل تهمت مان واري آهيان.

هر روز سُورن ۾ پئي سَڙندي آهيان،
بي خطا وَري پَئِي مَرَندِي آهيان،
گواهه آ ڌرتي، مان جيءُ جياري آهيان.

هر بار نيڻن مان برسات وَسِي،
”سوڍر“ بہ سُڏڪِي پيو هي ڳالهه ٻُڌِي،
لاوارث لاش ڏِسو مان ڏاري ناهيان.

وفا جو واعدو

اسان نِينهُن نِڀائي هَلنداسِين،
اسان پيار پُڄائي هَلنداسِين.

ڪيو اگر عِشق اوطاقي،
اسان چاهت چاهَي هَلنداسِين.

خُوب سَجائي تو ڪي خوابن ۾،
اسان سُونهَن ساراهَي هَلنداسِين.

سُونهَن چَڙهايو گر سُولِي،
اسان سُولِي سَجائي هَلنداسِين.

تو ڪي سانڍِي پنهنجي ساهَہ ۾،
اسان خواب ٻَڌائي هَلنداسِين.

جي رستو وِسارَي وَيئين تون،
اسان واٽ ڏيکاري هَلنداسِين.

”اعجاز“ ٿِيو جي عشق اڙانگو،
اسان سِر سَهائي هَلنداسِين.

واعدي جي واٽ تي

فاصلن جي مُونجَهه مِٽائي ايندس مان،
پنهنجا ڪَيَل واعِدا نِڀائي ايندس مان.

تنهنجو سَڏ سُڻي، سڀ ڪم ڪار ڇَڏي،
سَڀ ڪُجُهه لُٽائي ايندس مان.

تنهنجي تات لڳل آ تن مَنَ ۾،
سُونهَن جي سُڳنڌ وِرهائي ايندس مان.

چاهت جڏهن ٻه ڇَنگ ڇوريندِي،
واڪا ڪري وَڇَن وَرجائي ايندس مان.

مُشڪلاتن ڪي ير مُنهن ڏِئِي وَنبو
نيڻن مان نِير هَٽائي ايندس مان-

"سوڍِر" ساجن تان ساهُه نِڇاور ڪرَي،
نِرمل تو لئي نيڻ وِڇائي ايندس مان.

ڏک ۾ نيڻهن جا رستا

ڏک مِليا ڏاج ۾، سَڀ کِلِي سِر تي سَهائي وينس،
هَوڏ هَلايو نہ هِڪڙو، مان ڳچيءَ پانڌ پائي وينس.

رات مُون سان رَوئندِي رَهِي، ڏِينهن سُورَن ساڻ ڏکيو رَهَي،
خواب سَجائي اکين ۾، سُڏڪن سان آنهُون ٻُڏائي وينس.

مُونجهہ ڀَري مَوت مِلِي، وَچَن وفا جا سڀ وِسارَي،
سِتارا بہ گڏ سُڏڪِيا، لُڙڪن سِين نِينهن نِڀائي وينس.

پيار جو پَنڌ ڏاڍو پرَي، سَڄڻ سِوا مُنهنجي ڪِين سَرَي،
پرين ڏانهن وَاجهائي، نيڻ نِماڻا ٽڪائي وينس.

هَوت آيو ڪِين هَلِي، سِڪَ بہ خود سِڪَندِي رَهِي،
مُڙڻ آيو مُور نہ مُون، انجام پنهنجا سَڀ پُڄائي وينس.

ساجن سَنِيهو نہ مِليو انتظار ۾ اکيون رَهجي وَيُون،
دِل اندر دَانهَن پَئي، آب اکين مان وَهائي وينس.

رُتون ڪَيئِي آيُون وَري، هر ڀيري نِينهن جا نغما کڻِي،
مُنهنجي سَڄڻ سِوا نہ سَرَي، پنهنجو پاڻ گهائي وينس.

لُڙڪن توکيو هر گهڙي، سُڏڪن بہ چِڏيو ساڙي،
آب اکين مان هاريو، مَنَ کي ڀي مان مُنجهائي وينس.

”اعجاز“ عِشق اچانڪ آيو، اچي عَقل کي ڏِنائِين مات،
وصل ۾ وَيهِي، مَزو موت جو ڀي پائي وينس.

ڪجهہ تہ ڪر

ڪُجهہ تہ ڪر، دَردن ڪان دِل کي صاف تہ ڪر،
خاموشِيءَ جو زهر آ پيتو، هاڻي معاف تہ ڪر.

زخمن ۾ ٿيو چُور آهيان، مُحبت ٻڌايو مَست پرين،
خوشين کي اڳُڻ آڻي ٿورو ٽڪو هاف تہ ڪر.

چَپَ نہ چَوريَئِي هر جفا تي، خار ڪاڏِئِي ٻَي سَبب،
ڪجهہ تہ ڪر، عِشق اندر، قلبي ڪو طواف تہ ڪر.

دِل تڙپي اُٿِي سُڏڪن ۾، خواب سارا ٿِي خاڪ وَيا،
مَحبوب مِنا، بَي خودِيءَ ڪان معاف تہ ڪر.

"سودِر" سان واعدا وَچن، قول تہ ڪَيئِي يار ڳيا،
هاڻ انهن قولن کي سَچائِيءَ سان ڪاف تہ ڪر.

اميدن جو آستانو

آستانو اميدن جو اَڏائي وَيئو هان،
سُورن کي پاڻ ئِي سَڏائي وَيئو هان.

مَرهَم جي آس تي دِل لڳائي وَيئو هان،
سُکن کي دِل مان لڏائي وَيئو هان.

دِلبر جي در تان جيڪو دانُ مِليو،
ساهَہ کي نہ سُورن کان ڇَڏائي وَيئو هان.

جيڪي سَيکاريا عِشق سَبق،
سَي پَڙهي پاڻ پَڏائي وَيئو هان.

دِيوانن جي مان دَيس رَهِي،
پَروانن جان پاڻ کي ڏڏائي وَيئو هان.

خاموشِي مون تي خُوب کِلَي ٿِي،
مان تہ سَجَڻ سان گوڏو گڏائي وَيئو هان.

جتِ دَيرَو پَيَل هو دَردن جو،
اتي رب کي دِل سان ٻاڏائي وَيئو هان.

هَنٽو هاٽي مُور نہ مُون کي آهي،
”سوڍِر“ مان گهر اڏائي وَيئو هان.

اُجهامي ويا

ڊِل جا اهي چَمڪار وِسامِي ويا،
اميدن جا اُهي آثار اُجهامِي ويا.

هو جيڪي ساهہ ۾ سانڍيَل رَهيا،
اُهي بہ ٻَڌجي خواب اُڏامِي ويا.

ساهُہ سدائِين سُڏڪن ۾ رهيو،
سُک بہ سِڪَ سان ٿِي سَلامِي ويا.

هو بہ واعِدا وِسارَي وَيٺو هَٽِ،
جي ٿِينداَ يادن سان هَم ڪلامِي ويا.

هر پل تنهنجي ياد اچي ٿِي،
خواب بہ هاڻ تہ رُسامِي ويا.

"اعجاز" ڳوڙهن ۾ ٻُڏِي ويو اٿم احساس،
ساٿ وارا لمحا سَي بہ وِلهامِي ويا.

جندڙيءَ جا بار

ڏکن جا هيڏا بار ڍَوئي ٿِي، هِيءَ جندڙي،
سُورَ سَهِي، پو بہ هر پل، پيار پَوئي ٿِي،
هيءَ جندڙي

لُڙڪ لِڪائي، مُرڪي ٿِي، ماڻهن اڳيان،
رات جو تنها وَيهِي، پنهنجي مُنهن رَوئي ٿِي،
هيءَ جندڙي

خوابن جي چانوَ ۾، هر پل تنهنجو پيڇو
سارَي ساروڻيون، لڳي کي لوئي ٿِي،
هيءَ جندڙي

خاموشِيءَ پُٺيان، ڏاڍو آ درد لِڪل،
تنهائي ۾ پلو پيچائي، مُنهن ڌوئي ٿِي،
هيءَ جندڙي

خوابن جي چانوَ ۾، وَيهِي رَهَي تصور ۾، ٿِي گم،
”سوڍر“ سُڏڪِي سُڏڪِي، آخر پئي سوئي ٿِي،
هيءَ جندڙي

وِڇوڙي جا درد

لوڪَ ڪان لِڪي، هَنجُون مان هاريان ٿِي،
پَهنوار پَنهنجا پُڇي، سَي اڄ پُڪاريان ٿِي.

راهِي راهَہ هَلڻ لڳا، وَيا هَليا سَي ڏور،
راهون وَيٺي نِهاريان، سانڊِي ساريان ٿِي.

دِل ڏيئي، سَوداگر ٿِيا سُورن جا،
پُنهل جو پُڇي، جند جان واريان ٿِي.

جن ڏِنو ڀَروسو، سَي ڀِي ساڻ نہ هَليا،
جن کي چاهيو، سَي اڄ پَچاريان ٿِي.

سانجهي سَويرَي، سَنبري، ڪنيائون لڏو لاٽ ۾،
دِل ۾ درد سَمايو، تڏهن تہ هَنجون هاريان ٿِي.

جن جي خاطر، پاڻ وِساري وَيٺس مان،
تن جي خاطر، اندر پنهنجو ڳاريان ٿِي.

"سوڍِر" واڳَ ساهَہ جي وَسَ ۾ ڪانهي،
ڪڏهن روئِي ڪِلِي، پنهنجا حال وِچايان ٿِي.

تنهنجي دَرَ جي مِٽي

سُرمو ڪرَي پايان، تنهنجن پيرن جي مِٽي،
جنهن جاءِ گڏِيين دِلبر، تنهن تر جي مِٽي.

ساهَہ ۾ سانڍيان تو کي، هرهڪ کان تنهنجو پُڇان،
مون کي وَڻي ڏاڍو وَڻي، تنهنجي گهر جي مِٽي.

نيڻ نِماڻا چُمان، روز پيرين پَوان،
مَوهَي وِڌو مُون کي، پيلاري پتر جي مِٽي.

عِشق ڏِيئو تِي ٻَريو، چاهت چَمڪِي اُٿِي،
ڏس تہ مان ڇا ڪيان، تنهنجي پر جي مِٽي.

جي پيچرن تي پيار سان، تو هو پَنڌ ڪيو،
مُور نہ وِسري مُون کان، تنهنجي در جي مِٽي.

واٽ تان وِڪري آهيان، وِصال يار ٿِي چاهيان،
خود رستو ٿِي ويو، ٻڻِي مَنزل جي مِٽي.

”سوڍر“ سوچ سَموري وَڻي، هوش وِڃائجي وَيو،
تنهنجي چاهت اِيئن، جيئن چيڪي جر جي مِٽي.

نہ وسرنديون التجائون

جيئري نہ ڪر تون، مون سان جانب جَفائون،
جدا ٿي وياسين، تہ پو روئنديون وَفائون.

عِشق تو آزمائي، ڏئي ڏوراپا ڏکن جا،
نہ وِسرنديون تو کي، ڳيل التجائون.

تڙپي لُڇي، مون مِنٿون ڪيون ٿي،
گهِين شام ساٿي، ڪيون ٿي صدائون.

چاهت چري وَئِي، مون کي مَجنون بڻائي،
ڪڏهن تہ سُڏڪا، ڪڏهن تہ دانهون.

مُنجهيل راتون جاڳيون، ڏينهن ڏکيا ٿيا،
گهاوَ ڏين پيون، سَنيون جيڪي جفائون.

توتي لکيل هي لفظ، نغما، هِي وايون،
ڪِتابِ دل مٿان، هُيون سُچاٽپ جون چائون.

ساڙيو هو سُڏڪن، لڙڪن بہ هو توکيو
يادن جا سارا سنيالي سڀ گهاوَ ڏِنائون.

ياد هوندئي الائي وِساري چڏيون ٿئِي،
اهي لُڙڪن سان پنل منهنجون رِدائون.

"اعجاز" آخر مان پڻ تہ انسان آهيان،
معاف ڪَيَئِي ڪِين منهنجون خطائون.

"سوڍر" هاڻي ڪِيئن وِساري وَيهان مان،
اها شام، اهي لمحا، اُهي تنهنجون راهون.

توکي پڪاريان

ساجن آءُ سُري، دل جا سپ سارَي، توکي پُڪاريان،
ڏکيا ڏِينهن ٿِي گھاريان، پل پل وارَي، توکي پُڪاريان.

راتيون رُسيون، نہ آيون، خوابن ۾ ڏٺيو گهٽو،
وِيچارن ۾ وَيٺِي آهيان، اکيون ٻَاري، توکي پُڪاريان.

اکيون پَيون تڪن واٽون، نيڻن مان پيو مِينهن وَسَي،
ڏِيان نہ ڪوئي ڏاريان، ساھُہ سنڀارَي، توکي پُڪاريان.

سِيني اندر سُور سَمائي، دِل جي دنيا وِيران ٿي وَئِي،
سَوز ۾ سپ ٿِي واريان، آھَہ اُجارَي، توکي پُڪاريان.

واعدو نہ وفا ڪَيَئِي، چاهت جا چنگ چَورَي،
سُورن جي سُڏ ساريان، دِل جي وارَي، توکي پُڪاريان.

نہ تون پُڇين حال دل جو، نہ مان سگهان وِسارَي،
هِجر ۾ هَنجون هاريان، زخم سَنوارَي، توکي پُڪاريان.

ساهَن اندر توکي سارَي، پريت پنهنجي پَچارَي،
سِڪَ ۾ لُڙڪ لاڙيان، سَڄو وَسُ هارَي، توکي پُڪاريان.

چنڊ ٻہ ٿو پُڇَي حال، تارن مان لِيئا پائي،
راتين جو راهَہ نِهاريان، نِينهن سَنڀارَي، توکي پُڪاريان.

سارَي سَمي ڏُک ڏِنا، تنهنجي نانءَ جي نشي ۾،
”سوڍر“ سَپنا سانديان، جيءُ اجارَي، توکي پُڪاريان.

وفائن جو ويرانو

هِجر هِنيانءَ ڏاري ڇڏيو، سِڪَ پيِ ساڙي ڇَڏيو
ڏِني ڏِينهن جو ڏاڍا ڏِيا، رات ٻہ روئارَي ڇَڏيو.

ساهَہ تہ ساٿ نِڀائڻ جي ڳَئِي، ياد ٻہ آئِي گهٽِي،
اُهو ناتو، اُها ڳالهہ، سُڌ سڀ وِسارَي ڇَڏيو.

پوءِ ٻہ نيڻن جي عَڪس ۾، صورت تنهنجي رَهِي،
تو رُلائي روڳَ کي، ڳَرَي ٻَي سُڌ هارَي ڇَڏيو.

اُها مَوسَم، اُها خوشبو، سَاک پيِ نازڪ رَهِي،
تو هوائن جي هَٿان، ڏوراپو ڏِيارَي ڇَڏيو.

وقت جي واٽن تي هَلندَي، پيچرا پُلجي وَيُس،
وِڃائي وَهِي، ڳُراڙپ جو در ڏيکارَي ڇَڏيو.

اهي واعدا، اها وفا، سَڀ خواب وانگر لڳا،
نيڻن نِير وَهايا، وقت هَٿان تو وارَي ڇڏيو.

پُڇڻ نہ آيا حال جو، آسُون اڃ پوريون رَهيُون،
دردن مَنجهہ پَئي جيان، پَنهنجائِپ مارَي ڇَڏيو.

دِل تہ اميدن جي مِٽيءَ تي مَحل ناهَي وَيٺِي،
آرزوءَ جا آستانا، وَري نِينهن نِڪارَي ڇَڏيو.

نہ اچڻو تون نہ آئين، پَر نِياپو تہ مَوڪِلِين هان،
تڪِيندَي رَاهُون لُڇندِي رَهيَس، برھہ ٻارَي ڇَڏيو.

جو سُڏڪن ۾ هو لِکيو، سَو لَوڪَ سُڃاڻي وَتو،
ساگر ڇَلڪيو آئِيني جيان، اندر مُون اجارَي ڇَڏيو.

رُوحن جا ناتا هئا، سَمجهي نہ سگهيو هِي زمانو،
سَچو نِينهن زماني اڳيان، سَو هارائي ڇَڏيو.

اُها آڳر جيڪا ڪڏهن، هٿ سَنيالي هَلندِي هُئِي،
”اعجاز“ اج انهيءَ آڱر ئِي، جيءُ جَهورَي ڇَڏيو.

وڇوڙي جي وِيرانيءَ ۾

حال پُڇڻ وارو ڪونهي، مان سَڏَڙا سارَي ڳيان،
خوابن پٺيان ساٿ ڇڏيو، رُوئندي ٿِي رات گذارَي ڇَڏِيان.

جَڏَ وَڻَاڻ ٿِيل وِيران ڏِٺم، دِل تي جڻ ڪا وِڄُ ڪِرِي،
درد پٺيان رُوئي پَيو سُڏڪا پرَي، نقش سارو اپارَي ڇَڏِيان.

هُيُون ڏاڍيون اُميدُون، ڳُوڳُن پري هُئِي ڳهاڻِي،
تو وڃڻ جو ٻُڌِي، مان پنهنجو ٿِي حال وِڃائي ڇَڏِيان.

گَنڍ جُهڪائي بيٺي آهيان، نيڻن مان رُڳي ٿا نِير وَهَن،
وقت جي وِيرانيءَ ۾، سڀ ڪجھ ٿِي وِڃائي ڇَڏِيان-

زندگيءَ جي رَستي مَٿان، تنها ٿِي نِڪري پَيَس،
رُوئي رَڙِي نيٺ آخر، خوشِي غم ۾ ٿِي ڦيرائي ڇَڏِيان.

چنڊ بہ اڄ خالِي لڳو، آسمان پٺيان افسوس ۾ هو،
تو سِواءِ سڀ زهر پَئِي لڳو، پاڻ بہ ٿِي رُوئارَي ڇَڏِيان.

تون جو وِڇڙِي وَئِين، زندگي ٻَڻِي سَيج ڳنڊن سَندِي،
تو سِوا حياتِي هانجو لڳِي، جيءُ ٿِي ڳارَي ڇَڏِيان.

تن ۾ تات رَهِي، تنهنجي ياد ٻَڻجي سَرگم وَيئِي،
خوشين جا رنگ ڪارا ٿيا، دِل ٿِي جَلائي ڇَڏِيان.

”سوڍر“ سارا سَپنا ٽٽي پَيا، خواب بہ ٿِيا خوار ڏاڍا،
جَفائن هوش وِڃايا، مَزو زندگيءَ جو ٿِي وارَي ڇَڏِيان.

اوسيئڙي جي اک

وَڇڻ وارا وَڃين ٿو تون، هِنياءُ مُنهنجو ڏري ٿو پَئي،
اچڻ وارا اچين ٿو تون، هِنياءُ مُنهنجو ٺري ٿو پَئي.

تڙپ جي تپ ۾ توڪان پوءِ، ساهن ۾ سُڪالِي آ،
اميدن جا ڏِيئا ٻاري، هِنياءُ مُنهنجو سَري ٿو پَئي.

وِڇوڙي جا وَسواسِي واءَ، درد دِل کي سُجاڳين ٿا،
تو بن گذرن جي شامون، هِنياءُ مُنهنجو جُهري ٿو پَئي.

نسِيمُون تنهنجي نالي سان، اچان پيو گونجن پَيون،
هر خوشِبو جي پُنيان، هِنياءُ مُنهنجو هَلِي ٿو پَئي.

ڪڏهن خواب ٻڻجين ٿو، ڪڏهن آنهُون هِي آنهُون هِين،
جڙيو جڏهن ناتو نِينهن جو، هِنياءُ مُنهنجو جُڙي ٿو پَئي.

خاموشيءَ جون زبانون پيو، تو لاءِ ئِي ڳائن ٽِيون،
سُڪون جا وَڄن جَذِ ساز، هِنياءُ مُنهنجو چُلِي ٿو پَئي.

تون اوسِيئڙي جي اک آهِين، تنهنجو ئِي انتظار آهي،
خوابن جي آئِيني ۾، هِنياءُ مُنهنجو نچي ٿو پَئي.

سُور جي ڪيف ۾ هر پل، تنهنجو نالو ٿو وَرجايان،
صبر جا سڀ پل مَجرايان، پر هِنيانءُ مُنهنجو لڙي ٿو پَئي.

اداسين جي ان وِيرانيءَ ۾، ٿو تنهنجو ئِي آواز اچي،
جيئن گيت وَڄي ڪن ۾، هِنيانءُ منهنجو ڪِلِي ٿو پَئي.

تون پرين آئِين تہ روشن، ٿِي هر ڪنڊ ڪنڊ ٿِئي،
انڌاريءَ جي اوٺ مان، هِنيانءُ منهنجو تري ٿو پَئي.

اميدون ۽ دُعائون سڀ، تنهنجي نان رکيون آهن،
هر دعا جي اوسِيئڙي ۾، هِنيانءُ مُنهنجو مُڙي ٿو پَئي.

”اعجاز“ اکين ۾ هِي، سارا سَپنا تنهنجا آهن،
تصور ۾ بہ توکي ڏِسِي، هِنيانءُ مُنهنجو ٽڙي ٿو پَئي.

منهنجي وڃڻ کان پوءِ

منهنجي قبر تي آيو هوندَي، مايوس مَوٽيو هوندَي،
سِڪ سَتايو هوندئِي گهڻو، تڏِ رَوئندو آيو هوندَي.

منهنجي وَڃڻ کان پو اڪيلائي ڏنگيو هوندَئِي،
تنها ٿِي پيو هوندَي، مِلڻ لاءِ محبوب آيو هوندَي.

راتين جي سَناٽي ۾، ساري سُڏڪا ڀريا هوندَئِي،
مَجبور آهيان مان هِتي، پر تون پُڻ نيڻ ڀريو هوندَي.

مَوت منهنجي کان پو، دنيا بي رنگ ٿِي هوندَئِي،
تڙپيو لڇيو هوندَي، هِن هُن کان ڀي پڇيو هوندَي.

سڄي شام سُڏڪن ۾، آنهون ڀَريون هوندَئِي،
لڙڪ لِڪائي پو، خاموش رُنو هوندَي.

هِجر تڙپايو هوندَئِي، جُدائي جهير ڏِنا هوندَئِي،
اچانڪ ڇرڪ ڀري ننڊ مان، هر هر اٿيو هوندَي.

ٿڪن ٿوڪيو هوندَئِي، مُرڪ مَيار ڏِني هوندَئِي،
مُنهنجي وڃڻ کان پو، ٿِي بي آواز ٻٽيو هوندَي.

مان وَرَڻ جهڙو ناهيان، اهو سوچيندو هوندَئِي،
هِنيان ڏريو هوندَئِي، ڪنهن ڪنڊ رُنو هوندَي.

گڏ گذاريل هر لمحو، هر هر ياد پيو هوندَئِي،
اوچنگارون ڏِنيون هوندَئِي، سُڏڪن ۾ سَڏيو هوندَي.

"اعجاز" اڪيلو هان، سُورن جو سَتايل هان،
جڏ ياد ايندي هوندَئِي، دانهون ڪندو هوندَي.

دلبر جي دردن جا گيت

ڏوهه مُنهنجو ڪڏهن به نه ٻُڌائِين ٿو،
بي سبب مون کي سدائين سَتائِين ٿو.

درد ڏِين ٿو روز مون کي دلبر،
غم جي لمحن سان ڏاڍو نوازين ٿو.

دور ٿِي وَئِين تون دلبر منهنجا،
مون کي هر روز سِڪ ۾ سِڪائِين ٿو.

پري رهان ڪِيئن سَڄڻ تو کان مان هاڻ،
سخت مات ڏئي مُون کي مَچائِين ٿو.

عِشق ۾ تنهنجي مان بِلَي ٿِي وَيُس،
تون پرين مُون کي ڪڏهن نه پائِين ٿو.

واعدا وِساري وَيئين سڀ پنهنجا،
وَري ڦُصور مُون تي وَڌائِين ٿو.

پڪو ٿِي وَئِين تون دلبر جاني،
سا حقيقت پِي تون مُون کان لِڪائِين ٿو.

مُون ته پنهنجا سڀ وِساري ڇڏيا،
”سوڍر“ تون به ويتر دِل جلائِين ٿو.

مَرڻ کان پوءِ بہ تو سان

مَوت کان پو مِنڙا، ڪِيئن مَياري هُوندس مان،
ساھہ نِڪتو سَڄڻ، ڪِين سَگهاري هُوندس مان.

تو بن هُئِي دنيا، مون کي لڳي بيڪار خالِي،
سَڏِيندو رَهيُس تو کي، بڌيل مان سَوالِي،
هر خوشي وِيران هُوندي، پِيو ڏاري هُوندس مان.

محفل تنهنجي لڳندي وِيران هُوندِي،
تنهائي توکي ئِي پَريشان رَکندِي،
ڏک هُوندو ڏاڍو ليڪن، نہ هِڪ وَاري هُوندس مان.

رَهيُس هِت بہ هَيڏو، مان تنها تنها،
نہ رهيو ساٿ ڪو، صِرف صدا تنها،
بَيوس هِي سَڀ بار چِڏي، پِيو لاچاري هُوندس مان.

ڳَيَل قول قسم واعِدا، سَڀ ياد هُوندا،
لمحا سَڀ تنهنجا، دِل سان گڏ ساٿ هُوندا،
وِڃائي سڀ هوش آخر، پِيو خماري هُوندس مان.

”سوڍر“ تو کي وِساري، ڪِيئن سُمهندُس پلا،
”اعجاز“ انهيءَ ڏک ۾، ڪِيئن رَهندس الا،
مَٺين مِٺيءَ هَينان هَوڏي، پِيو وَيچاري هُوندس مان.

ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور

سِجُ لهَي ٿو جيءُ جُهرَي ٿو،
اندر آهيان چُور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

رُوح جي راهَہ جو رَاهِي مُسافِر،
سُٽايان گهڙا سُور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

ساهَہ جو ناتو تو سان جُڙيَل آ،
ياد نہ مُڙندِي مُور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

آرزو جي زنجيرن ۾ باندِي بڻيَل،
دِل آهي مَجبور، ڪِيئن رهان تو ڪان دُور.

نِينهن نِپائڻ آيو آهيان،
سُورن مَٿان پُور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

ياد ٿِي باهِہ جيئن ساڙي،
نِينهن نِسورو نور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

اکين ۾ تصوير تنهنجي،
لڳيل بڻِي ناسُور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

”سودِر“ نيڻ وِڇايان رَاهُن ۾،
نِڇاور ڪيان ضرور، ڪِيئن رَهان تو ڪان دُور.

پيار جو ناتو

مُنهنجي ڊِل کي ڊِلبر ڄاتو،
مُون سان سَچو نِڀايئِين ناتو.

تنهنجي آواز جي سُرهاڻ سان،
رات جي سَپنن گڏ مُون سان ڳاتو.

هر خطا کي پيار سان بَخشائِين،
مُون تہ تنهنجي ڏک جو خِرقو پاتو.

پيار تنهنجو مُون لئہ مِثل مِحرابي،
جنهن سَدا ڊِل تي سَجائي لاتو.

ساڻ ساٿن تنهنجي جيڪا نظر،
ساهَہ تنهنجي لائي سِيني لاتو.

طوفان اچن چاهي وِڇون وَسَن،
تو بن کهڙو باقي ٿو رَهَي جياپو.

"سوڍر" ناهِين تون تہ لڳي دنيا خالِي،
"اعجاز" تو بن ٿو مان رَهان آتو.

دِلِ ۾ رَهَڻ سَيڪارَي وَيئِي

تنهنجي رُوح جي وِيڻا، دِلِ ۾ ساز وَڄائي وَيئِي،
روح جي راهن مان لنگهي، ٽنڊڙا ساهه پَرائي وَيئِي.

اڪيون سَجَ جا رُوپَ آهن، چُپ شام جا نظارا لڳا،
پريت پُڄايَم اوچتو، خوابن کي باهِه لڳائي وَيئِي.

هوءَ نہ صرف حُسناڪِي هُئِي، ڪو روشِنِيءَ جو نانءُ هو،
جِسم کان وَڌِ رُوح تائِين، سا تہ سَچُ پيي ٻُڌائي وَيئِي.

ساهَہ جي هر سَوز ۾ تون، هي تون جو وِرد آ،
سَوز سِڪَ ۾ سا نچي، دِل کي عِشق سَيڪارَي وَيئِي.

چَپَ ٿِي چَورَي جڏهن، جَڻ ڪو شعر ٿو ٻڻجي پَوَي،
لهجي جي لطافت ساڻ، بَي درديءَ کي دوا ڏيئِي وَيئِي.

هو تہ پل ۾ پيش ٿِي، پل ۾ ئِي غائِب ٿِي وَئِي،
پر هوا جي خوشِبوءَ وانگر، دِل ۾ رَهڻ سَيڪارَي وَيئِي.

”اعجاز“ هوءَ نہ هُئي ڪا عام نظر، لِڪيل ڪو راز هُئِي،
هر نِهار احساس مان، ”سوڊِر“ سا حقيقت اجارَي وَيئِي[1].

---

1. ويڻا= نازڪ سر، ساز، هندوازم جو مقدس ساز

ساٹ بڻجي آيو آهين

سِجُ تہ لڳو وِسامَڻ، چنڊ بہ بي نُور ٿِيو،
مُون لئہ اهڙو روشن ڪِرڻو بڻجي آيو آهِين.

چُپ، سُڪون، خُلوت، تنهائيون سڀ هُيون ساڻ مُون،
هاڻ اُنهن سَيني ۾ گويا ساٿ بڻجي آيو آهِين.

آهَہ جا ڏڪ، ساهَہ جا طوفان مُون جَهيلِيا،
جيئن نِجات جو ڪوئِي در، بڻجي آيو آهِين.

ساهَہ جي سَوز جيان تون وَهَندو آهِين سِيني ۾،
بي قرار رُوح جي رِهاڻ بڻجي آيو آهِين.

بيقراريءَ جي حد تائين آيو هو دل جو سفر،
اُتي اوچتو تون سُڪون بڻجي آيو آهِين.

مُون جهڙا عاشق، ڪُنئِي ڪيترائي هِڪ جَهلڪَ ۾،
”سوڍر“ سُهڻن جو ڪو تون سردار بڻجي آيو آهِين.

جيون جو ڪوتاه قِصو

جيون مُنهنجو قِصو ڪوتاهہ،
ڪڏهن ڏُک، ڪڏهن سُک، ڪڏهن اُتساهہ.

خوابن جا مَحل وِيران آهن،
جاڳ ۾ رَهجي ويو آ ساهہ.

ساپيان جا ڏِينهن سَمورا ويا،
رَهجي ويو اڪين ۾ آهہ.

تون نہ آهين، پر تُون آهين،
مَنَ ۾ مُنجهي پيا پنهنجا پساهہ.

سَوزون ڏِينهن ۾ ساڙين ٽِيون،
رات ۾ پُجهي نہ ڪوئِي واهہ.

سَچُ پَچُ آ امتحان وفا جو،
ساهہ ڏِيبو چڙبو ڪِين چاهہ.

"اعجاز" دِل جون ڳالهيون آهن،
لِڪِي چَڏيان لفظن جي پناهہ.

تو لاءِ هي سِر ڏيان

هَلَي نہ ٿِي هاٺي مُنهنجي، هُوند اهڙو امر ڏِيان،
هَلِي اچين هَيڪر مَنڙا، مان گهورَي گهر ڏِيان.

ساهَہ ۾ سَانديان توکي، لَوڪ کان لِڪائي رَکان،
دِل جي سَيج سِينگارَي، تو لاءِ هِي سِر ڏِيان.

يادون تنهنجون پارڻ بڻجي، جيءُ ٿِيون جَهورين،
اچڻ جو گر احسان ڪَرين، مان تو کي اتر ڏِيان.

آرزو اٿم اها، ڪَي پل تنهنجي پاسَي وَيهان،
غلامِي تو جهڙي ساجن جي، جيون ڀر ڏِيان.

دِل تہ نِماڻي دِل هُئِي، ساهہ بہ رَهيو سُورَن ۾،
جيڪر واعدو ٿِئي وفا، هُوند نِمي مان نذر ڏِيان.

ڏِس ديوانو تنهنجي دِيدَ جو هِي ”سوڍر“ ٿِيو
آيو يار نہ ماهِي، ٿِي پارس پَيڪر ڏِيان.

”اعجاز“ دِل جي دَيس ۾، تون ئِي آهين رَوشِني،
دنيا جا وِساري ڪم سَڀئي، مان تو لاءِ هِي سِر ڏِيان.

تنهنجي عشق جون ڳالهيون

ڊِيدار مِليو نہ دِلبر جو، ڪنهن سان سُور سَليُون،
اشڪ وَهيا سَڄڻ لئہ، راتيون سَڀ جَليُون.

ساهُہ سُڪِي ويو مُنهنجو، تصور تارَي تنهنجو
خاموشين جي ڪنڌن ۾، آنهُون ڏاڍيون پَليُون.

راتون رَهَن اُداسِيون، تارا بہ وِسامَڻ لڳا،
چنڊ بہ لِڪيو لِيئا پائي، وِيران ٿِيون ڳليون.

سُڏڪن ۾ سانت چاِئي، نيڻن آخر سِر نِمايو
اڪيون رهيون اڃاريون، ڪنهن ساڻ نہ سُور سَليُون.[1]

واعدن جون ڳالهيون ڪري، وِساري تون وَيهِي رَهِين،
محفل سَجايم مَنَ جي، نيڻن ۾ ڳالهيون هَليُون.

”سوڍِر“ نہ وِساري سَگهيو، ڏِنل درد تنهنجا دِل کي،
اڪيون اڃان ڳائِين ٿِيون، تنهنجي عشق جون ڳالهيون.

---

1. سانت = خاموشي

ساھہ تي ساھہ سنيالو

تنهنجو ناز نرالو آهي، ساهَہ تي ساهہ سَنيالو آهي،
دِل ٿِي تنهنجي طلب ۾ رَوئي، عِشق پوبان اجالو آهي.

اکين ۾ رهندڙ رَوشن تون، خوابن وانگر خيالن ۾ تون،
تو بن هر نِگاهہ ساٿِي، وَيتر سُورن جو سوالو آهي.

تو نہ آهِين شام اونداهي لڳي، ساهُہ رڳو آهتون ٻُڌي،
هر گهڙي سِڪَ اندر، دِلبر تنهنجو نِينهن اُجالو آهي.

سَوز دِل جا لِکان ٿو تنهنجي نالي شاعِري ڪيان ٿو
تنهنجي مِلڻ سِين هر سِٽ، ٻڌيو پُختو حوالو آهي.

”سوڍر“ سَوز جو سَفر هَليو وَڃي، وِڇوڙي جا ڏک ڪٽِي،
تون وينو آهِين دِل جي وَيجهو پر نِينهن نِرالو آهي.

تنهائيءَ جو سفر

دردن جو دِل تي ڏچو، رات ڀر ڇانيو رَهَي،
احساسن جي اُجَ ۾، سَفر تنهائِيءَ جو رَهَي.

هو بہ رُنو، مان بہ رُنس، نيڻ نِيرن سان ڀريا،
بي درد هن درد جي، دِل تي سزا جاري رَهَي.

پيار جا سَپنا ٽُٽا، مُرڪَ بہ مَوڪلائي وَيئِي،
خوابن جي وِيراني ۾، آوارگي اَڪيلِي رَهَي.

هو اچڻو نہ آيو، هر صدا پڙاڏو ٿِي موٽِي،
آرزو جو ارمان ٿِيو، دانهُون ڪندِي هِي دِل رَهَي.

يادن جا هَيڏا تيرَ تِکا، چُبن ٿا جو هر گهڙِي،
وِيران مُنهنجي دِل ۾، بي چيني ڇانئِي رَهَي.

هُو وَيو، مان رَهجي وَيُس، رُوح پِي بي رنگ ٿِيو،
رستي ۾ رَهجي وَيُس، بي مَنزل ڪا واٽ رَهَي.

زخمِ دِل جا بيشمار، مَرهَم پِي ڪِين مِلي،
عشق جي مَنڊيءَ ۾ آخر، مُحبت بَي مَول رَهَي.

وقت جي ڊِيوار تي، لِکيَل ياد سِسڪندِي رَهي،
درد سان ڏوتِي پو پِي، اڄ مٿ ٿِي لِکڻِي رَهَي.

سُڏڪا بادل ٿِي ويا، ڇَپن تان وَسَندا رَهيا،
”اعجاز“ ٿِمي جو نيڻ پيا، گمنام هر فرياد رَهَي.

توکان سواءِ منهنجو ساهہ

جُدائي جيءُ جهورَي ٿي، مَحبوب مَوٽِي ماڳ تي آءُ،
تو کان سوا زهر ٿِي زندگي، ٿو سِڪَي مُنهنجو ساهُہ.

وِڇوڙي جا وَيرا آيا، اکين مان وَسِيو مِينهن،
اڌ ٿِي ويو مَن اندر، ٿو سَڙي مُنهنجو ساهُہ.

واعدا ڪِين وفا ٿِيا، سُورن ڏاڍو سَوڙهو ڪيو،
تون آءُ تہ وِسامِي، نہ تہ ٿو ٻَرَي مُنهنجو ساهُہ.

مون سان گڏجي تارا، ڳالهيون ڪن ڳجهيُون پيارا،
تو کانسِواءِ هارَائي وِيندُس، ٿڪِيو تي مُنهنجو ساهُہ.

تو بن خوشِي ڪهڙي، جيئن بن خوشبو گل جهڙي،
تنهنجي ياد تڙپايو ڏاڍو، ٿو سُڪَي مُنهنجو ساهُہ.

انتظار اڙانگو ڏاڍو، هاڻي تہ ڪر وَرڻ واري،
تنهنجي ياد جي ساگر ۾، ٿو ٻُڏي مُنهنجو ساهُہ.

اڪثر تنهنجي عَڪسن ڪي، ڳوليندو ”اعجاز“ آهيان،
وِڇوڙي واري وِير ۾، ٿو ٿڪي مُنهنجو ساهُہ.

زندگيءَ جي سُر ۾، تنهنجا نغما گونجن پيا،
”سوڍر“ تو بن ويران ٿي، ٿو وڃي منهنجو ساهہ.

وقت ۾ يادون

ڏِل تہ دردن جو هاڻي، آستانو ٿِي ويو.
خوشيءَ جي نالي تي، زخم پُراڻو ٿِي ويو.

رات سڄي رَوئان پيو، خاموش آهي آئينو.
ڪالهہ جو مُرڪندڙ اڄ وِيرانو ٿِي ويو.

هر صدا بي سُود ٿِي، ڪو نہ وَرندي ڪا مِلِي،
سُڏڪن پريو آواز آخر هڪ بَهانو ٿِي ويو.

وقت جي وِيران گهڙين، ساهہ ڪان جو سُڪون ڇنو.
پيار جو جيڪو جُنون هو، سو پَروانو ٿِي ويو.

سُونهن هن جي سُڪَ ڪيو، ڏِل ڦاسائي وينس،
مَوهت ٿِي تنهن مٿان، مَنُ مَستانو ٿِي ويو.

پيار جي پيچري تي، مُون سان گڏ گهڻو هليو هو.
يادن جو هيڏو وڏو، مُون وٽ خزانو ٿِي ويو.

چُپ رهڻ جي عادتن، سوچ جي ساري سُڌ ڪَسِي،
اڪيلائي اهڙو ڪيو، جو هر خيال بيگانو ٿِي ويو.

جنهن جي باري ۾ هو سوچيو عمر ڀر نڀائيندو.
تنهنجي نظر ۾ ”اعجاز“، اڄ ديوانو ٿِي ويو.

پيار جا پنڌ

منهنجون خوشيون، منهنجا سپنا، سڀ اڌورا رهيا،
چاهت جا چرچا، نِينهن جا واعدا، سڀ اڌورا رهيا.

مُرڪي جن کي موٽ ڏِني، روئِي راتين جو،
پيار پَچاريو، سِينو ساڙيو، سڀ خواب اڌورا رهيا.

واريءَ واري واٽ لڳي، پيار جا جتي پَنڌ ڪيا،
وِڇائِجي وقت جي طوفان ۾، اهي نقش اڌورا رهيا.

سامهون وَيهي مُورتي وانگر، اڻ ڄاڻ رهيو،
لوڪ کان لِڪائي، نِگاهن جا اشارا اڌورا رهيا.

مُنهنجي ساري سوچن مَٿي، نانءُ هن جو رهجي ويو،
جن جاين تي جيئڻ سِکيو اهي اجها اڌورا رهيا.

وِڇوڙي جيءُ جَهوري وِڌو، ساهه سُڏڪن ۾ رهيو،
دردن دِل تي وارُ ڪيو، ڌڙڪن جا آواز اڌورا رهيا.

سَچُ ٽپڪيو اکين مان، ڪنهن ڪِين ڄاتو،
وقت جا اڻپورا فيصلا، هر پل اڌورا رهيا.

رشتا وِڪجي ويا، لالچ ڀَري هِن بازار ۾،
ناتا بَدليا نِينهن جا، سَچائي وارا نِياپا اڌورا رهيا.

پيار ۾ پاڳل ٿِي، عشق جو اڙانگو سفر،
حَسرت ڀريون راتيون، پل سارا اڌورا رهيا.

”اعجاز“ جي دِل جو داستان، ڪو نہ سَمجهي سَگهيو،
لفظن جا لاشا، دردن جا نوحا، سڀ اڌورا رهيا.

تنهنجي نالي سان شاد هجن

سِڪ جي موسم، پيار جا لمحا، تنهنجي نالي هُجن،
هِجر جا ڏينهن بہ ساجن، تنهنجي نالي سان شاد هُجن.

هُجي تنهنجي پيار جي هُٻڪار ۽ سُهانا خواب هُجن،
غمن جا لمحا بہ ساجن، تنهنجي نالي سان شاد هُجن.

تنهنجي اکين جا آسرا، مون کي ڏِيَن اميدون گهڻيُون،
سَدا تنهنجا پَيرڙا، زندگِيءَ جي راهن مَٿي آباد هُجن.

تون مِلئين مِنا، هر زخم کي شفا مِلي، راحت مِلي،
خواب جن ۾ نہ تون هُجين، سَي سارا برباد هُجن.

گهڙيون تو گڏ گذاريون، سَي صديون شان واريون ٿِيون،
جي نہ گذريون تو سان، سَي پلي سَپيئِي ناشاد هُجن.

چَمڪ چاهتن جي ڏِسِي، آفتاب شرمائي پيو،
نخرا تنهنجا لاجواب هجن، اهڙا ئِي ارشاد هُجن.

تو سان عشق جو سَفر، هر پل پَئِي پورو لڳي،
جن راهُن مَٿي گڏجي هَلياسِين، واٽون سڀ آباد هجن.

ڪاش تنهنجي ساٿ ۾، سَڀ اڌورا خواب پورا ٿِيَن،
چاهتن جا رنگ هُجن، هر پل اهي آباد هُجن.

”اعجاز“ واعدا وفا جا، ۽ ڳالهيون تنهنجون مِٺيون،
وِسرن نہ وقت جي وَهڪَري ۾، بَس مُون کي ياد هُجن.

ڪيئن راتيون ڪاٽيندين ؟

ڪڏهن سوچيو ٿئي دِل سان، مُنهنجي وَڃڻ کان پوءِ
ڪِيئن راتيون ڪاٽِيندَين، نيڻ بہ پيچائِيندين.

اُهو آواز جنهن سان رات ڏينهن ڳالهائِئِي،
تنهن کي ڳولِيندَين، مون کي سُڏڪن ۾ سارِيندَين.

دل جي ڌڙڪڻ جيئن ٿِي، ڏِيان ۾ آٽِيندَين،
ڳَن اکين سان، لِڪي لِڪي راهُون نِهارِيندَين.

سوچن جي سرگوشيءَ ۾، ڳَنڍُ جُهڪائي وَيهَندَين،
تصور ۾ وَيهِي، نالو مُنهنجو وَرجائِيندَين.

پَنڌ ڪيو جنهن پاسَي، سَي واٽون ڪِين وِسارِيندَين،
روز راهہ تڪِيندَين، پنهنجا نيڻ ٿڪائيندَين.

اُها خوشبو تہ باقي، گلن ۾ سَمايل هوندِي،
ساهَن سان گڏ گڏ، يادن جا رنگ سُجاٽيندين.

ڪڏهن وِيرانِيءَ ۾ وَيهِي، اڪيلو سَوچِيندَين،
هر ساهہ هر گهڙِيءَ ۾، آواز انهيءَ کي ڳولِيندَين.

سازن ۾ تان[1] ڪا هوندِي، جيڪا دِل ڇُهندِي هوندِي،
منهنجا نغما ڳائيندَين، سَوزُ پِي وَڏائِيندَين.

---

1. تانَ = ڌن، آواز جي لهر

ڪڏهن بارش جي رِم جِهم ۾، آئِي ياد مُنهنجي تہ،
بَرسِيل نيڻ چپ چاپ، لوڪ کان لِڪائِيندَين.

پٿر وانگر بَي حِس ٿِي، خاموش وَيهَندَين ”سودِر“،
دل ۾ سُڏڪا پَري، مُنهن لِڪائي رَوئِيندَين.

وڻجارا وات ويندا رهيا

روئندو مُون کي رڻ ۾ ڇڏِي، وَڻجارا وات ويندا رهيا،
ڏک ڏئِي مُون کي ڏيج ۾، راهِي راهہ ويندا رهيا.

جن آڳرين مان آسِيسَ آئِي، سَي هٿ ڇَڏائِيندا ويا،
درد ڏئِي مُون کي دِلبر، لاهوتِي لات ويندا رهيا.

ڀروسو هو جن جي مَٿان، قربان تن تي ٿِي ڳل ڪيان،
وَچن وَرجائي مون سان، ڇَڏي جذبات ويندا رهيا.

ساڳا مُنهن، ساڳا چَهرا، پر اندر کان اٽجاڻ لڳا،
جن تي هُيُم وَيساهہ وڏو، ٻَڄجي بَي حِس ذات ويندا رهيا-

اجايل اڪيون رَهيون، مان جيون جا وَسڪارا ڪيا،
سارِيَم وِيٺي سُپرين، سَي چُپ چُپات ويندا رهيا-

مُون پَيرين پَئِي سات گهريو ڳُونڌر ڳنڍ مَوڙي هليا،
ساهہ سِسڪندو رهيو، گهاتِي گهات ويندا رهيا.

ڀُلِي اک نہ هُئِي، ساروڻيون هُيون، مون کي ياد رهيون،
وِڇڙي وِير ويا، سَنبري سَوير ويا، رات ويندا رهيا.

”سوڍِر“ صَدما سَهان، ڪُڇي ڪِين سَگهان،
ساري ساجن، سُڏڪا ڪندا ڪِيڪاٽ ويندا رهيا.

سِيني ۾ ڇَلڪي ساگر

چاهت ٿِي چريو ڪَرَي، قرب ٿو قربانِي گهرَي،
پيار جو پَرچم ڪنيو، عِشق ٿو اظهار گهرَي.

وِصل جا واعدا ڪجن، يا سُونهن جا سَنِيها ڪجن،
سِيني ۾ ڇَلڪي ساگر پيو، حُسن جو ٿو دِيدار گهرَي.

ساهَہ ۾ سَرگوشيون آهن، نِينهن جون، نازن ڀَريون،
درشن ڪري پو دِيوانو، سُونهن ٿو سرشار گهرَي.

درد جا وَيرا وَڏن، رات ۾ گونجن هر گهڙي،
عشق پيي آهَہ تنبورو، نغمو فقط ٿو تار گهرَي.

آهَہ پيي، آس پيي آ، نِينهن جي نِياپي اندر،
نِياز پيي، نِوڙت پيي، نِينهن اهڙو ٿو هٿيار گهرَي.

وچن وفا جو وِرد رهيو، سَوز سِيني اندر پَليو،
سفر آ سَچائِي ڀريو، حوصلي جي ٿو ڪار گهرَي.

وِسارَي نہ سگھجي، مَحبوب جي هڪ مُسڪانِ کي،
نِينهن نازن سان پَليو، رُوح جو ٿو اسرار گهرَي.

عِشق ۾ آنهُون بہ آهن، سِڪ ۾ سَوز بہ آهن،
چَپن مَٿي چاهت پريو، نالو ٿو هربار گهرَي.

دِل جي دنيا الڳ، روحانيت پريو هڪ راز آ،
جَڏ مَوڪلائي محبوب ٿو، مَوت ٿو دِيدار گهرَي.

ساهَہ کي ٿو سُڪون مِلي، الفت جي آغوش ۾،
هو تہ ڌڙڪن جي صَدا، نِينهن ٿو پَرچار گهرَي.

سِڪَ کي سِيني ۾ سانڍي، دلبر جي در تي اچي،
تڏِ چاهت کي چَس ايندي، قرب ٿو قرار گهرَي.

جنهن سَمَي نہ آيو ساجن، رات سا وِيراڻين پري،
اڻپو هوندو ايئن اندر، سُونهن جو ٿو سِينگار گهرَي.

رُوح وارو رُسِيو راڻو، مِنٿ سو بار ڪَجَي،
عشق آتش آ اهڙي، دِيدار ٿو رُخسارِ يار گهرَي.

”سوڍِر“ سِيني اندر ساگر ڇَلڪي، هَماليہ جيڏو حوصلو
سُونهن سِڪايو ڏاڍو گهڻو، شوق ٿو شاهڪار گهرَي.

نہ ٿو ڏِسان تہ جيءُ جُھري ٿو پَوَي،
جيئن گَنھن پاتال ۾ پٿر ڪِري ٿو پَوَي،

وِسارڻ جو تصور ڳَرَي وَيل وِجَھي ٿو
”سوڍر“ وَڃي سَمجَھہ، سُور هِري ٿو پَوَي.

پر نہ آئين تون

رات ٿِي، چنڊ اُڀريو پر نہ آئين تون،
ساھ صدقو ڪيو پر نہ آئين تون.

واٽ تنھنجي تڪِيندي، لُڙڪ آيا تري،
تارن ٿي ھر ھر پُڇيو پر نہ آئين تون.

رُنس ايترو رَڙيِ، دَردن دانھُون ڪيون،
سُڪون لِيئا پائي سُڏڪيو پر نہ آئين تون.

رُڃَ ۾ رُوح رُليو، سِڪَ سَتايو گھڻو،
سِينو ڇَلڪِي پيو، پر نہ آئين تون.

رُت ھئِي خوشبو ڀري، تنھائي کِلڻ لڳي،
وِڇوڙو بہ مُرڪيو، پر نہ آئين تون.

ڌڙڪنن مان ٿي نڪتو، تنهنجو نالو فقط،
دِل گهٽو ڪُجهه چَيو، پر نہ آئين تون.

ڪونہ هَمراهه هو، غم ۾ نہ ياڳي ياڻيوار هو،
الائي ڪهڙو خيال آيو وَيو، پر نہ آئين تون.

شهر جي شور ۾، سِڪَ سِسڪَندِي رهِي،
مَنُ اندر پَئي بَريو، پر نہ آئين تون.

مُحفل هُئِي پيري، پر تنهائِي رَهِي،
شور ۾ توکي ڳولِهيو، پر نہ آئين تون.

مَن تي مِينهن وَسِيو، نيڻ بَرسِي پيا،
خوابن جو قافلو لنگهيو، پر نہ آئين تون.

برهه جي بازار ۾، وِڪامي ”اعجاز“ ويو،
رُنو ۽ آهي رَڙيو، پر نہ آئين تون.

ڪُوچ ڪرڻ ڪان اڳ

کھڙا وَيھِي ڪرين پيو واپار، سَوچي وَٽ اڳيان ٿِيندَي بيوس لاچار.
دنيا وَفا جي لائِق ڪانھي، لُٽجي وِيندَين سائِين سَرڪار.

رُوح رھاڻِيون ڪَيون ٿا جنھن سان، ساھ وَيو تہ رَھندو ڪِين سو اختيار.
دنيا ساري دَمُ گذر آ، يار نہ رَھندو ڪوئِي دِلدار.

ڪم نہ ايندَئِي زَرُ ۽ شھرت، وقت وِسارَي ڇڏِيندو ھر وار.
حُسن نہ آھي فقط چھري تي،مآئِينو ھوندو اٿئي ڪِردار.

وَھمَ ۾ وَيھِي، ھُنر ٿو سمجھي،مخود پَسنديءَ جو آھي شڪار.
اُھو ئِي سَچو وَاپاري آھي، جيڪو پاڻ وِڪڻِي وَٺي پرڪار.

حق جو سَودو ڪري وَٽ دِل سان، پاڪ ٿِئين، پو تون ٿِيندَين سرشار.
ڪُوچ جو وقت ايندو بَي آوازمساٽ نہ ڏِيندو ڪو پِي يار.

سَچَ جي دَر تي سِر نِمائي،مِعشق سان ڪر تو پاڻ سَنوار.
ڪنھن جو زَرُ، ڪنھن جو زور وَيو، رَھجي ويو فقط خاڪ ۽ خار.

دِل تہ تنھنجي دِيوانہ وار، نفس سان بازي، ھار نہ ھار.
نفس نِھوڙي وِجھندُئِي آخر، "سوڍر" سَچو جَلوو پَسِي ٿِي پار.

وڇوڙي ڪان پوءِ

ساهه پيو سَوگهو ٿِيو توکي وِڇائِڻ ڪان پو.
مون وٽ ڪجهه پيو نه بَچيو تو کي وِڇائِڻ ڪان پو.

ساهه جون تارون سڀ، تنهنجي نالي ڳنڍيون،
جيئڻ ٿِيو ڏاڍو ڏکيو، تنهنجي وِسارڻ ڪان پو.

هِي هِڪُ وِڇوڙو نه هو، غمن جو هو ساگر ڪو،
اداس اکيون رَتُ رَوئاري ڇڏين، سُک وِڃائِڻ ڪان پو.

سُورن جا سڀ جنازا، مون اڪيلي سِر کنيا،
تون ڪِيئن خوش رَهيَين، مُون کي رَنجائِڻ ڪان پو.

ڪهڙي غلطِي ٿِي وئِي، ڪهڙو هو گناهه ٿيو؟
مون ته هر غم هو سَنو، توکي مَڃائِڻ ڪان پو.

درد پيريا خواب هئا، پر سانپيان ڪِين ٿِيا،
روح کي نه راحت مِلِي، تن کي وڃائِڻ ڪان پو.

رَهه گذرن جي رَش هُئِي، ڪا پيو ڇانو ڪِين مِلِي،
اُسَ ئِي اُسَ رَهِي، تنهنجي دُوري رَکائِڻ ڪان پو.

”سوڍر“ سوچي تو کي ياد ڪري ڏاڍو رُنس،
آباد گلشن سَڄو برباد ٿِيو، تنهنجي وڃائِڻ ڪان پو.

یادوں کا خزانہ

یاد آئے وہ دن، جب یارانا تھا،
تجھ کو پائے بن، درد پرانا تھا۔

چاندنی شب میں، پیاری باتیں تھیں،
دل کا ہر کونا، اک فسانہ تھا۔

تیری مسکان میں جادو سا تھا،
آنکھوں میں میری، اک پیمانہ تھا۔

سپنے چنے تھے، وصل کی آس پر،
پل پل جیون، اک خزانہ تھا۔

اعجازؔ اب تو، سکوت ہی ساتھی ہے،
ہونٹوں پہ تیرا، اک ترانہ تھا۔

نیندوں کے گمشدہ راستے

اس کے بِن اشکوں سے ہم بھیگے، سپنے آنکھوں نے خود سجوئے،
ویران دِل کے اندر ہم نے، امیدوں کے موتی پروئے۔

بِن اُس کے جینا بھی کیسا جینا؟ ہر پل درد کی لہریں تھیں،
تنہائی کے سائے دیکھے، ہر دم تنہا اشک بھگوئے۔

یادوں کی خوشبو مہکے جب بھی، تنہائی کچھ کہتی ہو،
راتوں میں جاگے، اشک بہائے، نیندوں کے رستے کھوئے۔

خاموش ہوا میں اُس کا نغمہ، ہر سانس میں بسا رہتا،
پیاسا صحرا، جلتے لب تھے، پانی میں سپنے ڈبوئے۔

اُس کی باتیں جادو جیسی تھیں، دل پر چھا گئیں،
جس نے سنا وہ چپ ہی رہا، نغمے بن کر لب پہ گوئے۔

اعجازؔ نے دل سے چاہا، ہر خواہش سچ ہو جائے،
قسمت نے رستے خود چنے، ہم نے تو سپنوں کے دریا کھوئے۔

خاموشی کا دکھ

یہ آنکھوں میں آنسو یوں ہی تو نہیں،
کوئی خواب ٹوٹا ہے، کوئی غم تو نہیں؟

دل کو ہم نے بارہا سمجھایا مگر،
دل میں یہ درد شاید کم تو نہیں۔

جو پل چھن گیا، وہ لے گیا سب خوشی،
وہ پل خاص تھا، کوئی عام سا لمحہ تو نہیں۔

خاموش راتیں تھیں، اداس رہتی باتیں تھیں،
ڈھونڈو ان کے پیچھے کوئی سبب تو نہیں؟

دل پہ امیدوں کا بوجھ ہے کچھ بھاری،
پر ہر خواہش ہو پوری، یہ بھی سچ تو نہیں۔

جو جلتا رہا طوفانوں میں دل کا اک دیپ سا،
اب اس میں بھی کچھ گرم جوشی تو نہیں۔

اعجازؔ وہ آنکھیں ہیں سنساں، پر یقیناً،
یہ خاموشی چھائی یوں ہی بے وجہ تو نہیں۔

محبتوں کی کہانی

کسی کی یاد بھی اب درد دے جاتی ہے،
یہ خاموشی مجھے کہیں تنہا لے جاتی ہے۔

بارہا سنبھالا ہے میں نے دل کو مگر،
یہ ٹوٹنے کی ادا ہر روز دکھاتی ہے۔

جان سمجھ کر جس کو میں پکارا کرتا،
وہی اب مجھے اجنبی سی سمجھتی ہے۔

میں ہنس رہا ہوں مگر آنکھیں بھیگ جاتی ہیں،
یہ اور بات ہے جو سب سے چھپ جاتی ہے۔

جو خواب آنکھ میں بُنتے رہے برسوں تک،
انہی کی راکھ دل کی فضا میں چھا جاتی ہے۔

نہ یہ زخم ہے نیا، نہ مرہموں کا گلہ ہے،
یہ عمر بس اک آزار میں گزر جاتی ہے۔

بچھڑنے کے بعد جو دل میں خلا پیدا ہوا،
ہر چیز وہاں پہ آ کے کھو جاتی ہے۔

تری جدائی کا موسم کبھی بدلتا نہیں،
یہ رت تو سالوں سے اک حال میں ٹھہرتی ہے۔

اس کے بن اب لگتا ہے، میں ہوش میں نہیں،
کوئی پرچھائی سی دن رات ساتھ چلتی ہے۔

محبتوں کی کہانی فقط خوشی نہیں اعجازؔ،
یہ انتہا پہ پہنچ کر بھی روتی ہی جاتی ہے۔

سہانے پلوں کی گمشدگی

جو سہانے پلوں میں کہیں گم ہو گیا تھا،
آج پھر وہی چہرا بہہ کر نم سا ہو گیا تھا۔

جس کو ہم نے دل کی آنکھوں میں رکھا تھا کبھی،
وقت کے جھونکوں سے وہ بھی مدھم سا ہو گیا تھا۔

چاندنی میں جو سدا اک عکس رہتا تھا کبھی،
اب وہی سایہ بھی کچھ مدھم سا ہو گیا تھا۔

درد کے سائے میں ہم سکون کو ڈھونڈا کرتے،
دل کا ہر گوشہ ویران سا ہو گیا تھا۔

کاش وہ لمحہ کسی پل میں لوٹ کر آتا،
جو کبھی دل کے سرہانے گم سا ہو گیا تھا۔

خوابوں کی وادی میں جس کی آہٹ سہانی تھی،
وقت کی گردش میں وہ بھی حیران سا ہو گیا تھا۔

وقت نے چپ چاپ سب کچھ لے لیا تھا،
جو کبھی اپنا تھا دل سے، وہ غم سا ہو گیا تھا۔

اعجازؔ سچ کہتی ہیں سب پیار کی باتیں،
پھر بھی وہ سچ جانے کیوں، دھوکہ سا ہو گیا تھا۔

بچھڑنے کا موسم

تنہائی میں دل کی اک صدا رہ گئی،
وہ آیا ہی نہیں، جو اک وفا رہ گئی۔

اندھیری فضا میں چراغ بجھ گئے سب،
یادوں کی بن کر، بس اک چھایا رہ گئی۔

ہم نے جسے خواب میں بسایا تھا،
وہ آنکھوں میں، دھواں بن کر رہ گئی۔

لفظوں کا مفہوم کھو گیا مجھ سے،
باتوں میں اب تو صرف اک چپ رہ گئی۔

جانے کہاں وہ وعدے دفن ہوئے،
لب پر جو فقط اک التجا رہ گئی۔

اعجازؔ لمحے جو بہت قیمتی تھے،
اب یاد میں سج کر اک سزا رہ گئی۔

تمنا کا سفر

دل کی دنیا میں تیری یادوں سے بہار آئی تو ہے،
پھر خوابوں میں اک صورت نکھار آئی تو ہے۔

رات بھر تیری تمنا میں سُلگتے ہم رہے،
صبح ہوتے ہی، کوئی امید بر آئی تو ہے۔

لب ہلے تیرے، مگر کچھ بھی کہہ پائے ہم کبھی،
خاموشی میں بھی کوئی دل سے پکار آئی تو ہے۔

وقت کی رفتار نے سب کچھ بدل کر رکھ دیا،
پھر بھی تیری چاہ میں اک جھلک نظر آئی تو ہے۔

ہم نے سوچا تھا تجھے بھولیں گے ہم رفتہ رفتہ،
پھر وہی لمحہ، وہی اشک فگار آئی تو ہے۔

خود کو ہم نے کر لیا تنہا، تیری چاہت میں جب،
یاد تیری بن کے خوشبو بار بار آئی تو ہے۔

اک نظر کی چوٹ سے گہرا ہوا زخمِ جگر،
زخم پہ بھی اب تیرے پلکوں کی دھار آئی تو ہے۔

کاش یہ لمحے ٹھہر جاتے کسی تصویر میں،
آنکھ میں تیری کوئی اک اشک بار آئی تو ہے۔

چاہ کے صحرا میں تنہا چلتے رہے ہم اعجازؔ،
پھر کہیں دور افق سے نظر اک بہار آئی تو ہے۔

تنہائی کے ساحل پر

دل کے اجڑ جانے کا غم، ہوتا سہنا ہے مشکل،
یادوں کے درمیاں کہیں، خود کو بہلانا ہے مشکل۔

رات کے سناٹے میں خواب سب بکھر گئے،
دھڑکن کے سننے والوں کو، اب سمجھانا ہے مشکل۔

چاہت کے دیے چھن گئے، بجھا گئی اُن کو ہوا،
روٹھے زخموں کو آنکھوں سے، سنبھالنا ہے مشکل۔

تنہا راہوں میں جو گم ہوا، میرا تھا وہ مسافر،
تنہائی کے ساحل پہ اب تو خود کو پکارنا ہے مشکل۔

چاندنی میں چھپ کے گزرتی ہیں تنہائیاں،
پھر دل کے ارمانوں کو دبا کے ہو جاتا جینا ہے مشکل۔

دل کو ڈھونڈا میں نے بے نام گلی کے اندر،
ہر خوشی کو رنج میں بدل کے، ہوتا پالنا ہے مشکل۔

رہگزر کے پتھر بھی، اب دل کے برابر ہوگئے،
دھوپ میں جلتے ہوئے سایے کو پہچاننا ہے مشکل۔

دھوپ چھاؤں کا کھیل ہے، محبت میں کیسا ہوا،
اعجازؔ دل کو جلتے سپردِ ہوا کرنا ہے مشکل۔

تنہائی کی سرگوشی

درد کی شب بھر کہانی، میں اشکوں سے لکھتا رہا،
چاند تنہا تھا، میں تنہا، چپ چاپ میں جلتا رہا۔

یاد کی خوشبو میں لپٹے، خواب بکھرے جا بجا،
دل شکستہ تھا میرا، ان خزاؤں میں بھی ہنستا رہا۔

تم گئے تو ہر صدا، دیوار سے ٹکرا کر لوٹی،
خاموشی کا زہر پی کر، اپنے زخم خود ہی سیتا رہا۔

کاش کوئی پوچھ بھی لیتا، دل کا اک احوال سا،
میں ہنسی میں اپنے درد دل کا ہر راز چھپاتا رہا۔

زندگی تھی ایک صحرا، پیاس کی تصویر بھری،
میں سرابوں کے تعاقب میں، یوں ہی چلتا رہا۔

اور نیندوں نے بھی آخر، خوابوں کا ماتم کیا،
جاگتے لمحوں میں بھی، اک تھا سپنا جو پلتا رہا۔

وفاؤں کی سزا تھی، صرف تنہائی کا عالم،
آئینہ خود کو بھی اکثر، دیکھ کر ڈرتا رہا۔

وقت کی سوکھی ہوا میں حرف سارے جل گئے،
اعجازؔ صرف خاموشیوں کے دیپ سے مل کر جلتا رہا۔

دلِ ویراں کا سپنا

دل میں تیری یاد کے نغمے بسائے جا رہا ہوں
میں تو ہر حال میں، ہر دَم نبھائے جا رہا ہوں

چاہتوں کی دھوپ میں بھی چھاؤں جیسی تُو لگی
میں ترے لفظوں میں خود کو ہی پائے جا رہا ہوں

درد کی صورت بنایا ہے تجھے دل کے لیے
آئینے میں عکسِ دل کو چھپائے جا رہا ہوں

تو اگر بے درد ہے، کچھ بھی نہیں کہتے تجھے
چُپ رہیں یا رو پڑیں، سب کچھ سَہائے جا رہا ہوں

ہم نے مانا خواب تھے بکھرے، مگر اپنے تو تھے
پھر وہی سپنے دلِ ویراں سجائے جا رہا ہوں

اعجازؔ اُس کی گفتگو کا آسرا اب بھی ہے دل میں
اسی امید پر ہر دَم بہلائے جا رہا ہوں

تم گئے تو۔۔۔۔۔۔۔۔۔۔

دل نے تیرے جانے کے بعد، ہر رشتہ بھلا کر رکھ دیا،
اک تمہیں چاہا تھا میں نے، تم سے دل لگا کر رکھ دیا۔

یاد کی شبنم میں، بھیگے خواب سارے بکھر گئے،
چاندنی نے زخم دل پر، چپ کے سے ہاتھ رکھ دیا۔

تم گئے تو ساتھ تیرے، وقتِ دلربا بھی بیت گیا،
ہر خوشی کو ہم نے، اشکوں میں سجا کر رکھ دیا۔

وصل کی کچھ ساعتیں تھیں یا کوئی افسانہ تھا؟
عمر بھر کے درد کو، اک پل میں سنا کر رکھ دیا۔

اعجازؔ اب نہ کوئی آس ہے، نہ انتظارِ صبح،
عشق نے امیدوں کو بھی، جلا بجھا کر رکھ دیا۔

اگر مِحنت استاد جي وِسارين تہ احسانُ فراموش آهين،
ياد رکج انسانن سان گڏ وقت بہ ٽِيندو تو تي دانهين،
مُحسِن جو احسان مَڃڻ کم انسان سَندو آ "انمول"،
ادب احترام سان عِلم، محنت سان مَنزل مِلندي سائين.

تم جو آئے

تم جو آئے زندگی میں روشنی سی چھا گئی،
ہر گھڑی، ہر اک نظر میں تازگی سی چھا گئی۔

دل میرا سنسان تھا، صحرا سا ویران تھا،
اب تمھاری یاد کی بھی چاشنی سی چھا گئی۔

بات تم نے جو کہی، وہ دل میں ایسی بس گئی،
چپ کے اندر گونجتی وہ نغمگی سی چھا گئی۔

پیار کا پہلا سبق آنکھوں نے جب پڑھنا سیکھا،
تب سے ہر احساس میں دل بستگی سی چھا گئی۔

خود کو پایا جب تمھاری دھڑکنوں میں بے خودی،
ذات میں اک اور ہی پہچان سی چھا گئی۔

جب تمھارے خواب نے مسکرایا اپنے آپ میں،
نیند میں بھی زندگی کی روشنی سی چھا گئی۔

وصل کی وہ رات جیسے چاندنی کا جشن ہو،
سانسوں میں خوشبو بھری، دیوانگی سی چھا گئی۔

یاد کا بادل برسا جب ہجر سنسان پر،
آنکھ بھیگنے لگی، دل میں اک نمی سی چھا گئی۔

تیری خاموشی بھی گفتگو کا اک سہانا روپ ہے،
اعجازؔ ہر ادا میں دل کی اک سادگی سی چھا گئی۔

خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

سینے پر سجے سونے کے سیٹ دیکھے
بوکھے بلکتے کچھ سسکتے پیٹ دیکھے
کتوں کے اونچے ریٹ دیکھ رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

بہتے آنسو اور سسکتے جو دل دیکھے
روٹی کی خاطر روتے ہوئے ہر پل دیکھے
بے بس بن کے بے حس بن کے رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

مرجھائے ہوئے چہرے دیکھے
سرخ سجے جو سہرے دیکھے
جی بھر کے کچھ نہ کر کے رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

بوکھ سے بلکتے کچھ بچے دیکھے
بارش سے گرتے مکان کچے دیکھے
بوجھل چل کے دکھ سے مل کے رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

دوسروں کی خاطر اناج اگاتے دیکھے
خالی ہاتھ رہے سب کچھ لٹاتے دیکھے
کڑھ کڑھ کے مڑ مڑ کے رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

اپنوں سے بھی دھوکے کھاتے دیکھے
پھر بھی ان سے ناتے نبھاتے دیکھے
روح رلا کے کچھ نہ پا کے رویا میں
خود کے آنسوں پونچے اور چپ ہویا میں

جن پہ نازاں تھے

جن پہ ہم نازاں ہوتے تھے، وہی ہم کو قبر میں سلا گئے،
جن کی خاطر دعوے تھے، وہی ہم کو مٹی میں ملا گئے،

جان سے تھا بڑھ کے ہم نے چاہا جن کو،
وہ بھی ہمیں ٹھہرا نا پائے کچھ دن کو،
جن کے آنسو دھوتے تھے، وہی ہم کو زیر زمیں رلا گئے،

خواب تھے جن کے سجائے سہانے ہم نے،
درد تھے جن کے سمیٹے پرانے ہم نے،
جن کو دکھ سناتے تھے، وہی ہم کو جام تنہائی پلا گئے،

جن کی خاطر تھا ہم نے جینا سیکھا،
جن کی خاطر تھا اپنے آنسو پینا سیکھا،
جن کا سہارا بنتے تھے، وہی ہم کو پہنا کر کپڑا ان سلا گئے،

جن میں کھو کر ہم نے دنیا سے منہ موڑا تھا،
ٹھوکر کھا کر بھی ہم نے نہ ان کو چھوڑا تھا،
جن کو نہ بھولتے تھے، وہی ہم کو ہمیشہ کے لیے بھلا گئے،

شکوہ

الفاظ کے جھوٹے بندھن میں
آغاز کے گہرے پردوں میں
ہر شخص محبت کرتا ہے
حالانکہ محبت کچھ بھی نہیں
سب جھوٹے رشتے ناتے ہیں
سب دل رکھنے کی باتیں ہیں
کب کون کسی کا ہوتا ہے
سب اصلی روپ چھپاتے ہیں
احساس سے خالی لوگ یہاں
لفظوں کے تیر چلاتے ہیں
اک بار نظر میں آکے وہ
پھر سارے عمر رلاتے ہیں
یہ عشق محبت مہر و وفا
یہ کہنے کی باتیں ہیں
ہر شخص خودی کی مستی میں
بس اپنی خاطر جیتا ہے

جواب شکوہ

مانا کہ الفاظ کے جھوٹے بندھن ہیں
آغاز کے گہرے پردے ہیں
ہر شخص محبت کرتا ہے
حالانکہ سچی محبت عبادت ہے
سب جھوٹے رشتے ناتے نہیں
سب دل رکھنے کی باتیں نہیں
کب کون کسی کا محبوب بن جائے
کبھی اصلی روپ دکھ جائے
احساس سے خالی سب لوگ نہیں
سب لفظوں کے تیر چلاتے نہیں
اک بار نظر میں آ کر وہ
پھر ساری عمر یاد رہ جاتے ہیں
یہ عشق محبت مہر و وفا
یہ سب کہنے کی باتیں نہیں
ہر شخص خودی کی مستی میں
بس اپنی خاطر جیتا نہیں

بس اک آواز دے دینا

کبھی جو چین چھن جائے،
کبھی جو راحت روٹھ جائے،
ہم کو یاد کر لینا، بس اک آواز دے دینا۔

کبھی جو روح بے قرار ہو جائے،
فرصت بھی گر فرار ہو جائے،
الفت اقرار کر لینا، بس اک آواز دے دینا۔

کبھی جو قرار ہی کھو جائے،
تنہائی بھی گر پاس آ جائے،
تصور تول کر لینا، بس اک آواز دے دینا۔

کبھی جو دامن دل بھر جائے،
کوئی یاد بھی گر تڑپائے،
تبھی پکار کر لینا، بس اک آواز دے دینا۔

دل مضطر کو قرار آ جائے،
دکھوں کو فرار مل جائے،
انتظار ختم کر لینا، بس اک آواز دے دینا۔

کاش

کاش میں شاعر ہوتا تو میری شاعری ہوتی،
میرے دل میں رہتی، نہ من سے جدا ہوتی،
کاش میں مصنف ہوتا تو میری ڈائری ہوتی،
میرے پاس رہتی، نہ مجھ سے جدا ہوتی،
کاش میں قلم ہوتا تو میری سیاہی ہوتی،
میں تیرے بغیر کچھ نہ ہوتا، تو میرے اندر ہوتی،
کاش میں الفاظ ہوتا تو میری کتاب ہوتی،
تیرے بغیر کہیں نہ ہوتا، نہ تو مجھ سے جدا ہوتی،
کاش میں چاند ہوتا تو میری چاندنی ہوتی،
تیرے سوا نہ میں جیتا، نہ تو میرے سوا ہوتی،
مگر میرے ایسے نصیب کہاں ہیں انمول کہ،
میں کوئی دل ہوتا تو میری جاں ہوتی۔

تنہا آئے تھے تنہا ہی جاؤ گے
خالی ہاتھ آئے تھے خالی ہاتھ ہی جاؤ گے
چند دنوں کا مہمان ہے تو ''انمول''
مٹی سے تھے مٹی ہی ہو جاؤ گے

فانی ہے یہ سب کچھ فانی ہے
یہ حسن جوانی بھی سب جانی ہے
دولت شہرت تو سب چھن جائے گی ''اعجاز''
نیک سیرت ہی بس کام آنی ہے

یاد کر وہ دن تو روتا ہوا آیا تھا، اس دنیا میں ننگا آنا تھا،
سارے خوش ہو رہے تھے تو رو رہا تھا، مجبور تم کو آنا تھا،
کیوں اتنا غرور ہے تم کو اس صورت فنا پر، سراپا فخر بنا ہے،
کیا ہوس ہوئی دنیا کی گندگی کی، قبر کے اندر تو آنا تھا۔

میری آرزو میری دشمن ٹھہری
دل کر جو بیٹھا ہائے تمنا تیری
تجھ کو پانا بس میں کب تھا میرے
یہ ہی تو پاگل پنتی تھی میری

ہائے عشق کی آفت سے واقف کار تھا
اچھے سیانے لوگوں میں میرا شمار تھا
پتہ نہیں کیسے کر بیٹھا اتنی بڑی گستاخی
شاید کہ مجھ پر ''اعجاز'' پیار کا خمار تھا

ارے ہم تو غم کو خود غم دینے والے تھے
نم آنکھوں سے بھی دل لبھانے والے تھے
وہ کہتا ہے ہم کو عشق کی عین کا علم نہیں
ہم پل پل اس کی یاد میں جلنے والے تھے

محبت کا انجام درد دل ہوتا ہے
عشق کا انجام موت بدل ہوتا ہے

مؤمن کا سر کٹ تو سکتا ہے مگر جھکتا نہیں،
شان کبریائی پہ گر گیا تو پھر کبھی اٹھتا نہیں۔

یہ جو اک شہرِ خموشاں ہے دلِ اعجازؔ کے اندر،
اس میں گم راستوں پہ چراغاں تیرے اشعار نے کیا ہے!

ڊاڪٽر الله بخش سوڊر جي شاعري
قبر عذاب وڏو آ، سَوچي ڏِس هاڻي

قبر عذاب وڏو آ، سَوچي ڏِس هاڻي،
سُورَن جو سَفر آ، خبر ڪَير آڻي.

چڱا ڪَر چڱايون، سُورَن جو سِجُ لاهِين تو
رَوشِنيءَ ۾ راهَہ رَس، چو اونداهہ ڪي آڻِين تو
مَتان دير ٿِيَئِي، اچِئِي موت هاڻي.

موت مَتان ايندُئِي جڏِ، هَٽندَي گهٽا هَتڙا تڏِ،
ڇڏِيندُئِي گهڙي نا، سائينءَ جو جڏِ ٿِيندُئِي سَڏ،
دير نہ ڪَندَئِي دم، ڇَوَندَي اڄ نہ سُڀاڻي.

يادگيريون تو ڪي موت ٿو ڏِيارَي،
مَرَن رَوز سَوَين، مالِڪ ٿو مارَي،
چڱو ٿِي چڱايون ڪَر، مَتان مَرين سُڀاڻي.

”الله بخش“ عجيب هِين، ڪَرين ٿو ڪِنايون،
پَلِين پاڻ نہ، ڇَوِين ٿو چڱايون،
رَسَن ٿا راهَہ راهِي، جڏ رب رحم ٿو آڻي.

ڇڏي ڇوَيا اڄ مون کي اباڻا

ڇڏي ڇو وَيا اڄ مون کي اباڻا،
سُورَن جو سفر آ، سمجهه سِياڻا.

بَدبُوءِ بدن ۾ رت پُونءِ جاري،
بَند اندر هان آهي رُڳو انڌاري،
سُکَ آهيان سامِي ۾ آهيان کير اياڻا.

مُئن مُقام سارو پَريَل سو تمام آ،
آهي ڇا الائي، کهڙو تن انعام آ،
رَسَندَين انهيءَ راهه مَنجهه راڻا.

گناهن کان گهڙي منهنجي کانه هُئِي پل به سَري،
دنيا جي دؤر ۾ ويو خدائِي خوف وِسري،
ڏِجان ٿو پيو هاڻي، آهن دردناک داڻا.

سَڄڻ منهنجا جيکي ساهَ ۾ سانديندا هُئا،
ماءُ پيءُ منهنجا کندا پيار کيڏو هُئا،
هَليو کو نه ساڻ، ڄڻ آهن ڳُل اياڻا.

"الله بخش" اوڏي هلڻو يار آهي،
کير رَهندَو هِتڙي، رهيو کير آهي،
نوان به هلندا، پر پُڇائي ڏِسُ پُراڻا.

ڪجهہ خوف خدا جو ڊار

تون غفلت ۾ نہ گذار، ڪجهہ خوف خدا جو ڊار،
جنهن جي ڏاڍي آ سرڪار.

هِتي گهمين ٿو ساڻ ڪَرِي گڏ ماڻهن جو مَيلو،
اڳتي ڪوئِي نہ هَلندُئِي، هَلندَي پاڻ اڪيلو

مِٽ مائٽ هِتِ ئِي هوندا، هَلندُئِي سنگتي نہ ڪو يار.
هِتي ڪرين ٿو عيش عشرتون، سُڃين قبر ۾ ڪِيئن ڪندَي؟

عمل بنا آهي ڪجهہ نا اتي، عمل بنا تون ڪِيئن ڪندَي؟
هِتي کِلين ٿو ڪيڏ ڪرين، هُتِ رَوئندَي زارو زار.

هِتڙي هَٽِين ٿو عطر خوشبوءِ، هُتڙي ٿِيندئي بدن ۾ بُوءِ،
ڪِيڙن جو ڪُوت تون آهين، ٿِيندئي ماسُ هَڏن ڪان ڌار.

"الله بخش" ادا تون سِياڻو ٿِيِ، ٿمر ڪٽُجُ سنياهَي،
قبر ۾ ڪِيئن ڪندَي جي ٿمر تو وٽ ناهي،
سائينءَ جي سرڪار ڏاڍي آ، آهي پاڻ قائم قهار.

موت جو مَنظر بَيان ڪِيئن ڪَيان مان

موت جو مَنظر بَيان ڪِيئن ڪَيان مان،
دَردناڪُ هَيبتناڪُ ڇا ڇا چوان مان.
ساهُه نِڪتو سُورن، جيئن وَٽي تِيئن ڪيو،
مَڙهه، لاش، مَيّت، جنازو چَئو
منهنجو نالو تہ ساڳيو، ساڳيو مان تہ آهيان.

رَوئندا پيءُ ماءُ ڏيءُ ڀاءُ پٽ عزيز ڀينرون،
دانهُون ڪندا دَرد مون ڏئِي اوچنگارون،
وَرَندو ڪُجهہ بہ نہ، وَلر ڪان وِيران آهيان.

سُڪَ ڪيو ٿا سامِيءَ ۾ بند اندر ادا،
مان تہ اوهان جو پٽ پيءُ ڀاءُ عزيز ادا،
چو ڇڏيُون ٿا وَجو؟ مان لاچار آهيان.

او پيءُ او ڀاءُ او پٽ نہ وِسارجو
نالي الله جي منهنجي نِيت ڏِيجو
جيڪو مون ڪمايو هو، وَس اوهان جي آهيان.

ڪر عمل چڱڙا ڇڏي ڏي بُرايون هاڻ،
سِوا عَملن جي نہ هَلي ڪو قبر ۾ ساڻ،
جتي ڏڪيائي ڏاڍي، آهي نِسورو عَيان.

الله جي نالي تي ڏي ”الله بخش“ ادا،
موت مَعاف نہ ٿيو ۽ نہ ٿِيندو ادا،
ڪر چڱا عمل، قبر حوالي ٿِيندي مِيان.

هَلڻ جي ڪر تياري

هَلڻ جي ڪر تياري، ثمر پنهنجو سار،
مَوت ايندُئِي اوچتو نہ پَوَندَئِي خبر چار،

وَڃَئِي ٿو وقت هاڻي ۽ نہ موٽي ايندُئِي مٺار،
مَٽ مائٽ هِتڙي هُوندَئِي ۽ هَلندُئِي نہ ڪو رشتيدار،

سِگهو ڪر سَمجهي وَٺ، ڇڏ بُڇڙا ڪم بيڪار،
ساهُہ نِڪرندُئِي سُورَن سان، ٿِيندَي لاش مَنجهہ لاچار،

مَڙهہ لاش مَيت جنازو، ٿِيندَئِي نالا نام هزار،
دانهُون ڪندا دَرد مَنجهان تنهنجا ٻچا ٻار،

غسل ڏئِي غم مَنجهان، تو کي ڪندا هو تيار،
عطر خوشبوءِ گهڻا توکي، سَوَين ڪرائيندا سِينگار،

پارائيندَئِي اڇ سبيل ڪپڙا، هوندَئِي فقيرن وارا پار،
کڻِي رکندَئِي کٽ تي ساهہ پِريا سردار،

سايو ڪندا سفر جو تنهنجي قبر ڪندا هو تيار،
ڪَرَي دانهُون دَرد سَنديون، چوندا الله توهار،

جنازو پڙهندَئِي جيءَ مَنجهان، پائر ڳُل پوتار،
ڏِسَندَئِي مُنهُن ۾ موڪلائيندَئِي منا منار،

مُهاڙ ڳَندَئِي مُقام ڏي، ڪٽِي ڪنٽَهار،
هاڻي هو تہ هِتڙي، ٿِيءُ سفر لاءِ تيار،

ڳالهائي سَگهندي ڪِين ڪِي، ڳَندَي دانهُون منا دلدار،
پوءِ سُڪَ ڪندَئِي سامِيءَ ۾ بند اندر پوتار،

دانهُون ڳَندَي درد مَنجهان ٿِي بِيوس يار لاچار،
ڳَرَي اڪيلو وِيندَئِي، سڀ مَٽ توڙي يار،

بَدبُوءِ ٿِيندئي بَدَن ۾، ٿِيندُئِي بَدن يار بيڪار،
ڳَندَي وَس وڏا پر وَرَندُئِي ڪجهہ نہ يار،

راضِي ٿِي رَهڻو پَوَندُئِي مَنجهہ قبرن قطار،
شايد ئِي ڪو تنهنجي لهڻ ايندُئِي سار،
پوءِ آهي ڏِگهو سفر "الله بخش" يار، جو هَيڪَل ٿو هَلڻو پَوَي.[1]

---

1. هيءَ شاعري ادا ڊاڪٽر الله بخش سوڍر جي ان وقت جي آهي جڏهن پاڻ ستين (7) ڪلاس ۾ پڙهندڙ هو. سندس هيءَ شاعري سندس ستين ڪلاس جي ڪاپيءَ تان بنا ڪنهن ترميم جي جيئن جو تيئن لکي اٿم.